ڪلياڻ مارگ

[جلد ٻيو]

قيمت سوا روپيو

ڪپڙي جو جلد ٻه روپيا.

شري پريداس برهمچاري

ڀائو شري پريداس برهمچاري

هيءَ "ڪلياڻ مارگ" جو ٻيو جلد ڀائو شري پريداس برهمچاريءَ جي ٦٣ جنم وار جي شڀ اوسر ٢٤ فيبروري ١٩٦٦ع تي ظاهر ٿي رهيو آهي. انهيءَ ڪري سنڌس جيون تي ٿوري روشني وڌي وڃي ٿي.

ڀائو پريداس جو جنم ٦٣ سال اڳ ٢١ فيبروريءَ ١٩٠٤ع سنڌ ۾ نوشهره فيروز ۾ ٿيو هو. ننڍي ئي سنڌس خيال قوميت ۽ ڌرم ڏانهن لاڙو رکندڙ هئا. ١٩٢٠ع ۾ مهاتما گانڌيءَ جي سڏ تي پڙهڻ ڇڏي قومي ڪارين ۾ لڳي ويو. پوءِ ته سنڌس سارو جيون تياڳ ۽ تپسيا وارو ٿي رهيو آهي.

گرهست ۾ گهڙڻ کان انڪار ڪري ڀائوءَ برهمچريه ورت جو پالن ٿي ڪيو آهي. پنهنجو ننڍڙو ڪٽنب نه بڻائي، سڄيءَ دنيا کي پنهنجو ڪٽنب ٿي سمجهيو اٿس.

ڀائوءَ تي سوامي وويڪانند، پرمهنس شري رامڪرشڻ ۽ سوامي رام تيرٿ جهڙن مهاپرشن جي وچارن جو ڪافي اثر پيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌس جيون ۾ ڌرم جو مکيه ڀرياءُ آهي.

ڀائوءَ ۾ ڌرم ڀڳتي جهجهي آهي ته ديش ڀڳتي ٻه گهٽ ڪانه اٿس. ديش خاطر هو ڪيترا دفعا قيد جا ڪشٽ ڪاٽي آيو آهي، مگر ڪڏهن ٻه اُن عيوض ڪنهن پد يا اُجوري جي چاهنا نه رکي اٿس.

ڀائوءَ ۾ ننڍپڻ کان تعليمي ڪمن لاءِ چاهه ٿي رهيو آهي. سنڌ ۾ خواه اجمير ۾ ڪيترين تعليمي سنستائن سان

پسند پيو ۽ اُنهن پنهنجي پسنديءَ جو اظهار ڪيو ۽ اِئين به ڄاڻايو آهي ته اُن مان هو روزانو ڪجهه نه ڪجهه پڙهي، شانتي پائي، رهيا آهن. اُميد ته جگياسين کي ڪلياڻ مارگ جو هيءُ ٻيو جلد به پسند پوندو.


هن ٻئي جلد ۾ ليکن ۽ پترن ڪانسواءِ ٽيون ڀاڱو ڀڄنن جو به ڏنو ويو آهي، جي به ڀائنءَ جا گهڻي وقت جا لکيل آهن. شعر جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ سان اُنهن مان ڪي اوڻايون نڪري سگهنديون، پر جگياسين کي اُڪري لڙائيءَ سان ڪم ڪونهي. اُنهنڪي ڀڄنن ۾ ٻڌل ڀاوَن مان ئي لاڀ وٺڻو آهي. اُنهيءَ خيال کان اُهي عمدا ئي آهن.

ڀاڙيءَ ۾ اهو ظاهر ڪندي خوشي ٿي ٿئي ته هن پستڪ ڇپائڻ لاءِ ڀائنءَ جي پريمي ۽ شرڌالو ڀائرن خواه ڀينرن اِمداد ڏيکاريو ۽ سهائتا به موڪلي آهي. اُنهنجي پرشارٿ سبب ئي هيءُ سنڌ ۾ پستڪ پڙهندڙن جي هٿن ۾ اچي رهيو آهي. پستڪ جي پرچار جي خيال کان هن مهانگائيءَ جي وقت ۾ به قيمت گهٽ رکي وئي آهي.

اُميد ته پريمي سڄڻ هن پستڪ جي پرچار ۾ مدد ڪندا ته وڪري جي آمدنيءَ مان ڀائنءَ جون وڌيڪ لکيتون ظاهر ڪري سگهبيون.

اجمير
١٩ فبروري [illegible]

شيوا ۾
ڏيپچند ر ايم. اي.



ڀائو شري پريداس برهمچاري

[٦٣ جنم وار - ٢٦ فيبروري ١٩٦٦ع]

جنم ڦڳڻ چوٿ ١٩٦٠ برابر ٢١ فيبروري ١٩٠۴

سنڌس سنبنڌ پڻ رهيو آهي. تعليمي شوق سبب تعليم
جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ هن ڪيترائي سنڌي اسڪولي
ڪتاب به لکيا آهن.

ڀائوءَ ۾ لکڻ جي به چڱي ڏات آهي. ليکک آهي نه
اخبارنويس به. ڪيترائي قومي ۽ ڌرمي ڪتاب سنڌس
ظاهر ٿيل آهن. ڪيترا ڀڄن ۽ گيت به رچيل اٿس. هن
وقت "آتم درشن" رسالو ڪڍي رهيو آهي، جنهن جو
هند، سنڌ ۽ ولائت ۾ خاصو پرچار آهي. ٻارن جي وندر
لاءِ نڪرندڙ "ڦلواڙي" رسالي جو به سمپادڪ آهي.

سڀ کان وڌيڪ ڀائوءَ کي دکين دردرين، ودوائن
۽ اَناٿن لاءِ پيار آهي. سنڌ ۾ خواهه هند ۾ اُنهن جي سهائتا
لاءِ هلندڙ ڪارين ۾ دلچسپي وٺندو رهندو آهي. ڌن
۽ دوائن سان سندن ڏک هلڪي ڪرڻ ۾ وسان ڪين
گهٽائيندو آهي. اِهوئي سبب آهي جو "سڌار سڀا" اجمير
طرفان هلندڙ ڪم ۾ خاصو سات ڏيندو پئي رهيو آهي.

مٿين سڀني ڳالهين کان وڌيڪ ڇڪيندڙ آهي سندس
شخصي جيوت. هو نماڻائيءَ ۽ سادگيءَ جي جٽڪ مورتي
آهي. مٺو ٻولڻ ۽ همدرديءَ جو ورتاءُ نه جٽڪ ورثي ۾
مليل اٿس. ڪيترن ڀائرن ۽ ڀينرن جو سهارو ۽ سونهون
آهي. اعليٰ گڻن سبب نه رڳو اجمير ۾ بلڪ اَنيڪ شهرن
۾ سندس ڪيترائي شردالو ۽ پريمي ڦهليل آهن، جي
منجهانئس شيوا ۽ آتمڪ اُنتيءَ جي پريرڻا ۽ اُتساهه پراپت
ڪندا رهن ٿا.

ايشور شل ڀائوءَ کي وڏي عمر ۽ سٺي صحت بخشي،
جيئن جنتا جي شيوا ۽ ڀلو ڪندو رهي.

ديپچند ر

ڪلياڻ مارگ

[پاڱو ٻيو]

(١)

ڪلياڻ جي راهه

ڪٺ اُپنشد اَڌياتمڪ گيان سان ڀرپور پراچين گرنٿ آهي. اُن ۾ **واجشروَس** نالي رشيءَ جي پٽ **نچڪيتا** ۽ **يم** جي وارتا آيل آهي. رشي مڪتيءَ جي ڪامنا سان پنهنجو سڀ ڪجهه دان ڪرڻ لڳو. دان ۾ هُو اُهي ڳئون به ڏيڻ لڳو، جي ڏٻريون هيون. اِها ڳالهه نچڪيتا کي ڪين وڻي. هُو پيءُ جو لاڏلو پٽ هو. پِٽس جو اُلس آر هو. هن پيءُ کان پڇيو ته مون کي ڪنهن کي دان ڪندا؟ پِٽس ڪن لاتار ڪئي، پر وري وري ساڳئي سوال ڪرڻ تي جواب ڏنائينس ته ”توکي يم کي ڏيندس.“

نچڪيتا يم جي گهر پهتو. در تي وڃي ويٺو. گهر وارن هن رشي پٽر کي پوڄن جي آڄ ڪئي پر هن ڪين کاڌو. يم ٻاهر ويل هو. هو بکيو ٽي رهيو. ٽن ڏينهن بعد يم اُتي آيو ۽ ٻالڪ نچڪيتا کي چيائين ته ”تو مون وٽ اچي کاڌو ڪين کاڌو آهي. ان پاپ جو ڀاڳي نه ٿيان، ان ڪري مان توکي ٽي وَر ڏيان ٿو.

ڪرپا ڪري ٻڌايوم تہ مرڻ بعد ڇا ٿو ٿئي؟ ھن گهر ڇڏي پر آچاريہ شش کي لالچون ڏيئي ٻئي ڪنھن ور گهرڻ لاءِ چوڻ لڳو پر نچڪيتا ڪنھن بہ لالچ ۾ ڪين ڦاٿو. ھو ان ڳالھ تي ئي اڙيو رھيو تہ ور ڏيوم تہ اھو، ڇو تہ دنيا جا سک تہ اج آھن، سڀان ڪين رھندا. اُھي تہ اندرين جو تيج گهٽائي ڇڏيندڙ آھن. ڀوڳن ڀوڳڻ لاءِ عمر بہ تہ دائمي ڪين آھي. ان ڪري اھي سڀ ڌن دولت، سک ڀوڳ وغيره مون کي ڪين گهرجن. ماڻهو امرت اوستا کي پراپت ڪرڻ بدران جاڻي ٻجهي ناسوَنت ڀوڳن جي گهر ڪري تہ ڇا اھا مورکتا ڪين آھي؟ وڏن وڏن ودوانن جي دل اندر جنھن ڳالھ جاڻڻ جي هميشھ جگياسا رھي ٿي، جنھن لاءِ ئي يم، نيم وغيره ساڌن ساڌيا وڃن ٿا، اُن آتما جي روپ جو ئي مون کي گيان ڪرايو.

شش جي نيم (ليز) اچا ڏسي ۽ ھن کي يوڳيہ شش جاڻي، يم آچاريہ چوڻ لڳو تہ ”ھڪڙو شريہ مارگ آھي ۽ ٻيو آھي پريہ مارگ. اُنھن مان جيڪو شريہ مارگ گرھڻ ڪري ٿو، اُن جو ڀلو ٿئي ٿو ۽ جيڪو پريہ مارگ وري ٿو، سو مقصد کان ھٽي وڃي ٿو. ڌير پرش اُھو آھي، جو پريہ مارگ کي ڇڏي شريہ کي ئي وري ٿو. پريہ مارگ سک آرام ۾ رھڻ ۽ ڀوڳ ڀوڳڻ لاءِ ئي آھي. اُوديا ۽ وديا ٻئي ھڪ ٻئي کان جدا آھن. مون کي وشواس ٿيو آھي تہ توکي ھر طرح جون لالچون ۽ لوڀ

جيڪي به چاهين، سي گهرِي وٺ."

هيءَ ڪا اِتهاسڪ ڪهاڻي ڪين آهي، پر النڪار
رشي واجشروس پٽ کي يم يعني ڪال وٽ ڪو
موڪليو هو. نچڪيتا جو ارٿ آهي "جو نه ڄاڻي
يعني جو جگياسو هجي. يم نالو آهي آچاريه يا گر
جو. رگ ويد جي برهمچريه سوڪت ۾ آيو آهي:-
"आचार्यो मृत्युः" "آچاريه (گرو) مرتيو (يم) آهي.
آچاريه وٽ وڃي شش کي پاڻ مٽائڻو پوندو آه
ان ڪري آچاريه کي مرتيو چيل آهي. آچاريه نه رڳ
مرتيو (موت) آهي، پر جنم مرڻ بعد ٻيو جنم ڏ
آهي، تنهن آچاريه شش جو اهنڪار ماري، اُن کي
جنم ڏئي ٿو. ويدڪ ساهتيه ۾ آيو آهي ته آچاريه ش
کي ٽي ڏينهن راتيون پيٽ ۾ سانديو، اُن کي نئو
جنم ڏئي ٿو. نچڪيتا به ٽي ڏينهن راتيون يوجن
ڪري، يم جي گهر رهي، اڳيون روپ وساري، پنه
جو اهنڪار ماري، نئين جنم جي تياري ڪئي هئي
اهڙي جگياسو شش کي ئي گرو سندس من گهر
گيان ڏيڻ لاءِ تيار رهي ٿو.

هن ڪهاڻيءَ جي پاتر نچڪيتا يم جي چوڻ تي پهري
ٻه ور (١) گهر موٽڻ تي پتا جي پرسنتا پراپت ڪرڻ
(٢) سورگ پراپتيءَ جي ساڌن جا گهريا، جي يم يعن
ڪال نه پر يم آچاريه ڪيئس خوشيءَ سان پردان ڪيا.
بعد نچڪيتا سچي جگياسوءَ جيان ٽيون ور اِهو گهريو

کي اَڌياتم يوگ سان ئي پراپت ڪري سگهجي ٿو. اڌياتم يوگ معنيٰ اندرين جو وشين طرف نه وڃي آتما طرف لڳڻ. جڏهن جگياسو اُن پرم پرش کي ڏسي ٿو، تڏهن ڌير بڻجي ٿو، هو خوشي ۽ ڏک ليائي ڇڏي ٿو. سيئي دوندن (مخالفتي جوڙن) کان مٿي رهي ٿو. سون جيڪي ڇيو آهي، اُنجي ٻڌڻ (شروڻ ڪرڻ)، انجي گرهڻ ڪرڻ (منن ڪرڻ)، نه فقط ايترو پر ان جي نِدڌياسن ڪرڻ سان سوکيم برهم جي پراپتي ٿئي ٿي. پوءِ نه آنند ئي آنند آهي. مان سمجهان ٿو نه هي نچڪيتا! تولاءِ دروازو کليو پيو آهي، هاڻي تولاءِ ڪابه رڪاوٽ ڪانه آهي."

هن ريت يم آچاريه يوگيه شش پورن جگياسوءَ کي شريه مارگ تي وٺي هلي ٿو. هي شريه مارگ ئي سچي آنند جي ڏيڻ وارو آهي. هيءُ ئي ڪلياڻ مارگ آهي. هيءُ ئي شِو مارگ آهي. پريه مارگ، دنيا جي سکن ڀوڳڻ جو مارگ ڏسڻ ۾ وڻندڙ آهي؛ جيئو اُن ۾ الوڙون ماڻي ٿو، پر اُنهن ڀوڳ پدارٿن مان سدائين لاءِ ڪنهنکي بہ ترپتي ڪانه ٿي آهي. اِهي سک ڀوڳ ئي اگنيءَ ۾ گيهه وجهڻ برابر آهن. اُهي حال نه مزو ڏين ٿا، پر اُنهن جي پٺيان زهريلو نانگ پنهنجي ڏنگ هڻڻ لاءِ ويٺو ئي آهي. ڪال ڪنڌ تي سوار آهي. جيون بي بقا آهي. دم تي ڀروسو ڪونه آهي. دنيا ۾ شاهه شهنشاهه، ڪئين قابل پنڊت، پير پيغمبر وغيره آيا ۽ آخر ڪُوچ

موهين ڪين ٿا ۽ ٿوڪي پريه مارگ ٿي هلڻ پسند
آهي. دنيا ۾ ڪئين ڀاڱ ڪي پنڊت سمجهندڙ اُود
قائل آهن، جن کي پريه مارگ پسند آهي. اُهي
انڌي کي وامت ڏيکاريندڙن" جيان آهن. اُنهن
شوچ، سنتوش، تپ، سواڌياءِ، ايشور پرڻيڌان، ا
سنيه، برهمچريه، اُپريگره وغيره يم ۽ نيم ڪين ٿا
اُنهن کي پرلوڪ جي پرواهه ڪانه آهي. اهڙا پريه
ٿي هلندڙ وري وري جمن ۽ مرن ٿا. ڪيترن ته
مارگ بابت ٻڌو به ڪونه آهي. جن وري ٻڌو آه
تن مان به گهڻن اُن کي جاڻو ڪين آهي. اُن جو
ڪندڙ به ڪو ورلو آهي. اُن جو حاصل ڪندڙ
ڪشل ٿو ٿئي. ڪشل گروءَ جي اُپديش سان ڪو
ٿي اُن کي ڄاڻي ٿو. ڪيترو به چنتن ڇو نه ڪجي
ساڌارڻ گروءَ جي اُپديش سان اُن کي ڄاڻي نٿو سگه
ٿئي ڪنهن (ست گروءَ) جي ٻڌائڻ ٻنان ڪو به ان
۾ اڳتي وڌي نٿو سگهي. اُهو سوکيم آهي. اُهو من
واڻيءَ کان پري اِندرين اَگوچر آهي. ترڪ (دليلباز
سان اُن کي ڄاڻي نٿو سگهجي. ٿو جهڙو ڪو سنيه
ڪو جڪ جگياسو ئي اُن کي پائي سگهي ٿو. مان ج
ٿو ته هي ڌن دولت، مال ملڪيت بي بقا، بي
آهن. اُنهن سان لافاني، سدا استر برهم پراپت ٿي
سگهي. اُن جو درشن بلڪل تڪليف سان ٿو پراپت
اُهو اُن غفا ۾ لڪل آهي، جتي پهچڻ ڪٺن آهي

۽ اهو سڀ ڪجهه وساري، پاڻ کي دائم قائم سمجهي، سنسار جا سک ڀوڳي ڀوڳيندو ٿو رهي. اِها ويسر ئي دکن جو ڪارڻ آهي. اسين جيڪڏهن نتيه سک ٿا چاهيون، جي اسين دائمي جيئڻ ٿا گهرون ته اسان کي گهرج آهي نچڪيتا واريءَ جگياسا جي.

”پيڙ ڀاڻا پيئي، لو نه ڦٻنديون ڳالهڙيون؛
سچيون راڻيون سوهڻن، پر سڪان ڏيئي؛
سيــان سپئي، پــار پڇندءَ خبرون.“

هيءَ ڳالهه اسان کي دل اندر وهارڻي پوندي. جڏهن نچڪيتا يم آچاريه کان ٻيو ور گهريو ته موت کي ڏوندن (مخالفتي جوڙن سکن دکن، گرميءَ سرديءَ، ميلاپ وڇوڙي وغيره) کان ڇٽي سرڳ يا مدامي سک حاصل ڪرڻ جي وات ڏسيو، تڏهن يم آچاريه **نچڪيتا اگني** پيدا ڪئي ۽ ٻڌايائينس ته اها تنهنجي نالي سان سڏبي. اها نچڪيتا اگني آهي جگياسا جي باهه يا مڪتيءَ جي اِڇا.

جيسين اسين سنساري سکن جا طالب رهنداسين، جيسين اسين وشيه ڀوڳن پٺيان ديوانا ۽ مستانا ٿي ڀٽڪندا رهنداسين، جيسين اسان کي دنيوي بي بقا وستن جي پراپتيءَ جي تمنا رهندي، تيسين اسين اصلي ماڳ کان وانجيا ئي رهنداسين.

سڀئي ننڊ ۾ رهي نه پنهل وڃايائين؛ سومل سُتي

ڪري ويا. موت جي چنبي ڪان ڪو بہ ڪون
آهي. ان ڪري اُپنشدن جا رشي آگاهہ ڪندا ر
تہ منش جنم پائي، اُن ۾ پنهنجي جيون جي مقصد
سمجهي، آتم کي نہ ڄاڻي تہ تنهنجو جيون ورٿا و
ڪري اُٿ، اُٿي هن جنم ۾ ئي اُن کي پائڻ جـ
ڪر. ڪوڏيءَ بدلي هيرن ماڻڪن جهڙا جيون
ضايع نہ ڪر. هاڻي نہ تہ ڪڏهن نہ. "اب نهين
ڪب نهين."

هيءَ مارگ پهرين ڏسڻ ۾ سوڙهو، اونداهو ۽
سان ڀرپور آهي، پر اڳتي هلي روشن، مهان ڪ
۽ تمام آنند دائڪ آهي. فقط گهرج آهي نڇڪيتا (جگيـ
واريءَ دل جي.

(۲)

نڇڪيتا واري دل

اسان مان هر ڪو ڪلياڻ ٿو چاهي؛ سک جو ڪ
آهي؛ پنهنجو ڀلو ٿو گهري. چاهي ٿو تہ اُهو آنند
جو ڪڏهن بہ ختم نہ ٿئي. هر ڪو منش ئي نہ، پر ه
جيوُ جنت بہ سک ٿو طلبي. اُن سان گڏ هر ڪو د
جيون ٿو چاهي. ڪو بہ مرڻ ڪونہ ٿو گهري. ڏسي
تہ هتان هر ڪو هليو پيو وڃي، جڳ مسافرخانو آه
هيءَ مانجهاندي جو ماڳ آهي. اُن ڏسندي سمجه

"جيڪي حاصل ڪري مان، امر ٿئي ٿي سگهان، اُهو وٺي مان ڇا ڪنديس؟ سوامي! امر بڻجڻ جو رهسيه جيڪو اوهين ڄاڻو ٿا، اُهوئي مون کي ڏيو." مئتريئي نمرتا سان اها وينتي ڪئي.

اهائي جگياسوءَ جي دل، سنيه پائڻ جي لمنا آهي، جنهن ڪري نچڪيتا جيان مئتري دنيا جي ڌن دولت کي لت ٿي هڻي؛ ان حالت ۾ ئي ڪانڌ قرب وچان کيس راز کولي ٻڌائي ٿو ته "اسين جن کي به پيار ڪريون ٿا، جن لاءِ به محبت پيدا ٿئيئون ٿي، جن کي ملڻ لاءِ ماندا ٿيون ٿا، سو سڀ آتما لاءِ ئي پريه آهي. ان ۾ پنهنجي پاڻ پسڻ، ان کي پنهنجي سمجهڻ سان ئي انهن سان دل لڳي ٿي." ان ڪري ٻڌائيس ٿو ته "هي مئتري! اُن کي ڏس، اُن کي ٻڌ. آتما کي ڏسڻ، ٻڌڻ، سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ سان سڀ ڳنڍيون کلي پون ٿيون. سڀ راز نروار ٿي وڃن ٿا. اُن پنهنجي اندر جي آتما کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪين آهي. جيڪو برهم شڪتيءَ کي آتما کان جدا ٿو ڄاڻي، تنهن کي برهمي شڪتي ٺياڳي ٿي ڇڏي."

اِن ريت ياگيه ولڪيه مئتريءَ کي اُهي راز ويهي سمجهايا، جن سان هن جا سڀ سنسا مٽجي ويا ۽ آتم آنند ۾ ترپت ٿي ويئي.

اُها مئتريءَ واري دل اسان کي به کهرجي، جو سنيه کي سمجهڻ ۽ پائڻ لاءِ سيني سکن کي وهه برابر ڄاڻون

رهي ته راڻو رسي ويس؛ ليلا مٺي تي موهت ٿي
ڇنبسر ڪسان هٿ ڌوئڻا پيس. هن راهه ۾ هلڻ لاء
مٺين کي مچ ۾ وجهي، ڌن دولت، مان شان کان م
موڙي، نندوَن حرام ڪري ڀاڻ پچائڻو آهي. هنئين
هنان ڪڍي هُٿ رکڻو آهي. پيرن سان نه، پر ش
صاحب ٿو چوي ته هنئين سان پنڌ ڪرڻو آهي:-

" هل هنئين سين هوت ڏي، پيرين پنڌ وس
قاصدائي ڪار، ڪين رسائي ڪيچ ڪي

هنئي ته سومل جيان "حال قربان، مال قربا
ڏهوريان لاهڻو" ڪرڻو آهي.

برهدار ڏيک اُپنشد ۾ ڪتا آهي ته **ياگيه ولڪ**
رشيءَ کي ٻه ڌرمپتنيون **مئتري** ۽ **ڪاتيايني** هيو
اُنهن سان رهندي هن کي ويراڳ پيدا ٿيو ۽ آشرم ڇڏ
وڃڻ وقت مئتريءَ کي چوڻ لڳو ته "مان گرهس
آشرم ۾ وڌيڪ رهڻ نٿو چاهيان. مان وڌيڪ اُنت
ڪرڻ ٿو گهران. هاڻي اڄ تائين گهر ۾ جيڪي آهي،
ٻنهي کي ورهائي ڏيان."

مئتريءَ وراڻيو ته "ڀڳوَن! جيڪڏهن سڄي ڀرتو
ڌن دولت سان ڀرپور ٿي منهنجي ٻڌجي وڃي ته
اُن سان آءٌ امر بڻبيس؟"

ياگيه ولڪيه چيو- "نه. اُن سان ته تنهنجي جيوَ
سک آرام سان گذرندي. ڌن دولت، مايا ملڪي
سان امرتا حاصل ڪرڻ جي آشا رکي نٿي سگهجي.

پنڌ ڪري چڪو هجي ۽ جو جگياسوءَ کي ان روحاني راهه تان پنڌ ڪرائي. منزل مقصود تي پهچائڻ ڪاڻ جنهن رهبر جي ضرورت ٿئي ٿي، اُن کي چئجي ٿو سنگرو. سنگرو معنيٰ سچو گرو. گرو لفظ جي اکري معنيٰ آهي اونده ۾ روشني ڪندڙ. جيڪو جگياسوءَ جو ديهه اڌياس نواري، گيان جو ڏيئو ٻاري، ست وستوءَ ۾ وشواس ڄمائي، آتم جو ديدار ڪرائي، آتم آنند ڪرائي، سوئي آهي سنگرو.

ائين برابر آهي ته ٻيو ڪو به ڪجهه سيکاري نٿو سگهي، پر جيڪي اندر آهي، تنهن کي رڳو ٻاهر ڪولي سگهي ٿو. ماچيس جي تيليءَ ۾ روشني اڳ ئي آهي، پر اُنکي رڳڙڻ کان سواءِ روشني ڪانه ملندي؛ تيئن آتم پڇاڻ واسطي به اهڙيءَ رڳڙ لاءِ گروءَ جي ضرورت آهي. پر پاٽي جيئن ڇاٽي پيئڻ کپي، تيئن گرو به ڇاٽي ڪرڻ کپي. اهڙي گروءَ ۾ وشواس يا شرڌا جي اُني ضرورت آهي؛ ڇو ته جيئن ڪنهن شهر ۾ پهچڻ لاءِ ٻن رستن جي مرڪز تي پهچڻ بعد ڪنهن رهبر کان شهر جي راهه پڇي، ان تي وشواس رکي جڏهن وڃبو، تڏهن وڃي اُن شهر ۾ پهچبو، نه ته وري وري رلڻو پوندو ۽ شهر به مشڪل هٿ ايندو. تيئن سچي شهر يعني آنندگام ۾ ايشور ڌام کي جنهن پاتو آهي، تنهنجي چوڻ تي هلڻ سان ئي آتم راهه تي هلي، مقصد تي پهچي سگهبو. رواجيءَ ريت به دنيا ۾ جنگ جي ميدان تي لشڪر

ءَ شاهه جي وچنن کي ياد رکون ته

”ٽٽيءَ ٽڏيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي
مٿان ٿئي اونداهه، پيرُ نه ڏسين پرينءَ جو

(۳)

سنگروءَ جي ضرورت

يم آچاريه نچڪيتا کي چوي ٿو ته ”شريه (ڪلي
مارگ جو بيان ڪندڙ ڪو ورلو آهي. اُن جو حا
ڪندڙ ڪو ڪشل ٿو ٿئي. ڪشل گروءَ جي اُپد
سان ئي ڪو ورلو ان کي ڄاڻي ٿو. ڪيترو به چ
چونه ڪجي ته به ساڌارڻ گروءَ جي اُپديش سان اُ
ڄاڻي نٿو سگهجي. ٻئي ڪنهن (سنگروءَ) جي ٻڌائڻ
ڪو به ان گيان ۾ اڳتي وڌي نٿو سگهي.“

هن اُپديش ۾ سنگروءَ جي ضرورت ڏيکاريل و
آهي. اِنسان سنسار ۾ جيڪي به ڪم سکي ٿو، تنهن
ڪنهن اُستاد جي، ڪنهن سيکاريندڙ جي ضرو
رهيس ٿي. اکري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ماستر ج
گهرج پوي ٿي. هنري سکيا سکڻ لاءِ به ڪو اُس
ضروري ٿئي ٿو. ڪنهن شهر ۾ پهچڻ لاءِ ڪنهن را
ڏيکاريندڙ يا ٻڌائيندڙ جي گهرج رهي ٿي. ساڳيءَ ر
آتمڪ راهه ۾ پنڌ ڪرڻ واسطي جگياسوءَ کي ڪنهن
رهبر يا سونهين جي ضرورت ٿئي ٿي، جو اُن راهه

وڌندڙ ٻڌجي هزارن جي اڄ لاهي ٿو. ساڳيءَ طرح شاسترن ۾ اٿاه گيان روپي پاڻيءَ جو ڀنڊار رهي ٿو، مگر اهو ڪنهن ستسنگ يا مهاپرش دواران حاصل ٿيڻ بنا ڪارو ۽ اڻ وڌندڙ لڳندو. جي وڌندو ته به ڪيترين ڳالهيون پوريءَ ريت سمجهه ۾ ڪين وهنديون ۽ دل ۽ دماغ لاءِ سور ۽ مونجهارو ٻڌجي پونديون. ان لاءِ ئي ستسنگ جي ضرورت ڇني ويئي آهي.

ستسنگ اهو جو سچيءَ معنيٰ ۾ گرو هجي ۽ نڪي گهرو. اهڙي ستسنگ جي آگيا جي پالنا لاءِ ئي لکيو ويو آهي؛ پر ان جي معنيٰ اها نه آهي ته سداچار تان ڪيرائيندڙ آگيائن جو به پالن ڪجي. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڳالهه ڪري ٿو ته اهو ستسنگ ٿي ئي نٿو سگهي.

سچي ستسنگ جي مهما ۾ سامي صاحب فرمائين ٿا:-

"ستگر جهڙو شاهه، ڪونهه ڏٺوسين ڪاٿهين؛
پرچي ڏنو جنهن پنهنجو، آتم ڏن اٿاهه؛
نڪي پڇيائين جات پات، نڪي پڇيائين راهه؛
ڪري مــن اڇاهه، سامي چڙهيائين چــن ۾."

ڪي سيناپتيءَ جي کهڙي ۽ حڪم تي وشواس رک هلڻو پوي ٿو. وشواس نه رکندو ته لشڪر هار کائيندو نيپولين بوناپارٽ لشڪر کي حڪم ڪيو ته ڪاهي ۾ ٽپو. هنن ڇهو مهيو ۽ ڪاهيءَ جي پرچڻ تي باقي بچيل لشڪر ڪاهي لنگهي پار ويو ۽ سوپ پاتائين؛ ڇو ته ٻئي پاسي کان دشمن جي ڪاهه ٿيندي ٿي آئي. ساڳيءَ طرح روحاني جنگ جي ميدان ۾ به ضروري آهي گروءَ جي چوڻ موجب اڻ ڏٺي بابت وشواس رکجي ائين شرڌا سان پنڌ ڪرڻ ۽ جنگ جوٽڻ سان فتح ٿيندي

سوال آنند وت شاسترن کي ٿي ڇو نه گرو مڃجي ديهه ڌاري گروءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

جواب اهو آهي ته جيڪڏهن شاسترن ۾ به ماڻهو جو اٿاهه وشواس آهي ته اُن مان به اُن کي ست مارگ سچو آنند پراپت ٿئي ٿو؛ پر جڏهن رواجيءَ ريت هرهڪ ڪم سکڻ لاءِ ان ۾ ڪي رنڊڪون نه پون، تنهن لا ڪنهن رهبر جي ضرورت رهي ٿي، تيئن آتم مار ۾ به ڪنهن رهبر جي ضرورت رهي ٿي. ست شاستر ۾ برابر اُهيئي وچن رهن ٿا، جيڪي ڪنهن ست پرش دواران ٻڌجن ٿا، پر اُنهن جي وچ ۾ تفاوت آهي. سمن ۾ پاڻي آهي، پر اهو کارو پاڻي ماڻهوءَ جي پياس ٻجهائي ڪين سگهندو ۽ نڪي ڪير پيئڻ گهرندو؛ مگر گرميءَ سبب اهو ساڳيو پاڻي جڏهن ٻاڦ ٿي آسمان وڃي ڪڪر ٻڌجي مينهن ٿي وسي ٿو، تڏهن مٺو ر

سهارو آهي. اُهو پرم آڌار آهي. اُن سهاري کي ڄاڻي منش برهم لوڪ ۾ مهان بڻجن ٿا."

اِن ريت يم آچاريه شش کي برهم جو ورڻن ڪري ٻڌايو ۽ ان بعد ڪيس آتما جو گيان ڪرائڻ لاءِ چوڻ لڳو ته "چيتن آتما نه پيدا ٿئي ٿو ۽ نه مري ٿو. نه پيدا ٿيو آهي ۽ نڪي اڳ ڪڏهن پيدا ٿيو هو (اصل کان قائم آهي). آتما اَجنما (نه ڄمندڙ)، نتيه، ابناسي ۽ اَنادي (اصل کان آهي). شرير جي ناس ٿيڻ سان اُنجو ناس نٿو ٿئي. جيڪڏهن ڪو ماريندڙ سمجهي ٿو ته مان ماريان ٿو ۽ جيڪڏهن ڪو مرندڙ سمجهي ٿو ته مان مران ٿو، ته اهي ٻئي اگيان ۾ آهن. ڇاڪاڻ ته اُهو (آتما) نه ماري ٿو ۽ نه مري ٿو. منش جي اَندر هردي ۾ سوکيم کان سوکيم ۽ مهان کان مهان آتما لڪل آهي. اُن آتما جي مهما کي پرڀوءَ جي ڪرپا سان آتم گيان ۽ شوڪ رهت پُرش ئي ڄاڻي سگهي ٿو. اُهو (آتما) دور وڃي ٿو. بنا مستيءَ مست سڀ پاسي گهمي ٿو. اُن نراهار آتم ديو کي مون (گيانيءَ) بنا ٻيو نٿو ڄاڻي سگهي. اُهو شريرن اندر بنا شرير جي موجود آهي. ٻين بنا روپن ۾ لافاني (نتيه) ٿي رهي ٿو. اِن ريت ڌير پرش اُن سرو شڪتيوان آتما کي ڄاڻي، ڪابه چنتا ڪين ڪندا آهن. اهو آتما وڏن وڏن وياکياڻن ڏواران نٿو ملي، دليلن سان حاصل نٿو ٿئي ۽ نڪي گهڻن شاسترن جي پڙهڻ سان پراپت ٿئي ٿو. جنهن کي هو پنهنجو

(۴)

برهم ۽ آتما

كلياڻ مارگ ۾ اڳتي وڪ وڌائڻ لاءِ ڀرين ضرو
آهي آتم ڪرپا جي، ٻي گرو ڪرپا جي ۽ ٽين ايس
ڪرپا جي. رواجيءَ ريت ته هر ويل، هر هنڌ، هر
۾ ايشور ڪرپا هر پراڻيءَ تي ٿيندي رهي ٿي، پر
جي پرم ڪرپا لاءِ ڀرين ضرورت آهي ڀرين
ڪرپائن جي.

نچڪيتا سچو جگياسو ٻٽي، سيني سکن ڀوڳن ج
لالچ ڪي لت هڻي هئي ۽ ان ريت هن آتم ڪ
حاصل ڪئي هئي. هن جي ويراڳ ورتي ۽ نشنا ڏس
يم آچاريه گرو به اُنس پرسن ٿيو هو ۽ هر طرح جا
ڪيس ڏسڻ لڳو هو. اهري ديالو گروءَ کان نچڪ
وينتي ڪري پڇڻ لڳو ته "جيڪو ڌرم ۽ اڌرم کا
ڪرم ۽ اڪرم کان، ماضيءَ ۽ مستقبل کان پري آهي
تنهن لاءِ مون کي ٻڌايو."

گروءَ چيو ته "سيئي ويد جنهنجي وياکيا ڪن ٿ
سيئي تپسوي جنهن جي تپسيا ڪن ٿا ۽ جنهن ک
چاهيندي ٻنتي لوڪ برهمچريه ڌارن ڪن ٿا، اهو
توکي ٻڌايان ٿو. اهو آهي "اوم". اُهوئي اکشر بر
آهي. اُهو پر برهم آهي. اُن ئي اکشر کي جاڻي جيڪ
جيڪي چاهي ٿو، اُهو ان کي پراپت ٿئي ٿو. اُهو اُ

ڪوبہ رنگ روپ ڪونہ آهي؛ سوکيم ۽ سوکيم شڪتي
هي؛ تنهنجو رواجيءَ حالت ۾ درشن ڪيئن ٿيندو؟ هوا
ر هنڌ هر جاءِ موجود آهي، سا بہ اسان کي ڏسڻ ۾
ڪانہ ٿي اچي؛ اُها جڏهن لڳي ٿي، تڏهن ئي اسين
ها محسوس ڪريون ٿا. پٿر، لوهہ، ڪاٺ وغيره ۾
گني (باهہ) موجود آهي، پر اُها بہ اسين ڪين ٿا
سون. اُنهن کي زور سان رڳڙڻ سان ئي اُنهن مان
گنيءَ جو درشن ٿئي ٿو. اَهڙيءَ سرهہ جي سنهڙن داڻن
بجن) اندر اُنهن جا بوٽا ۽ ڦل موجود آهن، پر زمين ۾
جهي پاڻيءَ ڏيڻ کان سواءِ اُنهن کي ڏسي ڪين ٿا
سگهون. کير ۾ مکڻ موجود آهي، پر رواجيءَ حالت ۾
ن کي ڏسي نٿو سگهجي. جڏهن کير جمائي ولوڙيون
ٿا، تڏهن ئي اُن مان مکڻ جدا ٿئي ٿو ۽ تڏهن ئي اُن
جو درشن پسون ٿا. اسان جون اکيون اسان جي شرير
اندر ئي آهن؛ اُنهن اکين سان اسين سڀڪجهہ ڏسون ٿا،
ر خود پنهنجن اُنهن اکين کي پسي نہ ٿا سگهون. برهم
۽ تہ اسان کان نيارو ڪين آهي، اسان جو پنهنجو پاڻ
ـسي آهي، تنهن پنهنجي پاڻ کي هنن اکين سان ڪيئن
ڏسي سگهبو؟ "وڻن اَقرب ويجهو وسي ٿو، ڏسُ
رينءَ جو اِهو ئي." پنبڻين جا وار اکين کي ويجهي ۾
ويجها آهن، تن جو بہ تہ ديدار اکين کي نٿو ٿئي. اِن
سان ثابت آهي تہ جيڪا ويجهي ۾ ويجهي وستو آهي،
جا پاڻ کان جدا نہ آهي، تنهنکي پسي نٿو سگهجي؛

ڪري ٿو (جنهن تي سندس ڪرپا ٿئي ٿي)، ان تي
ان آتما جو پرڪاش ٿئي ٿو يعني ان کي سندس ديدار
ٿئي ٿو. پر جيڪو درآچار تان هٽيو نه آهي، چنچل
آهي، استر بدي نه آهي، اَشانت چت وارو آهي، اهو
اُن کي پراپت ڪري نٿو سگهي. اهو بدّيءَ دواران ب
ان کي پائي نٿو سگهي. براهم (Constructive) ۽
ڪاشتريه (Destructive) شڪتيون، جنجو هيءُ سنسار نتيجو
آهي، سي سندس پٽ مثل آهن ۽ موت چٽڻيءَ برابر
(هو ٻنهي کي ڳرڪائي ناس ڪندڙ آهي). اُن باري ۾
ڪير ڄاڻي سگهي ٿو؟"

اِن ريت يم آچاريه شش کي ٻڌائي ٿو ته برهم ۽ آتما
اجر امر اننت ۽ مها شڪتيوان آهن. اُن کي ڄاڻڻ لاءِ
دليلبازي، پنڊتائي وغيره ڪم ڪين اچي سگهنديون
پر اُن کي پائڻ لاءِ ڪپي پريو ڪرپا ۽ اها پريو ڪرپا
آتم ڪرپا ۽ گرو ڪرپا ٿيڻ بنا حاصل ٿيڻ محال آهي.

(۵)

درشن جو اَڌڪاري ڪير؟

برهم اننت آهي، سرو شڪتيوان آهي، هر جاءِ هر
ويل سمايل آهي، ان کان خالي ڪابه وٿ ڪانه آهي،
ان هوندي به اُن جو درشن ڪونه ٿو ٿئي، سو ڇو؟
جواب اهو آهي ته پرماتما يا برهم نراڪار آهي، اُنکي

ڪانڊي ۽ گيان ڪانڊي پنهنجي پنهنجي پوڄن (سنبيہ)
مگن رهن ٿا (پنهنجي پنهنجي گيان کي نيڪ ڄاڻن ٿا).
ــن مان گياني ڄڻڪ اُس ۾ ۽ ڪرم ڪانڊي چاڻو ۾
ن ٿا. هڪڙا (ڪرم ڪانڊي) هوَن يگيہ ڪري پار
ڻ گهرن ٿا ۽ ٻيا (گياني) ٻرهم کي ڄاڻڻ گهرن ٿا؛ پر
ن کي پار ڪرڻ واسطي ڪرم ڪانڊ پل ڪين آهي.
ڪيت اگني (گيان ڪانڊ) سان ئي اُن کي پراپت
ـري سگهجي ٿو." ان گيان ڪانڊ جو اڌڪاري
يڻن ٻڌجي، ان لاءِ يسم آچاريہ چوي ٿو تہ "من کي
س ۾ رکجي." اُن واسطي رٿ جو مثال ڏيئي ٻڌائي
و تہ "آتما کي رٿ جو سوامي ڄاڻ ۽ ديهہ کي رٿ
جهہ، ٻڌيءَ کي سارٿي ۽ من کي لغام، اِندريون اُن
ت جا گهوڙا ۽ وشيون اُنهن گهوڙن جا هلڻ لاءِ رستا
ــن. اِندرين ۽ من کي گياني يوڪتا ڪوٺين ٿا. پر
ڪي ٻڌيوان نہ آهن، تن جو من سدائين چنچل رهي
. اُنهن جون اِندريون وس ۾ نہ ٿيون رهن. جيئن ڏنگا
ڙا سارٿيءَ جي وس ۾ نہ رهندا آهن. پر جيڪي
هو ٻڌيوان هوندا آهن، سي سدائين اِستر ٻڌيءَ وارا
ندا آهن ۽ اُنهن جون اِندريون سدائين وس ۾ رهنديون
ن؛ جيئن گهوڙا اُتم سارٿيءَ جي وس ۾ رهندا آهن.
منش جو من وس ۾ نہ آهي ۽ جيڪي اَپوتر رهن
، اُهي پرم ڌام کي ڪين پائين ۽ سنسار ۾ ئي گتا رهنتا
ڄنم مرڻ جي چڪر کان ڪڏهن ڇوٽڪارو ڪونہ ٿئي).

تڏهن اُها شڪتيءَ جا رنگ روپ رهت، نراڪار
سوکشم ۾ سوکشم آهي ۽ پنهنجو آتم ديوُ آهي، تنهن
درشن هن رواجي اکين سان ڪيئن ٿي سگهندو؟ ي
آچاريه ته نچڪيتا کي ٻڌايو ته ”ويد اَڀياس، شاسترن ج
جاڻ، وڏيءَ ودوتا، ليڪچرن، دليلبازيءَ يا گهڻ
چنتن سان اُن کي جاڻي ڪين سگهبو. اُن کي دراچاريءَ
اَشانت، بشن مباحثن ۾ قاتل ۽ چنچل چت وارو پراپ
ڪري ڪين سگهندو.“ اِن لاءِ مهاتمائون مثال ڏيندا آه
ته جيئن درياه ۾ لهرون لڳنديون هونديون آهن يعني
جو پاڻي چنچل هوندو آهي ته اُن ۾ پنهنجو پاڇو ن
ڪين ايندو آهي؛ پاڻيءَ مٿان گند ڪچرو هوندو آه
ته اُن ۾ به پنهنجو پاڇو پسي ڪين سگهبو آهي، تي
آهي دراچاريءَ جو چت گندي پاڻيءَ مثل، ۽ اَشانت
چنچل چت لهرون هڻندڙ درياه جيان. بشن مباحثن
قاتل کي به من جي شانتي نٿي رهي. ان ڪري پهر
ضرورت آهي ته جيئن درسنيءَ ۾ پنهنجو منهن ڏس
هوندو آهي ته اُن کي اُگهي اُن جي مٿل هٽائڻي پوندي
آهي، ليڪن پهرين اندر جي آرسي وڪارن روپي مٽ
(گند) کان ڌوئي صاف ڪجي؛ نه رڳو صاف ڪجي
پر اُن سان گڏ اها اِستر هجي، اُن جي چنچلتا دور ٿئي
اُن ۾ سنڪلپن وڪلپن روپي لهرون نه لڳنديون هجن
اڇائون ۽ ترشنائون اُن کي چلائمان نه بڻائينديون هجن
اِن لاءِ يم آچاريه نچڪيتا کي وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته ”ڪ

(٦)

مل ۽ وڪشيپ

آتم گيان، برهم جي ڄاڻ، پنهنجي پڇاڻ يا آتم ديدار، [ڪ]ن کي ڇا به ڇڏجي، اُن جي پراپتيءَ واسطي ڇيل آهي [ت]ہ ٽي پردا مل، وڪشيپ ۽ آورڻ هٽائڻا آهن.

١. مل:- مل جو ارٿ آهي مئل، گند ڪچرو، پاپ يا گناهہ. جنم جنمانترن ۾ جيڪو ڪيترن ئي وشيہ وڪارن ۾ ڦاسي اندر کي ميرو بڻائي ٿو، پاپن ۾ جڪڙجي ٿو. جنهن پاڻيءَ مٿان گند ڪچرو هوندو آهي يا درسنيءَ مٿان مٽي چڙهيل هوندي آهي، ليڪن ٿي آهي اُهو مل يا پاپن جو گند، جو پهرين پهرين ڌوئي صاف ڪرڻو آهي.

٢. وڪشيپ:- وڪشيپ معنيٰ من جي چنچلتا. هي [ٻ]يہ من جو دوش آهي. اندرين جي من سميت ٻاهر يعني وشين ڏانهن ڊوڙ آهي. وڪشيپ درياهہ ۾ لڳندڙ لهرن سمان آهي.

وشيہ وڪار آهن اندرين جون وشيون رس، روپ، گندهہ، شبد ۽ سپرش. **رس** جي وس ٿي زبان ڪيترا پاپ ڪرائي ٿي. مڇي ڪنڍيءَ سان اٽڪيل ڪاڏي جي رس ۾ اچي ان ۾ ڦاسي ٿي. **روپ** اکين جي وشيہ آهي. اکيون ڪئين بريون ڳالهيون ڏسڻ گهرن ٿيون، بين کي بريءَ يا ڪامي نظر سان ڏسڻ چاهين ٿيون. اُن

”جيڪو ماڻهو گياني، سڃي من وارو، پوتر چت آھ
اُن کي ئي برھم جي پراپتي ٿئي ٿي؛ جنھن بعد اُ
جنم مرڻ جي چڪر ۾ نٿو اچي. جنھن ماڻھوءَ جي بُ
سارٿي آھي، من لغام؛ جو پھنجي مارگ جو پار پا
ٿو، سو ڀڳوان جي پرم ڌام کي پائي ٿو.“ ان مثال
يم راج سمجھائي ٿو ته ”اندرين کان سندن وشي
زبردست آھن، وشين کان من زور وارو آھي، من
بڌي پرڌان آھي، بڌيءَ کان مھان آھي شڌ آتما ۽
کان پري آھي پرش (پرماتما). اِن پرش کان وڌ
ڪو ڪونه آھي. اھائي آخرين حد آھي، اِھائي
گتي آھي. اُھو سڀني پراڻين ۾ لڪل آھي. ظاھر
ٿئي (جاڻ ۾ نٿو اچي)، پر سوکيم بڌيءَ وارا اُن
ڏسي سگھن ٿا.“

اِن ريت يم آچاريه پريو درشن جي اڌڪاريءَ
ڪجھ لڇڻ بيان ڪيا، جن ۾ مکيه آھن اندر جي شڌ
(شڌ ھردو) ۽ استر بڌي. اِنھيءَ شڌتا ۽ استرتا بنا اُ
پراپتي محال آھي، ان بنا سنسار چڪر مان ڇٽڻ
آھي.

ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا:-

”تن ٿر، من ٿر، وچن ٿر، سرت نرت ٿر ھ
ڪھ ڪبير تھان پلڪ ڪو، ڪلپ نه پائي ڪوءِ
يعني ھر طرح جي استرتا بنا ڪلپن تائين به پر
کي پائي نٿو سگھجي.

منش جا وڏا دشمن آهن ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار. اهي پنجئي ويري نه ماريندا سين ته اَندر اوُجل ڪين ٿيندو ۽ اسين ڪئين پاپ ڪندا رهنداسين. ان ڪري گرو نانڪ صاحب جن جپ صاحب ۾ فرمائين ٿا:-

پريئي هٿ پير تــن ديهه،
پاڻي ڌوتــي اُترس کيهه؛
مــوُت پليتي ڪپڙ هـــوءِ،
دي صابڻ لئيئي اوهه ڌوءِ؛
پريئي مت پاپان کي سنــگ،
او ڌوپي ناوان کي رنــگ.

”هٿ پير يا بدن گند سان ڀرجي ٿو ته اُهو پاڻيءَ سان ڌوئڻ وڃي ٿو. پيشاب وغيره ۾ ڪپڙو گندو ٿي پوي ٿو ته صابڻ سان ڌوئي صاف ڪجي ٿو؛ پر گروجن خبردار ڪندي چون ٿا ته پنهنجو من پاپن سان پليت (اَشد) نه ڪر؛ اُهو ڏاڍو ڏکيو صاف ٿيڻو آهي. اهو نام جي رنگ ۾ رڱڻ کان سواءِ صاف ٿي نٿو سگهي.“

پر اهو نام جو رنگ ڀلا ڪيئن چڙهي ۽ من جي چنچلتا دور ٿيڻ بنا ڪين چڙهڻو آهي. اندرين ۽ من جون ورتيون جيستائين ٻاهر ڊوڙون پائيندڙيون رهنديون، تيستائين نام ۾ دل ڪيئن لڳندي؟ شريمد ڀڳوت گيتا ۾ آيو آهي ته من هلڻ ۾ هوا کان به تکو آهي ۽ کن ۾ ڪٿي

روپ جي ڪشش ۾ اچي پتنگ جوت لي ڇڪج
جلي جان ڏئي ٿو. نڪ جي وشيہ آهي **گنڌ** يعن
خوشبوءِ، جا بہ وڪاري خيال جاڳائيندڙ آهي. ي
ڪمل جي سُگنڌ تي مست ٿي، اُن ۾ ويهي، سي
وساري وهي ٿو ۽ شام جو اُن جي ٻوٽڻ تي ج
گنوائي ٿو. **شبد** ڪن جي وشيہ آهي. مرليءَ ج
مڌر آواز جي وس ٿي نانگ جوڳيءَ جي چنبي ۾ ڦا
ٿو ۽ هرڻ سرندي جي آواز تي موهت ٿي، ماريءَ
شڪار ٿئي ٿو. **سپرش** يعني ميلاپ يا ڪام جي
جي وس ٿي هاٿي هاٿڻ جي نقلي ٻوتي کي ڏس
اَنڌ وڃان اُن تي ڪاهي وڃي ٿو ۽ اُن هيٺان کو
ڍڪيل کوهہ ۾ ڪري، جان ڏئي ٿو. اِهي سڀ وشي
جانيون گنوائيندڙ آهن.

جڳت گرو شري شنڪر آچاريہ مهاراج جن جو چ
آهي تہ اُنهن جيون مان هرهڪ هڪ وشيہ ج
وس ٿي پنهنجي جان کوهي ٿو؛ پر اِنسان جو سي
وشين جو غلام بڻجي ٿو، تنهنجا ڪهڙا برحال ٿين
سو ذرا ويچار ڪري ڏسڻ کپي.

اِنهن وڪارن وشين جي غلامي ئي جيوَ کي چوراسي
جي چڪر ۾ ڦيرائيندي رهي ٿي. انهن کان مڪ
پاڻ بنا جيوَ جو هردو صاف ٿيڻو ڪين آهي ۽ اُن اَ
جي اوُجلتا بنا منش برهم درشن جو اَڌڪاري بڻج
نٿو سگهي.

وچار پيدا ڪجن. ان واسطي مهاتمائون ۽ ڌرم شاستر چون ٿا ته شڀ ڏسو، شڀ ٻڌو، شڀ اڀياس ڪريو، شڀ چنتن ڪريو. من کي اُتم وچارن واري ٻڌائڻ واسطي، اُن کي موڙي اُنتيءَ جي راهه ۾ وٺي هلائڻ واري ٻڌائڻ ڪاڻ ضروري آهي ستسنگ ۽ ست شاسترن جو اڀياس. جتي ست پرشن جو سنگ نه ملي، اُتي ست شاسترن (سد گرنٿن) جو سواڌياءِ ئي ستسنگ سمجهڻ کپي.

شري مد ڀڳوت گيتا ۾ تيز هلندڙ من کي وس ڪرڻ جا اُپاءَ ٻڌايل آهن ويراڳ ۽ اڀياس. ويراڳ جي معنيٰ آهي راڳ (پيار يا آسڪتيءَ) جو نه هئڻ يا گهٽائي ۽ اڀياس جي معنيٰ آهي ورِي ورِي ڪرڻ. دنيا جي هر هڪ وستوءَ جي وڪارن (خرابين) ۽ ٻي جتائيءَ جي من کي ورِي ورِي ڄاڻ ڪرائڻ سان اُن وستوءَ لاءِ گهٽائي پيدا ٿيندي ۽ اُنهن مان اهڙِي نه ٻچان ايندِي، جو من اُنهن وشين ڏانهن نه ويندو. ستسنگ ۽ سواڌياءِ (ست شاسترن جو اڀياس) به اِن لاءِ ئي آهي ته ست اَست جي ڄاڻ ٿئي ۽ اَست لاءِ ويراڳ ڀاونا پيدا ٿئي.

جو کٿي وجهو پهچي. اُن کي وس ڪرڻ جي پهر
ضرورت آهي. جيستائين اُهو من نہ مٺو آهي يعني جيس
اُهو سنڪلپ وڪلپ ڪندو رهي ٿو، تيستائين ما
آشائن، ڪامنائن ۽ ترشنائن جي نوڙ سان ٻڌجي دک سک
پوئبيندو، چوراسيءَ جي چڪر ۾ ڦرندو رهندو.

जलेन जनितं पंकं, जलेन परिशुद्ध्यति ।
चित्तेन जायते पापं, चित्तेन परिशुद्ध्यति ॥

هن سنسڪرت جي نيتي سلوڪ جو ارٿ مشهو
هندي ڪوي شري هرديال جن هن ريت ڪيو آهي

جل ڪر ڪردم اُپجي هئہ - جل ڪر پنڪ وناش
من ڪر اُپجت پاپ ڪل - من ڪر هي اگهہ ناش

يعني پاڻيءَ ڪري ئي گپ پيدا ٿيندي آهي
پاڻيءَ سان ئي اُها صاف ٿيندي آهي؛ ليڪن من مـ
ئي پاپ پيدا ٿيندو آهي ۽ من سان ئي پاپ ناس ٿيند
آهي.

مطلب تہ من ئي ماڻهوءَ جو دوست ۽ من ئي اُن ج
دشمن آهي؛ من ئي پاپ جي اُپتيءَ ۽ اُن جي ناس
ڪرڻ جو ساڌن آهي.

اهو من آهي ڇا؟ من آهي ئي ويچارن جو مجموع
يا پنڊار. اُهو من اوچ ويچارن سان اُنتيءَ جي راهہ ت
وني هلي ٿو ۽ نيچ ويچارن سان درگتيءَ ۽ زواليـ
ڏاهن نـئي ٿو. اِن ڪري ضروري آهي تہ من ۾ اُ

ڏيندا، جنهن اپديش کي سمجهي هي ارجن! تون وري
موهت نه ٿيندين (اگيان ۾ نه پوندين). تون سمورا جيوَ
آتما ۾ ڏسندين ۽ مون ۾ به سڀني پراڻين کي ڏسندين."
يعني گيان جي پراپتي ۽ وشين وڪارن ۽ پاپن کان ڇوٽڪارا
لاءِ پهرين ستسنگ بلڪل ضروري آهي. شاسترن ۾
آيل آچي ٿو:-

सत्संगत्वे निःसंगत्वे निःसंगत्वे निर्मोहत्वं ।
निर्मोहत्वे निश्चलत्वं निश्चलत्वे जीवनमुक्तिः ॥

"ستسنگ سان ويراڳ جي پراپتي ٿئي ٿي؛ ويراڳ
سان منش جو موهه نشٽ ٿئي ٿو؛ موهه جي نشٽ سان من جي
شانتي پراپت ٿئي ٿي ۽ اُن شانت من سان جيوَن مڪتي
ملي ٿي."

اِهو ستسنگ ئي آهي، جنهن سان منش مهان بڻجي
ٿو. بنا ستسنگ ۽ سواڌياءِ جي ڪو به مهاپرش ڪونه بڻيو
آهي. ڀاڳوت ۾ شري ڪرشن ڀڳوان اوڌوَ کي چيو ٿو
ته "هي اوڌوَ! سڀني دوشن کان بچائيندڙ ستسنگ سان
جيئن مان وس ٿيان ٿو، اهڙو يوگ، سانکيه، ڌرم، پاٺ،
تيرٿ ۽ يم نيم دوارا نٿو ٿيان. ستسنگ دوارا الڳ
الڳ يگن ۾ دئيت، راڪس، مرگ، پکي، اپسرائون،
گنڌرو، سڌ، چارڻ، گيهڪ ۽ ودياڌر، منشن ۾ ويش،
شودر ۽ استريون ۽ راجس تامس سڀاءَ وارا جيوَ ورتراسر،
پرهلاد، وڀيشڻ، سگريو، هنومان، جاموَنت، گج، گرڙ،

(٧)

ستسنگ

هڪ جگياسوءَ هڪ مهاتما کان پڇيو تہ ”ڪهڙيءَ ريت پرماتما جي پراپتي ٿيندي؟“

چيائين، ”بابا! ستسنگ، سواڌيايہ ۽ ڌيان سان.“

ست شاسترن ۾ مڪتيءَ جي پراپتيءَ لاءِ شروڻ، منن ۽ ندڌياسن ساڌن ٻڌايا ويا آهن يعني سنتن مهاتمائن جي مکاروند مان پرمارٿ جا وچن ٻڌڻ، اُنهجو منن ڪجي، اُنهن ڪي ويچار جي ۽ آخر ۾ اُنهن جو ڌيان ڪجي.

مهاتما جو ٻڌايل سواڌيايہ يعني ست شاسترن جو اڀياس بہ ستسنگ جو ٻيو روپ آهي. ست شاستر بہ رشين منين، ساڌن سنتن جي جيوت جو ولوڙيل سار روپي گيان ئي آهن. اِن ڪري ڏهاڙي نت پرت ستسنگ ڀرين ۽ مکيہ آهي.

مل ۽ وڪشيپ جي دور ڪرڻ لاءِ ستسنگ ۽ سواڌيايہ جو اُپاءُ اڳ ٻڌايو ويو آهي. ستسنگ جي باري ۾ شري ڪرشن ڀڳوان ارجن کي چوٿين اڌياءَ جي ٣٤ ۽ ٣٥ شلوڪن ۾ چوي ٿو تہ ”گيان (ست ۽ است جي جاڻ) گيانين کي نمسڪار ڪرڻ، ڪانئن پڇا ڪرڻ ۽ سندن شيوا ڪرڻ سان وٺانئن سگھ. جيڪي گيانوان (مهاتمائون) سڀ پسند ڙ آهن، سي توکي اُنهيءَ گيان جو اُپديش

سنگ ۾ لوھ سون ٿي پوندو آهي، ليڪن سنتن جي سنگ ۾ ڪبير ملي رام جو روپ ٿي ويو آهي.“

سنتن جي سنگ جي مهما اِها آهي جو چون ٿا:-

”پارس اؤر سنت ۾ ايڪ آنتر جان،
وو لوها ڪنچن ڪري، وھ ڪرت آپ سمان.“

پارس ۽ سنت ۾ اهو ڀيد آهي جو پارس تہ لوھ کي سون بڻائي ڇڏيندو آهي (مگر اُن کي پاڻ جهڙو پارس ڪين بڻائيندو آهي)، مگر سنت تہ جگياسوءَ کي پاڻ جهڙو بڻائي ڇڏيندو آهي.

گرو ارجن ديو جن تہ ستسنگ جي مهما ڳائيندي ڪين ٿڪا آهن. هڪ هنڌ فرمائين ٿا:-

بسر گئي سڀ تات پرائي،
جب تي ساڌ سنگت موھ پائي.
ناڪو بئري نهي بگانا،
سگل سنگ هم ڪئُ بن آئي.
جو پربهه ڪينو، سو ڀل مانيو،
ايھ سمت ساڌو تي پائي.
سڀ مهہ رو رهئا پربهه ايڪئي،
پيک پيک نانڪ بگسائي.“

ارٿات- ”جڏهن کان سنتن جو سنگ مليم، تڏهن کان پرائي تات وسري ويم. تڏهن ڪوبہ ويري يا ڌاريو ڪونہ سمجهڻ لڳس ۽ سڀني سان رلي ملي پيو هلان.

لااڙ، وياڌ، برج جون گوپيون، يڪش پتنيون ۽ اهڙا ڪيترا منهنجي پد کي پراپت ٿيا آهن.“

مطلب ته ويد شاستر ۽ رشي مني، ساڌو مهاتمائون ته ستسنگ جي مهما ڳائيندي تڪجن ئي نٿا. پڳت ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا:-

گنگا ڪي سنگ سلتا بگڙي،
سو سلتا گنگا هوءِ نبڙي.
بگڙئو ڪبيرا رام دهائي،
ساچ پڇئو آن ڪتهه نه جائي.
چندن ڪي سنگ ترؤر بگڙئو،
سو ترؤر چندن هوءِ نبڙيو.
پارس ڪي سنگ تانبا بگڙئو،
سو تانبا ڪنچن هوءِ نبڙيو.
سنتن سنگ ڪبيرا بگڙئو،
سو ڪبير رامي هوءِ نبڙيو.

يعني ”ندي جڏهن گنگا سان وڃي گڏجي ٿي، تڏهن اُها گنگا جو روپ ٿي وڃي ٿي. ڪبير صاحب جن چون ٿا ته مون کي رام جو قسم آهي ته ٻئي ڪنهن هنڌ وڃي مان ٻئي ڪنهن سان نه مليو آهيان پر سنتن جي سنگ ۾ ئي مون کي رنگ لڳو آهي. جيئن چندن جي سنگ ۾ وارا وڻ به چندن بڻجي پوندا آهن ۽ جيئن پارس جي

۾." هن جو ارٿ ڇا آهي؟ اڳ ير آچاريه رٿ ۽ اُن جي گهوڙن جو مثال ڏيئي من ۽ اِندرين جو بيان ڪيو آهي. سنسار ۾ گيان به آهي ته اگيان به. من ۽ اِندريون گيان ۾ به جڙيل سگهن ٿيون ته اگيان سان به. اگيان يا اوديا سان جڙڻ معنيٰ پريه يا سنساري سک يوڳن جو رستو اَپنائڻ (اختيار ڪرڻ) ۽ گيان سان جڙڻ معنيٰ شريه يا ڪلياڻ جي رستي سان نينهن جوڙڻ. هن موجب گيان آتما سان جڙڻ معنيٰ ڪلياڻ (گيان) جي راهه اختيار ڪرڻ. اِن رستي منش مهان آتما بڻجي ٿو ۽ آخر ۾ شانت آتما؛ يعني اُن کي پرم شانتي پراپت ٿئي ٿي.

انهيءَ ڪلياڻ جي رستي ۾ هلڻ لاءِ يم آچاريه کيس چوي ٿو ته "اُٿ، جاڳ! مهان آتمائن کي پائي (اُنهن جي سنگ مان) گيان پراپت ڪر. هي مارگ تيز ڇريءَ جي ڌار تي هلڻ سمان ڪٺن آهي. ودوان چون ٿا ته هي مارگ ڏکيو آهي؛ جنهن جو واٽيءَ سان بيان نٿو ڪري سگهجي، جنهن کي ڇهڻ سان جاڻي نٿو سگهجي؛ جو روپ، وڪار، رس ۽ گند رهت، اَنادي ۽ سوکيم پر ڪرتيءَ کان پرم آهي، اُن کي جاڻي، منش موت جي منهن مان ڇٽي وڃي ٿو، يعني موکش کي پائي ٿو." انهيءَ پرم کي پائي موت کان ڇٽڻ يا موکش پائڻ جي راهه ڪا سولي ڪانه آهي. يم آچاريه آگاهه ٿو ڪري ته هيءَ تيز ڇريءَ تي هلڻ جي راهه آهي.

ساڌن جي سنگ مان ئي اها سمتي حاصل ٿي اٿم، جو
جيڪي بہ ڀريو ڪري پيو، تنھن ۾ پلائي پيو مڃان. اِھ
بہ چاڻ ٿي اٿم تہ سڀ ۾ ھڪ ڀر ۾ رمي رهيو آهي ۽
اِهو ڏسي خوش پيو ٿيان."

اهڙو آهي اُتم سنتن جو سنگ يا ستسنگ. پر ستسنگ
اُھو جو ست سان، ست سروپ پرمارٿ سان سنگ
ڪرائيندڙ هجي ۽ لڪي راڳن روپن، سازن سرودن تي
موهي، وڪارن جي ٻن ۾ ڦٽڪائيندڙ. ڪن رس بہ
ڪيرائيندڙ آهي. پنجن وڪارن ۾ شبد بہ ھڪ وڪار
ئي ٻڌايل آهي. مرليءَ جي آواز تي نانگ سڌ ٻڌ وڃائي
پاڻ جوڳيءَ جي قيد ۾ قابو ٿيندو آهي. هرڻ سرندي
جي ساز تي رِيجهي پنهنجي جان گنوائيندو آهي. ان
ڪري ستسنگ جي پرک هئڻ ضروري آهي.

(٨)

دکن چانئبن راھ

يم آچاريہ لڇڪيتا کي سمجهايو تہ سداچاري ۽ استر
چت جڳياسوئي برهم جو درشن ڪري سگهي ٿو، ان
لاءِ سوکيم ٻڌيءَ جي ضرورت آهي. برهم جي وديڪ
گيان ڪرائڻ ۽ اُن جي پراپتيءَ لاءِ ٻڌائي ٿو تہ "من ۽
واڻي ايڪاگر ڪري گيان آتما ۾ جوڙجي؛ گيان آتما کي
وري مهان آتما ۾ جوڙجي ۽ مهان آتما کي شانت آتما

(٩)

برهم گيان

ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا:-

”آنک ڪان مک مُوند ڪي، نام نرنجن ليھ؛
انتر ڪا مک تب ڪُلي،
جب باهر ڪا پٽ ديھ.“

ساڳي ڳالھ شاھ ڪريم بلڙيءَ وارو چوي ٿو:-

”وائي وڃيم شال، ڪنن سڻن کين سُڻان؛
پلو ڪري پال، جو اکين ڪان انڌو ٿيان.“

هن جو مطلب ڇا آهي؟ هن جو رهسيه ظاهر آهي ته اندرين جي باهرين وهڪ بند ٿئي ۽ اُهي باهرين ورتيون بند ڪري، انترمک بڻجن. ان لاءِ يم آچاريه چوي ٿو ته ”ڀڳوان جون بڻايل اندريون باهرئين طرف ويندڙ آهن. اُهي ٻين طرف وڃڻ جاڳن ٿيون؛ اَنتر آتما جي طرف نٿيون نهارين. مگر ڪو ورلو اَمرت (مڪتيءَ) کي چاهيندڙ ڌير پرش اُنهن اَکين کي باهرئين طرف کان ٻوٽي، اَنتر آتما کي ڏسي ٿو. مورک لوڪ وشين طرف ڊوڙن ٿا ۽ اُهي ڪال جي ڄار ۾ ڦاسن ٿا؛ پر ڌير پرش پرم ڌام موکش کي ڄاڻي، اَنتيه (فاني) پدارٿن ۾ نهچل ڌام جي اڇا ۽ ڪامنا نٿا ڪن. روپ، رس، گنڌ، شبد، سپرش ۽ ميلاپ (ڪامي ڀوڳ) کي

”عشق ناهي راند جو ڪيائينس ڳيرو،
سسي نيزي پاند، اُڇل ته اڏ ٿئي.“

”سرتيون سڄي سج، مٿان ڪاھُون سين هاي
پاڻي ناهه، پنڌ گهڻو، اڳيان رائو رڳي رج.
”ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهڻي، جت وائن ٽي واري
آڏا لڪ لطيف چئي، ٻر سڄن ٻاري......
”ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهڻي، جت ماڻر مٿاهين
سُڄن ٿا سيد چئي، اُت مرون مهائين.......“

شاه صاحب جا اهي وچن اسان کي آگاه ٿا ڪن
خبردار ٿي هن پڙ ۾ پير ڌر.

مهرشي اروند گهوش پڻ پنهنجي ”آهانا“
ڪوتائن جي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته ”منهنجو رستو ڪنڊن
۽ پٿرين سان ڇانيل، دکن ۽ ڪشٽن سان ڀريل آهي
جنهن لئي پهرين هلڻ ڏکيو، پر پوءِ آنند دائي آهي
آهي ڪو جو مون ساڻ گڏ هلندو؟“

يم آچاريه به ان ڪري ساوڌان ڪندي چوي ٿو ت
ڪلياڻ جو ڪانکي آهين، ته هن چريءَ جي ڌار تي
سنڀالي پير ڌر ۽ ان لاءِ ڪنهن ڄاڻو رهبر کي هٿ ڏيئي
وک وڌاءِ. پر هيڪر وک وڌائين ته هيڏانهن هوڏانهن
نه نهار. هلندو هل، هلندو هل.

”وڏيو وڇج واٽ، ڪنڌ ۾ ڦيرج ڪاڏهين،
مٿان لوڏي پر لپاٽ، لکيئي شاهه لطيف چوي“

[گياني لائين ئي جاڳي ٿو]. جيئن ٻن ڪاٺين ۾ آڳ لڪل
رهي ٿي، جئن گرڀڻين جي گرڀ ۾ ٻار لڪل رهي ٿو،
تيئن ئي اُهو آتما آهي، جنهنجو برهم گياني ڌيان ڪن
ٿا؛ جنهنجي پرتاپ سان سڄ اُڀري ٿو ۽ لهي ٿو؛ سڀ
ديوَ اُن جي شڪتيءَ ۾ سمايل آهن؛ اُن جو ڪو به ديوتا
پار پائي نٿو سگهي. اُن جي نيم جو ڪو به اُلنگهن نٿو
ڪري سگهي. اُهوئي برهم آهي. جيڪو برهم هت
آهي، اُهوئي سورج ۾ به آهي. جيڪو سورج ۾ موجود
آهي، سوئي هن لوڪ ۾ به. [اُن جي ئي سَتا سان
سڀ ڪجهه ٽِڪي رهيو آهي]. جيڪو وشوَ ۾ گهڻا پرميشور
ٿو مڃي، تنهنجو حقيقي موت ٿو ٿئي. مَن سان اُن هڪ
جي پرليتي ٿئي ٿي (اِندرين سان نه). اِندرين سان ته
گهڻائي نظر ٿي اچي، جا حقيقت نه آهي. اَنيڪتا
(گهڻائيءَ) جو ڏسڻ موت آهي. اُهو آڱوٺي جيترو
(بلڪل سوکم) پرش پنهنجي سروپ ۾ رهي ٿو. اُهو
ماضيءَ ۽ مستقبل جو مالڪ آهي (اڳ به هو، هاڻي به
آهي ۽ پوءِ به هوندو). جيڪو اُن برهم کي ائين جاڻي
ٿو، تنهنجا شڪ مٽجي وڃن ٿا. جئن جبل جي چوٽيءَ
ي وسيل مينهن جو پاڻي جبل جي چئني پاسي وهي
وڃي ٿو؛ پر ماڻهو اُن هڪ پاڻيءَ کي جدا جدا
سمجهن ٿا؛ اهڙيءَ ريت (اِندرين جي جدا جدا) ڪرمن
ڪي ڏسي، ماڻهو سمجهي ٿو ته سنسار ۾ ايڪتا نه آهي
۽ هو ايڪتا جي پٺيان ڊوڙي ٿو. جئن شڌ جل، شڌ

پنهنجي ڪا ستا ڪانه آهي. اهو جو انهن سپني ڪ
هلائي رهيو آهي، سو جيڪڏهن پنهنجو هٿ ڪي
وٺي ته انهن جي چرڻ به نه ٿي سگهندي. اهو نه ر
ته ڇا ڪجهه بچي سگهي ٿو؟ اصل ۾ اهوئي حقيقي
(Ultimate reality) آهي؛ جنهن ڪري منش سپ
جي اَنت (سپني جي جڳت) ۽ جاگرت جي ليلا، ٻن
اوستائن کي ڏسي ٿو. اُن مهان سمرٿ آتما کي جا
ڏير پرش ڪو به شوڪ (ڏک) ڪين ڪندا آهن.
ميناج چکندڙ (چاهيندڙ) ۽ اُن ميناج طرف ويندڙ آهي
وشين جي ميناج پنيان ڪڙاڻ لڪل آهي؛ مگر برهم
ميناج درجي بدرجي وڏيڪ مدر معلوم ٿيندو وڃي
جيڪو اُن سپاءَ کي ويجهو وڃي جاڻي ٿو، سو پنهنج
ماضيءَ ۽ مستقبل جو مالڪ بڻجي وڃي ٿو ۽ ورِي
کي بدنامي حاصل نٿي ٿئي. اَصلي ستا اِندرين ج
نه، پر آتما جي آهي. پرميشور تپ سان پهرين ئ
پرگهٽ ٿيو ۽ وايُومئه (Gaseous) جڳت کان به اڳ ه
جيڪو غفا ۾ گهڙِي رهڻ واري پريوءَ، سپني پراڻين ج
پالن ڪندڙ کي ڏسي ٿو، نشچي اهو آتما هي آهي
(يعني آتما سپني پراڻين جي اندر وسي ٿو) اِئ
جاڻي ٿو. جا ديوتامئه آديه (سورج يا پرڪاش
شڪتي آهي؛ جا پراڻن سان جاڳي وڃي ٿي؛ جا سپ
جڳت سان پرگهٽ ٿئي ٿي؛ الهيءَ گپت رهندڙ شڪتي
کي جيڪو ايشور جاڻيٿو، سو پڪ ئي اهو آتما آهي

ڪي هلائيندڙ آتما کي جاڻي ٿو؛ اهو مڪت ٿي وڃي ٿو. اهو ديهه ۾ رهندڙ آتما جڏهن نڪري ٿو وڃي، تڏهن ڪجهه بہ نٿو رهي. ڪو بہ پراڻ سان ۽ نہ اَپان (ٻاهر نڪرندڙ سواس) سان جيئرو ٿو رهي. سڀ پراڻ آتما سان ئي زنده رهن ٿا. پراڻ ۽ اَپان بہ اُن جي ئي آڌار تي رهن ٿا. مرڻ بعد ڪهڙي گتي ٿي ٿئي، سو بہ ٻڌ. جنهن جهڙو ڪرم ۽ گيان رهي ٿو، اُن موجب ئي هو نئين جوڻ وٺي ٿو. پر پرم پرش، جو سمهيلن ۾ جاڳندڙ (سڀني جو گياتا)، ليجسوي ۽ اَمر آهي، سڀ لوڪ جنهن جي آڌار تي آهن، اُن جو ثاني ڪو ڪونہ آهي. جيئن اَگني سڀني ۾ موجود آهي، پر هرهڪ ۾ اُن جو روپ ٿي رهي ٿي؛ جيئن وايو سڀني ۾ اُنهن جي روپ ۾ موجود آهي؛ تيئن انتر آتما سڀني ۾ اُنهن جي روپ ۾ موجود آهي. جيئن سورج دنيا جي اک آهي، پر ٻاهرين اکين جي دوش رهت آهي، تيئن اَنتر آتما سڀني جو ساکي سڀني جي اَندر ٻاهر آهي، پر سڀني دوش رهت آهي. اهو هڪ سڀني جي اندر ٻاهر سڀني کي نيم ۾ هلائيندڙ آهي. سڀني جو ساکي آهي. گهڻن ئي روپن ۾ قسمين قسمين وَستون پيدا ڪندو رهي ٿو. ٻڌيوان اُن کي پنهنجي اندر ڏسن ٿا. اهڙن کي ئي اَوناشي سک ملي ٿو ۽ نہ ٻين کي. جو اَنيہ پدارٿن ۾ نيہ (برهم) وسي ٿو، جو چيتن کي جاڻي ٿو، جو ئي ڪرمن جي ڦل جو رچيندڙ آهي، اُن کي جيڪي ڏير

جل ۾ وڌو وڃي ٿو ته هڪ ٿي وڃي ٿو، اهڙيءَ ر
شڌ آتما (گياني) پرماتما جي شڌ سروپ سان ملي
سروپ ٿي وڃي ٿو."

---

(۱۰)

ڙهيءَ منجهه ڙهي

ڙهيءَ منجهه ڙهي، تنهن ۾ ڙهي دوس ج
پاڻ ڙهيءَ کون پار ٿي، چاڙهي ڏس چڙه
پيچي پرم گهڙي، نات ملي نج نات سا

هن ديهيءَ اندر هردي روپي گهر آهي، جنهن
اندر آتما جو نواس آستان آهي. اُنهيءَ ديهيءَ کان
چاڙهي چڙهي ڏس. هن ديه جا ڪومت ٽوڙ (د
اڌياس ڇڏ) ته برهم سان ملي وڃين.

هن ريت شاسترن ۽ مهاتمائن ديه ۽ اُن اندر وسن
آتما جو بيان پڻ ڪيو آهي. شرير کي آتما جو نوا
استان، ڀڳوان جو مندر ۽ ٻين ڪيترن نالن سان ڪو
اٿن. يم آچاريه اُن لاءِ چوي ٿو ته "سرل شڌ چت و
يعني جنهن جا مل ۽ وڪشيپ دوش دور ٿي چڪا آه
سو ديهيءَ کي يارهن دروازن (پنجن گيان اِندرين، پن
ڪرم اندرين ۽ يارهين من) واري آتما جي رهڻ
پري (نگري) چاڻي، اُن کي وس ۾ ڪري ٿو ۽

وڃي اهو ڄاڻن ٿا.

شريمد ڀڳوت گيتا ۾ پپر جي وڻ جو ورڻن آيو آهي.
سائڳيو مثال ڀم آچاريہ ڏيئي سمجهائي ٿو ته "اهو سنائن (سدائين قائم - پراڻو) پپر جو وڻ آهي، جنهنجون پاڙون مٿي ۽ شاخون هيٺ آهن." اهو پراڻو سدائين قائم دائم پپر جو وڻ آهي سارو جڳت يا هي وشو جو پسارو. اُن جون پاڙون يعني پيدائشي بنياد آهي برهم، جو لٽيہ آهي. اُن جون شاخون هيٺ آهن يعني هي سارو پسارو اُن جو آهي. ادويت جو هي دويت مہ نظارو آهي.

"وحدتا ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل؛
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي م ڀل؛
هي هلا چو هل، با الله سندو سڄڻين."

"ڪوڙئين ڪايائون ٿنهنجون، لڪن لک هزار؛
جيءُ سيڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارون ڏار."

هي سڀ اُن برهم، ٽٽيہ سروپ جو ئي وستار آهي؛ اُن برهم جو ئي ورامت درشن آهي.

اِن لاءِ يم آچاريہ وڌيڪ ٻڌائيس ٿو ته "اهو برهم اَمرت آنند مہ جيو وڃي ٿو. سڀني لوڪن جو آڌار آهي. اهو برهم ئي جاٽرط جو ڳجو آهي. هي جيڪو ٻہ ڦهليل جڳت آهي، اهو پراڻ سروپ برهم ۾ ئي ڪرياوان آهي. جيڪو اِهو ڄاڻي ٿو، سو مڪت ٿيڄي ٿو. اُن برهم جي ئي ڀؤ سبب اگني تپي ٿي؛ اِندر ۽ وايو ٻہ

آتما ڏسن ٿا، ان کي نتيجي شانتي پراپت ٿئي ٿي
ڀين کي. اُن پرميشور ۾ سڀ ڪجهه چمڪي؛ اُن کي
ءِ تارا پرڪاشت نٿا ڪن؛ نڪي بجليون اُن کي ر
ڪن ٿيون؛ نڪي اگني وري اُن کي روشني ڪ
ڪري سگهندي؟ حقيقت ۾ اُن جي چمڪ سان
سڄو وشو چمڪي رهيو آهي؛ سندس جوتيءَ
ئي سارو جڳت انيڪ نمونن ۾ روشن ٿئي ٿو؛ اُ
سڀني کي آنند ڏيندڙ آهي."

"انڌا ڪين ڏسن، پرتڪ پرميشور کي؛
پرم منجهه پائي ڪري، پوندڙ ٿا پنڌڪن؛
سنهه سڌ سهي ڪيو، سامي سجاڳن؛
رتا رنگ رهن، ڏئيت وڃائي دل جي."

(۱۱)

سنائن ورکش

"سرڳ ۾ نرڳ، ورلو ڪو گرمک لکي
سامي جنهن کي سنگروءَ، پالو گيان انجر
ڪبي مٺل مڻن، سوڌو رهي سياءَ ۾
(سامي

اڌ ياتمڪ گيان بلڪل اُپٽيو آهي. هي وڏن ڳوڙ
رهبن سان ڀرپور آهي. ڪي ورلا ٿي اُن ۾ او

سندس سڀ سنسا نواري، ڏيهه اڌياس دور ڪري، ڪيس جيون مڪتيءَ جو پاڳي بڻايائين ۽ ان لاءِ آخرين اُپديش ۾ پرم راز کولي ڪيس ٻڌائي ٿو- ”برهم جو درشن آتم لوڪ، پتر لوڪ، گنڌرو لوڪ ۽ برهم لوڪ ۾ ٿئي ٿو. آتم لوڪ يعني پنهنجي اندر برهم جو درشن ائين ٿو ٿئي، جئن درسنيءَ ۾ پنهنجو پاڇو نظر ايندو آهي. پتر لوڪ ۾ ڀڳوان جو درشن ائين ٿيندو آهي، جئن سپني ۾ ڪجهه ڏسبو آهي. گنڌرو لوڪ ۾ درشن ائين ٿيندو آهي، جئن جل ۾ ڪو پدارٿ ڏسبو آهي ۽ برهم لوڪ ۾ اهڙو درشن ٿيندو آهي، جئن ڇانو ۽ اُس.“ هن ۾ پتر لوڪ جو ارٿ آهي پڻن ڪري مليل جنم. اُن شڀ جنم ۾ سپنن جي صورتن جيان هري ڪرپا جون لهرون سنمک نظر اينديون آهن. گنڌرو لوڪ يعني پڪتي ڀاونا ۾ مگن جيون. اُن اوستا ۾ جئن نرمل (صاف) پاڻيءَ ۾ پدارٿ نظر ايندا آهن، تئن برهم جو درشن ٿي سگهي ٿو. آتما آهي [انهيءَ آستڪ بڌيءَ سان] اُهو پراپت ڪري سگهجي ٿو. ٻيا (ناستڪ يعني اُن ڪي نه مڃيندڙ) اُن ڪي پائي نٿا سگهن. (ڪيس پائڻ لاءِ سندس هستيءَ ۾ وشواس جي پهرين ضرورت آهي. ”آتما آهي“ اهڙي تتو ڀاونا (يٿارٿ گيان) سان اُن ڪي جاڻڻ گهرجي يا وشواس ۽ گيان ٻنهي سان جاڻڻ گهرجي. جن آتم وشواس سان اُن جو ساڪيالڪار (درشن) ڪيو آهي، اُنهن جو گيان ڪلي وڃي ٿو. جڏهن منش جي

اُن جي پيو سان ڪم ڪن ٿا، مرڻيو به اُن جي پيو
پئجندو رهي ٿو يعني اُن جي نيم سان ئي سيڪ
پيو ٿئي. شرير جي ڇٽڻ کان اڳ هن جن
ئي اُن کي جاتو وڃي نه نيڪ، نه ته ڪ
ٿائين لوڪن ۾ جنم ڌارن ڪندو رهندو.

اِن ريت ليم آچاريه منش ديهيءَ جي قدر ڪر
اُن جي اُديش آتم گيان جي پراپتيءَ يا برهم د
پائڻ لاءِ آگاهه ڪري ٿو.

"**سامي**" جن چون ٿا:-

"مانڪ جنم اَمول، ڪنهن پاتو پُورن پن
سو پيو ساگر جي پيڙ ۾، ريڙهي ڪرم رو
سامي سنتن سان ملي، لهه آتم پد اڏو
هر هر اهڙو نول، هٿ ايندءِ ڪين ڪي

—•—

(۱۲)

مڪتي مارگ

"ڪامل ڪرم ڪيو، ٿڌهن اڪيون ڪلي آيو
ڏسي پنهنجي پاڻ ڪي، سيتل من ٿيو
سنسو آلم جيءَ جو، سو وڃُون سڀ وڃ
پاسي ڪين ٻيو، سامي ڇٽي سروپ ري

گُرو ديو جي نيڪينا تي اُها پرم ڪرپا ٿي،

ٿئي وڃن ٿا ۽ پرم گتيءَ جي پراپتي ٿئي ٿي، اِهو اسان کي نشچو هئڻ گهرجي.

(١٣)

ويريه رکيا ۽ پريو پراپتي

ڪٺ اُپنشد جي ڇهينءَ وليءَ جي ١٧ منتر جي آخر ۾ آيو آهي ته "اُهوئي شڪر (ويريه) آهي، اُهوئي **امرت** (پرماتما) آهي." **يجرويد** ۾ به چيل آهي "اُهوئي ويريه آهي، اُهوئي ايشور آهي."

هن جو مطلب اِهو آهي ته نه فقط سنتان جي پيدائش لاِن ويريه مان ٿئي ٿي پر خود اهو ويريه ئي پرماتما آهي يعني پرماتما جي پراپتي ويريه رکيا سان ٿئي ٿي. ان لاءِ **ڇاندوگيه اُپنشد** ۾ اچي ٿو ته "جنهن کي يگيه ٿا چون، سو برهمچريه ئي آهي. برهمچريه سان ئي گياني برهم کي پائين ٿا. برهمچريه ئي دان وغيره يڄ ڪرم آهي. برهمچريه سان ئي پوڄا ڪري اُپاسڪ آتما کي پراپت ڪن ٿا. برهمچريه سان ئي آلم اُپاسڪ رکيا پراپت ڪن ٿا. جنهن کي مؤن ڪونيو ٿو وڃي، سو به برهمچريه ئي آهي. برهمچريه سان ئي اُپاسڪ آتما کي جاڻي پرميشور جي سروپ جو منن ڪن ٿا." مطلب ته ويدن، اُپنشدن وغيره شاسترن ۾ ڇپي ڇپي تي ڏيکاريل آهي ته ان برهمچريه سان ئي ماڻهو پرماتما کي

هردي ۾ رهندڙ سمورين ڪامنائون ناس ٿـي و
ٿيون، تڏهن هي مرندڙ انسان اَمر ۽ مڪت بڻجي و
ٿو. اُن اوستا ۾ هو برهم جو انڀؤ ڪري ٿو. جڏ
هردي جون سڀ ڳنڍيون (ڪام، ڪروڌ، دويش
اَوديا وغيره) ٽٽي وڃن ٿيون، تڏهن مرندڙ من
مڪت ٿـي وڃي ٿو. هردي ۾ هڪ سؤ هڪ ناڙيون
آهن. اُنهن مان هڪ ناڙي ڪاپار ڏانهن ويل آهي
(اُها آهي ششمڻا ناڙي.) جيڪو اُن ناڙيءَ سان م
پير ڏري ٿو، سو اَمرت کي پائي ٿو. ٻيون ناڙيون م
وقت جدا جدا ڦل ڏيڻ جو ساڌن بڻجن ٿيون. (اُه
بنڌن ۾ ٻڌي رکن ٿيون. انتر آتما جو پرش جي الـ
(عضون) اندر نواس آهي. اهو هردي ۾ رهي ٿو
اُن اَنتر آتما کي ان ريت ڳولي ڪڍو، جئن مُنج ج
ڪير مان گندي ٽڪري ڪي. اُهو ويريه (شڪتي
آهي، اُهو امرت آهي؛ اُهو ويريه آهي، اُهو امر
آهي."

هي آتم گيان جو اُپديش ٻڌي نچڪيتا پاپ رهـ
بڻيو؛ هن جو ديهه اڌياس ڇٽي ويو ۽ برهم ڌام پراپـ
ٿيس. ٻيا به جيڪي اُن آتم وديا کي ان ريت ڄاڻند
سي برهم لين، پاپ رهت ۽ امر بڻبا.

هي يم آچاريه جو ٻڌايل گيان هيڪر پڙهڻ لاءِ ڪير
آهي. هي گيان شروڻ ڪرڻ، سواڌياي ڪرڻ، منـ
ڪرڻ ۽ ندڌياسن ڪرڻ سان منش جا اگيان جا پرد

مڪتي ٻڌايل آهي، پران جي لائق هئڻ سان. اهڙو لائق پتر به برهمچريه پاليل گرهستيءَ کي ئي پراپت ٿي سگهي ٿو. پر جيڪي اکنڊ برهمچريه ورت ڌارين ٿا، سي سڄي جڳت جي ٻالڪن کي پنهنجا پتر ڪري سمجهن ٿا. اهڙا برهمچاري پارس پتر سمان آهن، جي پنهنجي رهت ۽ اُپديش سان هڪ ٻه ڏان ڪيترن کي ئي پاڻ جهڙو بڻائين ٿا، تڏهن اهڙن پراُپڪارين جي مڪتي ڪيئن نه ٿيندي؟ خود انهن کي برهم پراپت ٿئي ٿو. **ڪٺ اُپنشد** ۾ اچي ٿو ته ويد ابياس، تپسيا ۽ برهمچريه برهم پراپتيءَ جا ٽي ساڌن آهن. پر انهن ٽن ساڌنن مان پهريان ٻه ويد ابياس ۽ تپسيا جو پورو ٿيڻ برهمچريه جي پالڻ بنا محال آهي."

شري شنڪر آچاريه مهاراج چوي ٿو ته "برهم گيان بنا ڪنهن جي مڪتي نٿي ٿئي." **يوگيشور شري ڪرشنچندر** مهاراج جن به چون ٿا ته "برهم گيان جي پراپت ٿيڻ تي ماڻهو ترت ئي پرمانند جو اڌڪاري ٿئي ٿو." پر اهو برهم گيان به برهمچريه جي پالڻ بنا نٿو پراپت ٿئي. **ڇاندوگيه اُپنشد** ۾ **پتامهه برهما** ٣٢ ورهين تائين اکنڊ برهمچريه پالڻ ڪرڻ جي سکيا ڏني آهي. **پرشن اُپنشد** ۾ اچي ٿو ته **پپلاد رشيءَ** وٽ جڏهن **ڪبنڌي ۽ ڪاتيايان** نالي ٻه رشي ڪمار برهم گيان جي پراپتيءَ لاءِ ويا، تڏهن انهن کي پپلاد رشيءَ هڪ سال وڌيڪ رهي پورن نيم انوسار شرڌا

پائي سگهي ٿو.

هن جڳت جو مهان پرش مهاتما گانڌي ٻ برهمچريه
اَرٿ ڏيندي لکي ٿو تہ "برهمچريه جو پورو ار
آهي برهم جي کوج، جو اسان سڀني ۾ وسي ٿو.
لاءِ تہ ڌيان، ڌارڻا ۽ ان مان اُٿندڙ ساڪياتڪار ج
سهائتا سان اسان کي ان کي پنهنجي اندر ۾ کوجڻ ڪ
پر اهو ساڪياتڪار سمورين اندرين جي سنجم بنا اس
(ناممڪن) آهي. ان ڪري برهمچريه جو تاتپرج آهي م
وچن ۽ ڪرم سان هر وقت ۽ هر هنڌ سمورين اِندر
جو سنجم. جو نہ پورن برهمچاري پرش خواه استر
ئي نشپاپ ٿين ٿا. ان ڪري اُهي پرماتما جي وي
ٿين ٿا. خود اهي پرماتما سمان ٿين ٿا." ان مان پر
آهي تہ جو پرم گتي، ايشور پراپتي اٿوا مڪتي چاهي
ان لاءِ اکنڊ برهمچريه پالڻ جي ضرورت آهي.

هندن جي وچار موجب پٽ بنا پرش جي مڪ
نٿي ٿئي.

"अपुत्रस्य गति नास्ति, स्वर्ग च नैवच"

پر وري ساڳئي هنڌ اڳتي چيل آهي تہ

"स्वर्गं गच्छन्ति ते सर्वे, ये केचिद् ब्रह्मचारिणः"

"جيڪي بہ برهمچاري آهن، سي سڀ سورگ
وڃن ٿا."

هن موجب نہ فقط پٽ جي هئڻ سان ماڻهوءَ ج

آهيون. جيڪڏهن اسين پنهنجي سچي اُنتي چاهيون ٿا ته اسان کي جڳائي ته اُن جي ئي شرن ۾ وڃي ويد جي آگيا انوسار امرت پد پراپت ڪريون *

(۱۴)

پرشارٿ آهي پرميشور.

اڄ جنهن سان روح رهاڻ ڪر، سو پيو چوي ته وڏاتا جيڪي انگ ۾ لکيو آهي، تنهن موجب پيو هلجي؛ اسان جو جيڪو ڀاڳ آهي، سو پيو ٿئي؛ "جيڪي هوندو ڀاڳ ۾، سو پوندو ڀاڳ ۾"؛ "انگ اَزلي آهه، قادر ٿو پڙهي ۽ نا ٿري." وغيره وغيره. ائين پيو ڏسجي ته ماڻهو ڀاڳ ۽ پراربڌ تي ڀاڙي وينا آهن ۽ سمجهن پيا ته جيڪي ڀڳوان ڪري وٺندو، سو پيو ٿيندو. هنن ڀاڳ، پراربڌ ۽ ڪرم جي سڌانت کي سمجهيو ئي ڪونه آهي ۽ ان ڪري اُبتا ويچار ڌاري پرشارٿ جو پلو ڪڙڻ ڇڏي ڏنو اٿن. هرڪو قسمت کي پيو ڪوسي؛ جنهن ڪري سنڌ ن اُنتي روڪي رهي ٿي ۽ دکن ۾ ڦهندا رهن ٿا. حقيقت ته اها آهي ته

"جيڪي پوکبو سو پائبو،
ٻوٽو لڳائي آڪ جو، ڪيئن انب جو ڦل کائبو؟"

---

* هن باري ۾ ليکڪ جو ڪتاب "روشن راهه" پڙهو. قيمت پوڻا ٻ روپيه.

پوروڪ برهمچريه ورت جي پالن ڪرڻ لاءِ جيو.

مطلب تہ برهم گيان جي پراپتيءَ لاءِ برهمچري
پالڻ ئي پورو ساڌن آهي. برهمچريه پالڻ جهڙو نہ
ڪو ساڌن آهي، نہ ڪتي ۽ تپسيا. **شرتي** ۾
چوي تہ ”برهمچريه ئي تپسيا آهي.“ وري ڀگ
وشنو تہ چوي تہ ”اهو تپسيا خود منهن جو ه
آهي.“ اسان کي ويد ۽ ڌرم شاستر ٻڌائي رهيا
تہ سچي سک اتوا برهم پراپتيءَ لاءِ برهم گيان، تپ
يوگ ساڌن وغيره جي ضرورت آهي؛ پر اُنهن س
لاءِ بہ وري ورِي برهمچريه پالڻ تي زور ڏنو و
آهي. **يوگ درشن** ۾ آچي ٿو تہ ”چت ورتين
نروڌ ئي يوگ آهي.“ اهي چت جون ورتيون برهم
پالڻ کان سواءِ روڪجي ئي نہ سگهنديون. جنهنجو
وشيہ وڪارن ۾ لڱين ٿيو پيو هوندو، جنهنجو ش
ڪمزور هوندو، سو ڪئي يوگ ساڌن ڪري سگهن
ڪئي تپسيا ڪري سگهندو، ڪيئن وديا پراپت ڪ
سگهندو؟ ياد رکڻ کپي تہ شڌ، نرمل، زبردست ۽ ب
شرير ۾ ئي اهڙيءَ آتما جو واسو ٿئي ٿو ۽ اهڙي
ئي سڀ پرڪار جي ساڌنا جي يوگيہ ٿئي ٿي. ان
ضروري آهي برهمچريه پالنا.

اٿروويد ۾ چيل آهي تہ ”برهمچريه روپي
سان ئي ديون امرتا پاتي هئي.“ اهڙي برهمچريه ر
تپسيا جو پالڻ ڇڏي ئي اسين اڌوگتيءَ کي پراپت

يوگ وشسٽ ۾ ان ڳالھ تي زور ڏنل آهي تہ
پرشارٿ ئي پرميشور آهي. يوگ وشسٽ ۾ وري وري
چيل آهي:-

" اسان جي پورب ڪرمن جي ڦل کان سواء ٻيو
الي ڪابہ وسئوَ ڪانہ آهي." (۴۰.٦.۲)

" اسان جي پورب ڪرمن جو ڦل ئي ڀاڳ ڪوٺجي
ٿو." (۳٦-٦-۲)

"سڀ سڌيون اسان جي ڪوشش سان ئي پراپت
ٿين ٿيون. ان ڪري اسان جون ڪوششون ئي ڀاڳ
ڪوٺجي ٿو." (۲-٦-۲)

جيڪڏهن پورب ڪرم ۽ موجوده ڪرم هڪ ٻئي
جا وروڌي آهن، تہ اُهي ريڍن جيان پاڻ ۾ وڙهن ٿا ۽
جيڪي وڌيڪ زبردست ٿين ٿا، سي ٻين کي دٻين
ٿا." (۱۰-٦-۲)

" ڪرم اڳيان هجن ڇاهي هاڻوڪا، پر اسانجو ڀاڳ
بڻائيندڙ اُهي ئي آهن. جيڪي بہ هجن، اُهي منش
جا ڪرم ئي پنهنجي اثر سان منش جو ڀاڳ بڻائين ٿا."
(۱۸-٦-۲)

" منش پنهنجن ئي وچارن سان پنهنجو ڀاڳ ٺاهي
ٿو. اُهو پنهنجي ڪوشش سان اڻ ٿيڻ ۽ کي ٿيڻي بڻائي
سگهي ٿو." (۲۸-۲۴-۵)

" منش جو آتما بلڪل بلوان آهي. سنسار ۾ جيڪي
ٿئي ٿو، سو سندس آزاد ڪوشش ڪري ئي ٿئي

پرماتما اَنيائي ڪونه آهي، جو هڪڙن کي سکي ۽ ٻين کي دکي ٿو بڻائي؛ هڪڙن کي شاهه ۽ ٻين کي ڪري پيو رلائي؛ سندس نياءَ جي تارازيءَ جو بلڪل ٺيڪ آهي؛ جنهن ۾ رتيءَ جو به تفاوت ٿيڻو آهي. جنهن کي اسين پراربڌ يا ڀاڳ ٿا چئون، سو ڀ خود خيالي ٿي ڪونه بڻايو آهي. اهو اسان جي پو جنمن جي ڪرمن جو نتيجو آهي. اسان جي اڳين ڪ جو ڦل ئي پراربڌ آهي. منش پنهنجو ڀاڳ وڌاتا پاڻ آ اِنسان کي ڪرم جي آزادگي عطا ٿيل آهي، پر جي ڦل سان ٻڌل آهي.

" اصل خلقيائين آزاد عالم،
پڻ ڪرم جو نير پهرايو."

ڪرم شڌ، اشڌ ۽ گاڏڙ شڌ اَشڌ آهن ۽ اُنهن جو ڦ شڀ، اشڀ ۽ گاڏڙ آهي.

اسان کي ائين نه سمجهي وهڻ کپي ته اسانجي ۾ ڪا ڪاڻ آهي ۽ ٻين سان ڀڳوان رياءُ ڪري انه سکي ۽ اوچو بڻايو آهي. اسين جيڪي اڳ ڪري آهيون، تن جو ڦل ڀوڳي رهيا آهيون ۽ جيڪي ڪنداسين، اُنهن جو ڦل اڳتي هلي ڀوڳينداسين. ن ايترو، پر اسين اڳين برن ڪرمن جي ڦل کي زورد گهٽڻ شڀ ڪرمن ڪرڻ سان گهٽائي سگهون ٿا ۽ س طرح اڳين چڱن ڪرمن جي شڀ ڦل کي پنهنجي زبرد برن ڪرمن ڪرڻ سان گهٽائي سگهون ٿا.

اڄ ڪالهه دنيا جي حڪڪڏهن هڪ اڪثر جو ئي غريب گهرن جا هوندي ٻوند ناتڪ ئي ڪرڻي پوي. آهن. لڏهن جا اسين پنهنجي جي ضرورت آهي. منش لاءِ ڪجهه به ناممڪن ڪين گهرج آهي. انهيءَ چوي ٿو:- ۽ بيشڪ بدلايو. ڪرم

سچا سڪٽا ڪوئي نهين، سڀ راجا پاپي تي نرڪ
مورک گانٺ ڪولي نهين، **ڪرم‌دار** تي سکهي ٿو.

اسين پاڻ کي سچو سکڻو سمجهي، ئي ڪرم ڪندا ۾ پيا آهيون. اڪ ڪولي پاڻ کي سچاٽون نه پسندا. مهاپرشن جي جاءِ والاري سکهون ٿا. هن جنم ڌ، ويو، منزل مقصود کي نه به حاصل ڪري **سکهون** پر، چڏيو. ڪمائي ورتا وڃڻي ڪاڻ آهي ۽ ٻين جنمن ۾ اڻ شيوا اڻتيءَ ۽ مقصد تي پهچڻ جا وڌيڪ وجهه ملي **سگهندي** اهڙو وشواس شريمد ڀڳوت گيتا ۾ اسان کي ڪوشن ڀڳوان ڏيئي رهيو آهي.

ضرورت آهي ته قسمت تي ڀاڙي نه وهون، ڀاڳ جي ڀروسي نه رهون، غفلت جي ننڊ ٽياڳيون. **ڪٺ اُپنشد** پڪاري چوي ٿو **"اُٿ جاڳ ۽ پنهنجي مليل شڪتين کي پراپت ڪر."** شاه صاحب به چوي ٿو ته سڻا! **اُٿي جاڳ**، ننڊ نه **ڪجي ايتري.** اسان کي جاڳڻ جي ضرورت آهي. **شتپت برهمڻ** گرنٿ ۾ آيو آهي ته "جيڪو سمهيو پيو آهي، اُن جو ڀاڳ به سمهيو پيو آهي؛ جيڪو اُٿي وهي ٿو، تنهنجو

تو ۽ نه بئي ڪنهن ڪان.“ (٥-٤-٣-٥

”منش ڪي هن جنم ۾ زبردست ڪوشش
پورب جنم جي ڀاڳ کي بدلڻ گهرجي.“ (٢

”سنسار ۾ اهڙي ڪابه وستو ڪانهي، ج
پنهنجي ڪوشش سان پراپت نه ڪري سگهي.“
(٣

ڊاڪٽر **راڌاڪرشڻن** پنهنجي ڪتاب Idealistic
View of life” ۾ لکي ٿو ته ”ماڻهو پنهنجن پورب
جي ڪرم ڦلن کي مٽائي نٿو سگهي پر ته به اُنهنکي
۾ ڪري سگهي ٿو ۽ اُنهن کي نئون موڙ ڏيئي س
منش قابوءِ ۾ نه ٿيندڙ وهڪ ۾ وهي ويندڙ هڪ را
ڪين آهي. منش پورب ڪرم يوڳيندي پنهنجو
آئينده بڻائي سگهي ٿو. اسان ٿي ئي چڙيل آ
اسين پاڻ کي ڇا ٿا بڻايون.“

اسين دنيا جي پراچين ۽ موجوده اتهاس ت
ڪري ڏسنداسين ته معلوم ٿيندو سين ته پنهنجي
پرشارٿ سان نيچ بہ اوچ بڻيا آهن. رتناڪر
جهنگلي ڌاڙو نارد جي سنگ ۾ اچي خيالن جي
سان تپسيا ڪري هڪ مهاتما بڻجي ويو. راجرشي و
پنهنجي تپسيا سان برهم رشي بڻيو. ڪاسائي،
ڪوري، موچي وغيره به اُدم سان اُتم گتي پائي
جو نالو ڪارائي ويا. گورنگ مها پرڀوءَ جي شش
جي سنگ ۾ به ڌاڙيل **جڳائي** ۽ **رگائي** بدلجي

ناٽڪ ۾ سڀ ائڪٽر جيڪڏهن هڪ ائڪٽر جو ٺيڪ پارٽ ڪرڻ چاهين ته هوند ناٽڪ ٺيڪ ڪرجي پوي. پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي سڀني جي ضرورت آهي. راجا ۽ مزور ٻنهي جي دنيا ۾ گهرج آهي. انهيءَ ڪري ڪرم نه بدلايو پر من جو سڀاءُ بيشڪ بدلايو. ڪرم جي ننڍ وڏائي باهروني ڏيکاءُ آهي. راجا پاپي ٿي نرڪ گامي ۽ مزور نيڪ ٿي سرڳ جو حقدار ٿي سگهي ٿو. هميشه خود غرضي ڇڏيو، نشڪامي ٿي ڪرم ڪندا ته اوس ئي دکن کان ڇٽي ڀڳوت درشن پسندا.

من مان دغا، هٺ، وڏائي، ڪام، ڪروڌ، وير، لوڀ، ڪوڙ، هنسا وغيره اوڳڻ بلڪل ڪڍي ڇڏيو. هميشه سنا ڳڻ وڌائيندا هلو ۽ دل سان ديش جي شيوا ڪريو. ديش جي شيوا آهي پرڀوءَ جي پوڄا. اهڙيءَ آچار وارو انسان ڪهڙي به ڌنڌي ۾ واڌارو ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجيءَ جيوت جي آخرين مراد ماڻي سگهي ٿو.

واپاري، دلال، ڊاڪٽر، راجا، شاهوڪار، نيتا، اُپديشڪ وغيره جدا جدا قسمن جا ماڻهو پنهنجا فرض پاليندي، ديش جي شيوا ڪري، جس ڪٽي سگهن ٿا. هر وقت اهو خيال رکڻ گهرجي ته سڀني ۾ ساڳئي پرڀوءَ جي جوتي آهي ۽ پراڻين جي شيوا ڪرڻ ڪري ڪرتار جي اوس ڪرپا ٿئي ٿي. انهيءَ ڪري پراڻي ماتر جي شيوا ۽ نام سمرڻ ڪري انساني فرض پاليو ۽ سچو ڪلياڻ پراپت ڪريو.

تو ۽ نه ٿئي ڪنهن ڪان." ييهي تو، تنهنجو
"منش کي هن جنم ۾ ز لڳي تو، اُن جو
پورب جنم جي پاپ کي بدوڙون پائڻ لڳي تو،
"سنسار ۾ اهڙي ، تو." هن جو مطلب اه
پنهنجي ڪوشش سان، جي وس آهي. گذريل
ئيل اٿئون ۽ اُنهن جو ڦل برو
ڊاڪٽر راڌاڪرشنن جو مطلب اِهو نه آهي ته اسين
"View of life" جو اسان جو آئينده نه سڌري.
جي ڪرم ڦل قسمت ڪين بدلبي ۽ ۽ نڪي
۾ ڪري بيت حاصل ٿيندي. اُتي اُهو ڪم
منش قابو آئينده سڌري، جڳ مان هارائي همت
ڪين تو نه وڃڻو پوي ۽ ايندڙ جنمن ۾ به هاڻــي
آئين جي گهاٽي ۾ ڀيسڄڻو نه پوي.
ا.

(۱۵)

اسانجو فرض

ساري سنسار جي رچنا ڀڳوان ڪئي آهي ۽
سرشٽيءَ ۾ اُهو سائين سمايل آهي. پنهنجي اُلم
۽ پريم ڀڳتيءَ سان اِنسان جلد ئي ڀڳوان جو درشن
سگهي تو. هر ڪو پنهنجي سياءَ موجب سچائيءَ ۽
سان ڪم ڪندو رهي. سب ڪم نه هڪجهڙا ٿيي
تا ۽ نه هڪجهڙي بنائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهر

اهڙي جيوت بيڪار آهي. ان ريت هلندڙن کي آخر هٿ هٺتا پوندا ۽ جڳت مان رئندو وڃڻو پوندو. جڏهن ڄاڻون ٿا ته جڳت مسافرخانو آهي، تڏهن ڇو نه آسٽ پدارٿن سان نينهن لائڻ بدران سنتن سان نينهن لڳايون ۽ اهو وڻج وهايون، جو ساٿ هلي؟ دنيا جو ڪو پدارٿ ته نه ڪنهن سان هليو آهي ۽ نه هلندو. ان ڪري ضروري آهي ته جيوت کي بدلايون، ۽ سچي سدائين جٽا ڪندڙ سک جي پراپتي ۽ ڇوٽڪارو

(١٧)

پاپ کان ڇوٽڪارو

ڀڳوان جو سمرڻ ڪري من ۾ اهو پڪو وشواس رکو ته منهنجا پاپ ناس ٿي رهيا آهن ۽ هاڻي منهنجي من ۾ بد خيال واسو نه ڪري سگهندا. جئن سج اڳيان اندڪار کي اچڻ جي همت ناهي، اهڙيءَ طرح ڀڳوت نام روپي سج اڳيان پاپ روپي اندڪار رهي نٿو سگهي. اهو خيال ڪڏهن به نه ڪريو ته پاپ ڪري، نام جپ سان اهو ڌوئي ڇڏيندا سين. اهو ته وڏو پاپ ٿيندو. ڪنهن بهاني سان به پاپ کي اوڏو اچڻ نه ڏيو. بخش گناه جي ياونا ڇڏيو. پاپن کان پاند ڇڏائڻ لاءِ يتن ڪندا رهو.

ڀڳوان جي شرڻ وٺي بي ڊپا ٿيو. هر وقت پاڻ کي

(١٦)

جيوَت بدلايو

انسان ۾ جيستائين سنسار جي ڀوڳن جي چاهنا
جيستائين ڪڏهن ب سکي ٿي نٿو سگهي. جيترا ئي چا
وڌن ٿيون، اوترائي وڌيڪ دک پسڻا پوَن ٿا.
ڪان ڇٽڻو اٿو ت چاهنائون ڇڏيو. چاهنا روپي ا
وشين روپي گيه جي آهوتي ن ڏيو، اُن ٿي
جو سيتل جل وجهي ڪيس. هميشه لاء اُجهائي ڇڏ

وشئي ماڻهوءَ جي نام سان دل سولائيءَ سان
ڪين سگهندي ۽ ن ڪيس سنسنگ ۽ ست گرنٿ
چاهه لڳندو. مثال، ور ڏسڻو هجيوَ ت گهڻن را
آفيسرن، شاهوڪار، اُميرن جي حالت ڏسو. جي
لوهان اُنهن مان ... آهيو ت پنهنجي دل لـ
رکي ڏسو. نام ... عمل ڪرڻ، ماڻهن تي اثر
موج اُڏائڻ، ... ڻ، خوشامدن سان پر
محلن، مڪان نهرائڻ ... سپائڻ ڪرڻ، ناٽڪ سنيم
پرائي پچر ڪرڻ، بڌڻ، مخالفن کي دبائڻ،
ڪندڙن کي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ وغيره
ضروري ن ڏسڻ ۾ ايندڙ پر پنهجن پنيان اُهي لڳا
صبح جو اُٿڻ کان وٺي رات جو سمهڻ تائين پڳوا
نالو، سنسنگ يا شاسترن جو پڙهڻ اُنهن کي ياد
اچي!

پوري جي ڪامنا بلڪل ميٽجي وڃي ٿي. جڏهن پوري جي خواهش ئي نه رهي، تڏهن دک وري ڇو رهندو؟

جنهنجي من ۾ ايشور وشواس ناهي، اهو ڪڏهن به دکن کان ڇوٽڪارو پائي ڪين سگهندو. اوشواسي هود غرض بڻجي، دکن جو شڪار ٿيندو رهي ٿو ۽ ٻين کي دکي ڪندو رهي ٿو. ڀڳوان ئي انسان جو سڀڪجهه آهي، اهڙو پڪو وشواس ڌاريندا ته سيئي پاڻ کان ڇوٽڪارو پائي، پرم گتيءَ کي پراپت ٿيندا.

(١٨)

گهرج جي پوراڻي

انسان ڪنهن شيءِ جي گهرج سمجهي، انهيءَ جي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اها ڪڏهن حاصل ٿئي ٿي ته وقتي نه به ٿي ٿئي. جيڪڏهن حاصل ٿئي ٿي ته اُن ڪري ٿيسنائين خوشي ٿي ٿئي، جيسنائين ٻيءَ شيءِ جي گهرج محسوس نٿي ٿئي. جيڪڏهن گهربل شيءِ نٿي ملي ته دک پراپت ٿئي ٿو. ڪا وستو ملڻي پر وري جلد هلي وڃڻي ته هيڪاري گهڻو دک حاصل ٿئي ٿو ۽ چاهنا جي چننا، جا چتا (چکيا) سمان آهي، سا سدائين ٻرندي رهي ٿي.

ڪنهن هڪ شيءِ جي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي اُپاءَ ڪيا وڃن ٿا، اُنهن اُپائن وسيلي نين نين شين جي گهرج

ڀڳوان جي اوڏو ڄاڻو ۽ وشواس رکو ته هن جي
۾ اوهان کي ڪي به دشمن نقصان رسائي ڪين
۽ پاپ تاپ اوڏو اچي نه سگهندا. جنهن ڀرم ڀو
آهي، اُتي اُپوتر چيزون اچي ڪين سگهنديون
پڪو وشواس ڌاريو.

ڀڳوان جي شرن وٺي ۽ ڀڳوان جو پوتر نالو
زبان ۾ اندر پوترتا، ڀي ڀ پائي، شڪتي، ليج، ڀر
کان ڇٽو ۽ ڀرم جو اُنيو ڪريو. نا اُميدي، اُدا
وشين روپي ... ۽ ايرڪا کي اوڏو به اچڻ نه
جو سيتل جل وجهي... ڪندا ڪريو ته وڪار، و
وشئي ماڻهو... سون مان نڪري رهيا آهن
ڪين سگهندي
چاهي ... يون سون ۾ اچي رهيون آهن. ان
...ن اندر ۾ نواڻ ڏسندا؛ نئين جيون جو انيو
وشواس رکو ته توهان حقيقت ۾ سري نه آهيو.
مرڻ واري وستو نه آهيو. توهان چيتن، سناتن
مڪ آهيو؛ فقط اگيان ڪري دک پسي رهيا آهيو.
اُٿايو ته اوهان جا پاپ تاپ ازخود گم ٿي وي
جيستائين ڀوڳن ۾ پريت رکندا، تيستائين ڀڳوان ۾ سا
لڳائي نه سگهندا. ڀوڳن کان هرد ۾ بچو. اندر
آرسي اُنهي صاف ڪريو ته پريو پراپتي ٿيندي.

شو ڀڳوان سک، گيان، جس، شڪتي ۽ ٻين
شڪتين جو ڀنڊار آهي. اُهو ڀڳوان اسان جو آڌار،
۽ پالڻهار آهي. انهي تي وشواس ٿي وڃڻ تي م

دار رهو. ڪنهن به دروازي کان ڪام، ڪروڌ
ه وڪارن روپي چورن کي هردي روپي محل ۾
نه ڏيو. چالاڪيءَ سان انهن لڪي ويٺلن کي لوڙي
و. انهن سولائيءَ سان پاڻ کان ڇوٽڪارو پائي
ندا.

هنڪار ۽ ممتا کي جيءَ اندر جاءِ نه ڏيو. ڀڳوان
چرڻن ۾ ئي ممتا رکو. پريو پريم جي ڏوريءَ ۾
ي ڦاسائي، سندس ئي حرڪت بند ڪري ڇڏيو
ڀڳوان ازخود اوهان وٽ رهندو ۽ ڪرپا جو هٿڙو
ي، اوهان کي پاڻ کان آجو ڪندو.

(٢٠)

جلد چيتيو

ياد رکو ته هڪ ڏينهن موت اوس ايندو. انهيءَ
اوهان کي ڪا سڌ ڪانهي. هيئنر توهان هوش
سان ويٺا آهيو، شايد ايندڙ گهڙيءَ مٿ مري توهان
ؤت ٿي پوي! اُن وقت توهان جا سڀ ڪم جيئن
تيئن رهيا پيا رهندا. هيئنر ته توهان کي ڪم کان
پل به فرصت نٿي ملي، پر اُن وقت توهان کي
د ئي سدائين لاءِ فرصت ملي ويندي!

هن وقت توهان سرير جي آرام لاءِ سندر محلن ۾
گديلن تي وهو ۽ سمهو ٿا، موت بعد توهان کي بن

پوندي وڃي ٿي، جنهنجي پورائيءَ جي خوشي ۽
بہ گڏوگڏ هلندي رهي ٿي ؛ دکہ ڪنهن بہ حالت ۾
مِٽجي ۽ جيستائين گهرجن جي پيدائش ٿيندي رهند
ليستائين دکہ بہ ستائيندو ئي رهندو. ماڻهوءَ جي
ئي مورکتا آهي، جو هڪ ڪومنا پورڻ لاءِ نـيون نـ
کوئون پاڻ ۾ پيدا ڪندو وڃي ٿو، جنهنڪري سند
اندر جي آگ نٿي اُجهامي، هو سڙندي سڙندي هاءِ
ڪندي ئي امولڪ حياتي وڃائي ويهي رهي ٿو.
ڪري ياد رکو تہ چاهنائون ۽ ڪامنائون ئي دکہ
ڪارڻ آهن ۽ اُهي ڪڏهن بہ ڪٽيون ڪين آهن.

(١٩)

ڪوبہ پاپ ننڍو نہ آهي

ڪنهن بہ پاپ کي ننڍو ڄاڻي، اُن کان ڪڏهن
بيپرواہ نہ رهو. ياد رکو تہ باهہ جي ٿوري چڻنگ وڏ
شهر کي بہ جلائي ڀسم ڪري سگهي ٿي. هڪ ننڍ
ٻج هڪ وڏو درخت بڻجي سگهي ٿو. ائين نہ سمج
تہ ڪام، ڪروڌ ۽ لوڀ جو ٿورو جزو اسان کي
ڪري سگهندو؟ خبردار ٿي انهن کان هردم آجا ره
نہ تہ اُهي اوهان کي اندران ئي اندران ساڙي ڀسم
ڪندا ويندا.

بي خبرداري زواليت جو وڏو سبب آهي. همي

يو ويو پر ٻئي جنم ۾ ايندڙ ڪشٽن جو ڪارڻ ٿيو.
ي ڪري بيدار ٿي، وشين کان منهن موڙي، سڪدائي
وان جي نالي سان پريم رکي، پنهنجي املهه مانڪا
وت سڦلي ڪريو.

(٢١)

ويراڳ ۽ اڀياس

جيستائين انسان ۾ ڀوڳن کان ويراڳ پيدا نه ٿيندو،
ستائين حقيقي نشڪام ڪرم، ڀڳتي ۽ گيان اُنهن مان
جنهنجي ڀ پراپتي نه ٿي سگهندي. ويراڳ جي آڌار سان
اهي ساڌن قائم رهن ٿا ۽ وڌن ٿا. انهيءَ ڪري
باس سان گڏ ويراڳ جي ضرورت ٻڌائي ويئي آهي.
جنهنجي من ۾ ويراڳ ناهي، جي ڀوڳن ۾ رتا ۽ رڱيا
آهن ۽ ڀوڳ واسنا لاءِ ئي ڪرم، ڀڳتي ۽ گيان وغيره
تيار ڪن ٿا، اُنهن جا اُهي سڀ اڪارٿا وڃن ٿا.
خودغرضيءَ ڇڏڻ کان سواءِ نشڪام ڀاونا پيدا نٿي
ٿي؛ ڀين شين سان پريت هٽائڻ کان سواءِ ڀڳوان جي
پريت پراپت نٿي ٿئي ۽ جڳت جي ممتا ڇڏڻ کان
سواءِ ڀيائي دور نٿي ٿئي. اڄ ڪلهه نشڪام ڪرم،
تيءَ ۽ گيان جا گهڻا پانڌيڙا حرص هوس ۽ ڪامنائن
ڻ جي ڪوشش ڪرڻ بنا ئي نشڪام ڪرمچاري،
ت ۽ گياني ٿيڻ چاهين ٿا، جنهن ڪري هو ڪامياب

۾ گدڙن، ٻگھڙن ۽ ڪتن سان گھيريل مسانڻ ۾ ڪليءَ زمين تي سمھڻو پوندو ۽ توھان جو سون جھڙو سريرُ جلي خاڪ ٿي ويندو. سارا انسان من ۾ ئي رھجي ويندا. ساري آڪڙ ڪافور ٿي ويندي. توھان جون ھٺ، فخر ۽ رس ڀريل اکيون سدائين لاءِ بند ٿي وينديون!

تہ بہ ڪھڙا نہ بي فڪر ٿي ڀوڳن ۾ ڦٿڪي رھيا آھيو؟ چيتيو، جلد ئي چيتيو.

دنيا جي ڀوڳن مان دک ۽ چنتا کان سواءِ ٻيو ڪجھ وڌو ڪونھي. سچو ڀرم ڀريو ڀرم ئي آھي، جو تڏھن حاصل ٿيندو، جڏھن انھيءَ سک ڏانھن نيندڙ اپاون کي جيوت ۾ عمل ڪجي ٿو. اھي اپاءَ وشيہ ڀرم جي بلڪل برخلاف آھن. انھيءَ ڪري سنتن ۽ مھاتمائن وشين کي وھ وانگر ڇڏڻ جي صلاح ڏني آھي.

جيترو ٿي سگھيو، اوترو وشين کان دور رھو. نہ وشين جو خيال ڪريو ۽ نہ وشئي ماڻھن جو سنگ ڪريو، نہ وشين جي چاھنا وڌائيندڙ نظارا ڏسو ۽ نہ ٻڌو ۽ نہ انھيءَ قسم جا گرنٿ پڙھو. مان، ڌن ۽ روپ جو لوڀ جنھن سنگ مان پيدا ٿيندو ھجي، ان کان ھردم پاسو ڪريو. سائينءَ جي سک ۾ جي سنساري سور سھڻا پون تہ انھن جي پرواہ نہ ڪريو. پڪ سمجھو تہ پريو پرم پراپت ٿيڻ سان اوھان جي جيوت سڦلي ٿيندي. دنيوي سکن حاصل ھوندي بہ جيڪڏھن اوھان ناٿ سان نينھن نہ لڳايو تہ پڪ ڄاڻو تہ اوھان جو جنم اجايو ويو. نہ رڳو

ان کي ڀوڳن روپي اونده ۾ سوجهرو ڀاسڻ ۾ اچي ٿو.
هيءَ ڪري اسين ڀوڳن ۾ مست ٿي ڪامنائن جي سوين
سين ۾ ڦاڻ کي ڦاسائي، ڪلياڻ کان بيمک ٿي رهيا
هيون. اگيان اسانکي منجهائي ڇڏيو آهي. ايمان اسانکي
ـدو ڪري ڇڏيو آهي؛ موهه اسان کي مست ڪري
ڇڏيو آهي؛ لوڀ اسان جي ورتي بگاڙي ڇڏي آهي.
هڙيءَ طرح اسين راڪسي واسنائن ۾ اڙجي پيا آهيون،
ـس مان نرڪ جي پيڙائن ۽ زواليت کان سواءِ ٻيو ڇا
صيب ٿيندو؟

ڏهن پاپن کان ڇٽڻ لاءِ اُپاءُ ڪهڙو آهي؟ اُپاءُ آهي
يشور وشواس. جن ماڻهن جو ايشور ۾ ڪجهه به ويساهه
هي، اُهي ڀڳوان کي شردا سان سيني کي اهڙي ٻڌي
ڻ لاءِ پرارٿنا ڪن ٿا. ڀڳوت شردا سڪل وڻ ڪسي
شواس جي لڙڪن سان سائو ڪري سگهي ٿي. وڏڙن
ي وچنن تي ويساهه رکو ۽ شردا سان سائينءَ جو جاپ
سمرن ڪريو.

اسان کي خبردار ٿي اهو سوچڻ گهرجي تہ سنسار
ڇا سڀ سک ناسونت آهن، بجليءَ وانگر چنچل آهن،
سرير ڪچي گهڙي مثل آهي، جو ڪنهن بہ وقت ڀڄي
ري ويندو. انهيءَ ڪري ڀوڳن کان من هٽائي، پريوءَ
سان پريم رکڻ گهرجي.

ٿا ٿي سگهن. ڪاميابيءَ لاءِ ڀرپور گهرج آهي وشين ۾ وري وري دکہ ڏسي، انهن کان من هٽائڻ ۽ ڀڳوان ۾ پورڻ ۽ پرم سک سمجهي، انهيءَ ۾ من لڳائڻ جي، اڌم ڪرڻ جي. اهوئي ويراڳ ۽ اڀياس آهي. جئن جئن وشين کان من هٽندو، تئن تئن ڀڳوان ۾ ازخود لڳندو ويندو. جڏهن ڀڳوان جي ڌيان جو ڪجهه آنند ملندو، تڏهن من اُن آنند کي ڇڏڻ ئي نہ چاهيندو. ڀوءِ لوڪ پرلوڪ جا سڀ ڀوڳ ڦڪا معلوم ٿيڻ لڳندا. آهستي آهستي ويراڳ وڌندو ويندو ۽ آخر ڀڳوان کان جدا جڳت جي هستي ڀاسڻ ۾ ئي نہ ايندي. اهوئي اصلي ويراڳ آهي. ويراڳ وارا سڄڻ ئي ڪلياڻ پراپت ڪن ٿا.

ويراڳ ۽ اڀياس هڪ ٻئي جا سهائڪ آهن. من کي وشين کان هٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان گهڙي ڪن لاءِ تہ من اُنهن کان ڇڇنيندو، پر جي اُن کي ڀڳوان ۾ نہ لڳايو ويو تہ اُهو جلد ئي موٽي وشين ۾ لڳي ويندو. وشين کان هٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻ بنان وشين ۾ لڳل من، اُنهن کان هٽي ڀڳوان ۾ ازخود لڳندو ئي ڪيئن؟ انهيءَ ڪري ويراڳ ۽ ڀڳونت ڀڄن ٻنهي جو گڏوگڏ رهڻ ئي ضروري آهي. انهن ٻنهي ۾ بہ مکيہ ويراڳ جي ضرورت آهي. اُن بنا من پريو ڌيان ۾ لڳي ئي ڪين سگهندو

چٻرن ۽ چمڙن کي ڏينهن جو روشنيءَ ۾ اونده
رات جو اونده ۾ سوجهرو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، تئن ئي

(۲۳)

روزانه چنتن لاءِ ويچار

ايشور کي سچاڻڻ گھرو ٿا ته پاڻ کي سچاڻو. لوهين
هڏمانس جو پڃرو، هي پنجن تتن جو جڙيل شرير
ين آهيو. هي شرير ته جمڻ کان اڳ ڪين هو، هاڻي
جي ٿو، پر جڏهن هن مان پراڻ پکيئڙو نڪري ويندو،
هن به رهندو، مگر تڏهن ته جيڪي اسان جا پيارا آهن
جيڪي اسان تان بلهار پيا وڃن، سي به اُن شرير کي
ڻ پاپ سمجهندا. ان ڪري اسين هي شرير ڪين
يون. تڏهن اسين ڏسون ته آهيون ڇا؟ شرير جو
وبه عضوو ڏک لڳڻ يا ڪنهن ناسور وغيره ٿيڻ
ري خراب ٿئي ٿو ءُ ڊاڪٽر اُن جي ڪپائڻ جي صلاح
ي ٿو ته اُن جي ڪپائي ڇڏڻ کان به ڪين ڇڪون
خود اکيون اسان کي پياريءَ ۾ پياريون آهن، مگر
ڪڏهن اُهي اهڙيون خراب ٿي پون ٿيون، جو اُنهن
ڪڍائي ڇڏڻ لاءِ ڊاڪٽر چون ٿا ته اُنهنجي ڪڍائي
ڻ ۾ به اسين دير نه ٿا ڪريون. اهو ڏيکاري ٿو ته
ين اهو شرير ڪين آهيون ءُ نڪي اُهي اِندريون
يون، جن کي پيار ٿا ڪريون.
پراڻ، جنهنجي نڪرڻ بعد شرير مردو ٿيو پوي، سو
سين ڪين آهيون ءُ نڪي اُن کي پيار ٿا ڪريون؛
ڪاڻ جو اسين جڏهن بلڪل سخت بيمار ٿيندا آهيون،

(٢٢)

وشواس جي شڪتي

ڪابه اهڙي وديا ڪانهي، ڪابه اهڙي شڪتي ڪانهي، جا توهين حاصل نه ڪري سگهو. آتم شڪتيءَ تي وشواس رکو، اٽل وشواس رکو. پڪو ارادو ڪريو. پوءِ ڏسو ته ڪاميابي ڪيئن نه توهان جي چرنن ۾ اچي پوي ٿي ۽ توهان جي من جون شڪتيون توهان وٽ اچڻ ۾ ئي پنهنجي هستيءَ کي سڦلو سمجهن ٿيون! توهان جي آتم شڪتيءَ اڳيان ڪجهه به ناممڪن نه آهي. وشواس رکو ته توهان ۾ پريوءَ جا نهايت پيارا آهيو ۽ توهان تي هنجي اپار ديا آهي. توهان فقط نشچو رکي هن جي اوڏو وڃو ته اوهان جا سڀ ڏک دور ٿي ويندا.

ڀڳوان لاءِ ئي جڳت جا سڀ ڪم ڪاريون ڪريو. جهان جي پدارٿن لاءِ ڀڳوان کي نه ڀلايو. ڀڳوان لاءِ جهان کي ڇڏڻو پوي ته فڪر ناهي، پر دنيا لاءِ داتار کي نه ڇڏيو. ماڻهوءَ کي اهڙيءَ طرح پڪتي ارادي ڪرڻ بعد جهان ڇڏڻ جي ضرورت ڪانه پوندي ۽ سچو ڪلياڻ پراپت ڪري سگهندو. تڏهن سارو جهان ئي ته پريوءَ سان پر نظر ايندو. ائين ئي ڀاسندو ته

”هري ريو جڳت، جڳت ايو هري.“

و مڪتي پد پراپت ٿئي ٿو.

ان لاءِ اَسين روز پاڻ کان پڇون ته اَسين ڪير آهيون،
ٿان آيا آهيون ۽ ڇو آيا آهيون؛ ڇا ڪرڻو اَٿئون ۽
ڪيو اَٿئون؛ جو دکن دردن کان ڇٽي پرمانند کي
پت ڪريون؟

اهو ته اَسين ڄاڻي چڪا آهيون ته اَسين نـه وسامڻ
ري جوت آهيون؛ مگر پرمن ۾ پئجي، مايا جي چڪر
اڇي، موه ۾ ڦاسون ٿا، تڏهن اسان کي دک محسوس
ين ٿا. ان مايا جي موه ۾ ڦاسڻ ڪري ئي هي جنم
رڻ جو چڪر هلي ٿو ۽ جيو چوراسي لک جوڻيون
ڪي ٿو؛ پر جڏهن اسين سچو گيان حاصل ڪري، مايا جو
ردو ڪاٽي، پاپ ڪرمن کان بچي، پنهنجي سچي
روپ کي ڄاڻون ٿا، تڏهن چوراسيءَ جو چڪر ڇٽي
و. ان لاءِ اسان کي ڏهاڙي اُٿڻ ۽ سمهڻ وقت ان
وال تي چڱيءَ طرح ويچار ڪرڻ کپي. اسين روزانو
چو ڪريون ته اسين هي شرير ۽ اُن جون اندريون
ڪين آهيون. اسين، من، بڌي، اهنڪار آدڪ ڪين
هيون، اسين اُنهن جا ساکي سروپ آهيون. اسين
سار جا ڪرم ساکي بڻجي ڪريون. پاپ ڪرمن کان
ڻ کي بچائي رکون. هر هڪ ڪم ڪندي ويچار ڪريون
ـ اهو پاپ ته ڪين آهي ۽ ان ڪري ڪنهن کي دک
ڪين ٿا رسايون. ائين ڪندي ڪندي اسان کان
ڪو به پاپ ڪين ٿيندو ۽ اهڙو وقت ايندو جو اسين فقط

لڌ هن چوندا آهيون ته ”پريو اَسان جا پـران ڪيو.“
اِهـو ڏيکاري ٿو ته اسين نڪي پراڻ آهيـون ۽ نڪي
اسان جو ان سان ڪو سچو پيار آهي.

اَسين حقيقت ۾ هن استول شرير، سوڪيم شرير، پراڻ
وغيره سڀني کان پري ۽ وساڻ واري جوت آهيون.
اُها شرير کان اڳ به هئي، هاڻي به آهي ۽ هن شرير جي
ناس ٿيڻ وقت کان پوءِ به هوندي. اَسين اُها جوت آهيون
جا هر هڪ پراڻيءَ ۾، هر هڪ جڙ ۽ چيتن ۾ وياپي رهي
آهي ۽ اُن سان ئي سڀ جو پرڪاش ٿي رهيو آهي.
اُهـو سچدانند سروپ اَنادي، اَکنڊ ۽ هر هنڌ وياپي
رهيو آهي. نام ۽ روپ کان نيارو آهي. دک سک
گيان اَگيان، گرمي، سردي، جمڻ مرڻ، مطلب تـ
سڀني ڳالهين کان پري آهي. اُهو ساکي سروپ آهي
نرليپ آهي، نه ڪجهه ڪري ٿو ۽ نه ڀوڳي ٿو. سمجهڻ
ڪرڻ ۽ ڀوڳڻ به نه هن شرير، من، بڌي ۽ اهنڪار جو
ڌرم آهي. هو ست آهي، چت (گيان) ۽ آنند آهي.
اِهو سوچيو ته اَسين اُن ست چت آنند کان نيارا ڪيئن
آهيون. جيڪي به ڏسون ٿا، سو اُن جو ئي پرڪاش
آهي. هي سڀ ڪجهه سندس وراٽ درشن آهي. ڪيس
رنگ، روپ آدڪ ڪين آهن. ان ڪري اُن جو پ
ڪوبہ چتر يا شڪل پرم ماتر آهي. اُن کي ڄاڻڻ سا
شانتي ئـي شانتي رهي ٿي. پرم آنند رهي ٿـو. اُ
پرمانند جي پراپتي ئي آهي موکش. گيان ٿيڻ سان ئ

سان گڏ نت شڌ سروپ جو سمرن ڪريون. اڪيلائيءَ
۽ اُن جو چنتن ۽ سمرن ڪندي اُن ۾ ٻاڻ ڪي لوليِن
ڙي چڙهيون؛ مگر رواجيءَ حالت ۾ بہ اُٿندي وهندي،
هندي ڦرلدي، هرهڪ ڪم ڪندي، پنهنجي ورلي
هنجي ساڪي سروپ ۾ ڏاريون ۽ ان جو ئي سمرن
نتن ڪندا رهون. اهڙو وشواس ڏاريون تہ پرمانند
ي پراپتي اوس ئي ٿيندي.

(٢٤)

کھ پوي ساراھ، ٻن پوي گلا!

چو ڪرين پرواھ ڏون، گلا لوڪن سندي؟
ٿي خوش نہ ساراھ ۾، جا نہ سدا جٽا ڪندي.
رهج سم سنسار ۾، ڀل گـــلا نيڪي ٿئي،
چاھ ڀلائي سڀ جي،
ڪر نہ ڪنهنجي ڏون بدي.

سنسار ۾ لوڪن جي ساراھ ۽ گلا تي ڪو بٽاءُ ڪونهي.
ساراھ ڪندا تہ سيان گلا. لوڪن جي ساراھ وغيره
ي پرواھ نہ ڪري، سنتن جي راھ تي وڪ سدائين
ائيندو رهـــ. رئندو آيو هئين جڳ ۾، پر اُهـــو ڪي
ڪري وڃ، جو ڏون هسندو هنتان وڃين، پوءِ جڳ ڀلي
ڙها ڳاڙيندو رهي.
ڳالھ ڪندا آهن تہ مسلماني راڄ ۾ ڇهوءَ نالي پنجاب

سپاويڪ ريت ڪرم ڪنداسين ۽ اُنهن ۾ اسان جي ڪا
آسڪتي (موه) يا اِڇا ڪانه رهندي ۽ نشڪام ڪرم
ڪندي اسان تي اُنهن جو ڪوبه اثر ڪين ٿيندو. اِئين
اسين هيءَ ديهي ڇڏڻ بعد پرم موکش پراپت ڪنداسين.

من مست آهي. سنسڪارن ۽ ويچارن جو ميڙ آهي.
اُن کي سندر بڻائڻ لاءِ ستسنگ ڪندا رهون يا ست
شاسترن جو روزانو اڀياس ڪندا رهون. ستسنگ معنيٰ
ڀاون ڀائيڙن يا ٽڪاڻن يا مندرن ۾ پهچڻ ڪين آهي.
ڪو ست پرش گرهستي خواه سنياسي ڌرم تي پورو
هجي ته ان جا ست وچن ٻڌي، انهن جو منن ۽ ندڌياسن
ڪجي، نه ته فقط ست شاسترن جو اڪيلائيءَ ۾ اڀياس
ڪري، انهن جو منن ۽ ندڌياسن ڪرڻ ئي ڪافي آهي.
اهو به هڪ سچو ستسنگ آهي. ان ريت من جو مئل
دور ٿيندو رهي ٿو.

ويد چوي ٿو ته "ڪرتو سمر، مرتيو سمر، اوم سمر"
جيڪي ڪرين سو ويچار، موت کي ياد رک ۽ ڀڳوان
جو سمرن ڪر. اسان کي روز انهن ٽن ڳالهين تي ويچار
ڪرڻ کپي. جيڪي ڪم ڪريون، تن جو روزانو پاڻ
کان حساب وٺون. پاپ ڪرمن کي من ۾ ته ڪاري
اُن کان پاڻ کي بچايون. موت کي سدائين ياد رکون.
سمجهون ته موت ڪنهن وقت به اوچتو ايندو. اِ
ڪري پاپ ڪرم ڇا لاءِ لڳون؟ موت يا
هوندوسين ته ڪوبه برو ڪم اسان کان ڪين ٿيندو

داگر گينيون ڳڻڻ لڳو ۽ جڏهن گينيون نوانوي ڏٺاءِ،
هن ٻڪت کي چوڻ لڳو ته باقي گيني ڪٿي؟ ڏينم
وڃان. ٻڪت چيس ته مون تنهنجي امانت کي هٿ به
لاتو آهي. جيئن رکي وئين، تيئن ڍڪيو رکيو هو.
نگيءَ طرح ڳڻي ڏس. سوداگر گهڻوئي ڳڻيو، پر گينيون
انوي هيون، سي ١٠٠ ڪٿان ٿين؟ آخر ٻڪت لي
ور ڀريائين ته باقي هڪ گيني ڏينم لـ تنهنجي پٽ
ان رهجي اچي. پر هن چيس ته ”مان ڪٿان ڏيانءِ؟“
ن تي سوداگر ڏاڍو اچي مٺيو. چي ”ساڌو آهين ڪين
ادؤ؟ تو اَجايو ڍونگ ڪڙي رچيو آهي. هاڻي پاڻيهي
ي ڪل پوندي.“ ائين ڪي جو ڪي بڪندو ويو قاضيءَ
ت دانهين تي. قاضيءَ وٽ ڪيس گهرايو ويو. واٽ تي
رڪنهن جا گارين جا ڏوڙيا اُنس تي وسيا. چي ”ليٽ
ڇوءَ جو ڍونگ پڌرو ٿيو. شهر ۾ هرڪنهن جي واٽ
هائي وائي هئي. اها ڳالهه سوداگر جي زال جي ڪن
وڃي پيئي ته هيئن ڇڪوءَ ٻڪت امانت ۾ خيانت ڪئي
هـي. ان تي مائيءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ هڪ چٺـي
ڪـي پنهنجي مرد ڏانهن عدالت خاني ۾ موڪليائين ته
” گيني تنهنجي پرپٺ خرچ لاءِ مون ڪڍي هئي؛ ڇڪو
گت سچو ٻڪت آهي. ان تي اَجائي ملامت نه مڙهه.“
هو ڏانهن عدالت خاني ۾ ڇڪو ٻڪت تي ملامت مڙهجي
ڪي هئي ۽ قاضي فتوا ڏيڻ تي هو ته سوداگر کـي
ال جي چٺي ملي، جا پڙهي هو ڏاڍو لڄي ٿيو ۽ اُها

۾ هڪ ناميارو ڀڳت ٿي گذريو آهي. سندس ساراهه
دور دور ديسن ۾ پيئي ڳائبي هئي. هڪ وقت جي
وارتا آهي. هڪ سوداگر جنهن کي فقط زال هئي ۽ ٻيو
ڪو گهر ۾ ڪونه هوس، سو واپار واسطي پرديس ٿي
ويو. هن ڪل سؤ گينيون ميڙيون هيون، سي ڊٻليءَ ۾
بند ڪري رکي ويو ۽ زال کي خرچ پکي لاءِ مقرر رقم
جدا ڏيئي ويو. سوداگر کي پرديس ۾ مقرر وقت کان
وڌيڪ سمو ٿي ويو، تنهن وچ ۾ سندس زال وٽ جيڪا رقم
هئي، سا کپي ويئي، سو لاچار ٿي اُهو ڊٻلو کولي وچ
هڪ گيني ڪڍيائين ۽ وري اُهو ساڳيءَ طرح بند ڪري
رکيائين ۽ پنڌيءَ جي ڏير پوڻ سبب پيڪي هلي ويئي
پرپٺ سوداگر به آيو ۽ گهر ۾ زال نه ڏسي وائڙو ٿي ويو
پر ٻئي ڪنهن خيال کان چڱو ڄاتائين ته گينيون وارو ڊٻلو
ڪنهن وٽ امانت رکي وڃان؛ سو ڊٻلو جيئن جو تيئن
بند ٿيل ڪٺي نڪتو امانت رکڻ لاءِ. کيس سڀني کان
چڱو ڀڳت جهڙو سچيو ڪونه ٿي سجهيو، سو لنگهي
ويو وٽس ۽ چيائينس ته هي سؤ گينيون پاڻ وٽ امانت
ڪين رکندين؟ جواب مليس ته ڀلي رکي وڃ. سو هو
کان ڊٻلو وٺي رکي ڇڏيائين. ڏنائين به ڪين ته منجهس
ڇا آهي ۽ ڇا نه آهي؟ سوداگر شهر ڇڏي ٻئي پاسي
وڃڻ جو خيال ڪيو هو، پر وري اهو خيال لاهي ڇڏ
۽ وري موٽي اچي چڱو ڀڳت کان امانت ورتائين
ڀڳت به ڊٻلو جيئن جو تيئن ڪٺي آڻي اڳيان ڏيس

جڳتن جي كهاڻين کي دور ڪري، هن زماني لاءِ نظر
ي ڏورڙائجي ته به ساڳيون ڳالهيون اڄ ٿيون.

شري رامڪرشن پرمهنس، جو اڻويهين صديءَ
جي آخر ۾ ٿي گذريو آهي، جنهن کي اڄ سڄيءَ دنيا
۾ ايشور درشن پراپت ڪيل مڃيو وڃي ٿو، جنهن لاءِ
خود يگ پرش **مهاتما گانڌيءَ** لکيو هو ته "هن مهان
جنهن پرريوءَ جو درشن ڪيو هو، هن جا اُپديش ڪن
ڳرنٿن مان ڪين آهن پر سندس اندر جي انڀوَ جا پرت
آهن"، اُن اوتاري پرش لاءِ عام کي خبر آهي ته هن
ايشور جو ساڪيات درشن ڪيو هو. هو جڳت جنني
ديوي ماتا جو پوڄاري هو، هن کي پهرين اُن روپ
۾ درشن ٿيو هو. اُن بعد هن جدا جدا نمونن ۾ به ايشور
ڀڳتي ۽ سادنا ڪري اُن جو جدا جدا روپن ۾ انڀوَ ڪيو
هو. اها ڳالهه جيڪي به سندس سنگ ۾ آيا، تن سندس
جيوت ۾ چڱيءَ طرح ڏٺي هئي. جڳ پرسڌ **سوامي
وويڪانند**، جو اعليٰ مغربي تعليم حاصل ڪيل هو ۽
اولاهينءَ فيلسوفيءَ جي اثر هيٺ جهڙڪ ناستڪ بڻجي
ڇڏيو هو، سو به شري رامڪرشن وٽ ويو هو ۽ هن کان
سڌو سوال ڪيو هئائين ته "ڇا اوهان ايشور درشن
ڪيو آهي؟" هن کي پرمهنس ديو جن جواب ڏنو هو ته
"هائو، درشن ڪيو اٿم ۽ جيئن توکي ويٺو ڏسان، تئن
اُن کي به ڏسان ٿو. نه رڳو اُن کي ڏسان ٿو، پر توکي به
ڏيکاري سگهندس." سوامي وويڪانند، جو پهرين

چئي قاضيءَ کي ڏيئي ڇڏيو ڀڳت جي پيرن تي ڪري ڪانئس معافي مڱڻ لڳو ۽ سڀيئي حاضر لوڪ ڀڳت جي جئه جئه پڪارڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته ڀڳت جي ڀڳوان اچي لڄ رکي. جي ”ڇڏيو ڪوڻ سڏاوي؟ ٻلهاري جانون ڀڪتون پئه.“

ان تي ڀڳت راج ٻئي منيون مٿيءَ سان ڀري چيو ته ”مان هڪڙي مٿي ڦٽي تو ڪريان گلا ٿي، ته ٻيا ساراهه ٿي. لوڪن جي ساراهه ۽ گلا تي ڪهڙو ڀروسو؟“

”ڪشڻ ۾ رُشني، ڪشڻ ۾ تُشني،
لوڪون ڪي يه، ريت؛
ٽاٽي نسنگ هوءِ ڀڄنيئي،
ڪريئي پريو سنگ پريت.“

(٢٥)

ايشور درشن

برهم ۽ آتما لاءِ سامي صاحب جن چيو آهي:-

”ون، ٻڌ، واڻيءَ کان پري، اندرين اگوچر.“

اُپنشدن ۾ به وري وري اِها ساڳي ڳالهه آيل آهي، شاسترن ۾ اچي ٿو ته پرماتما اجنما ۽ نراڪار آهي. ان هوندي به ڀڳتن جي جيون ڪهاڻين ۾ انهن کي ايشو درشن ٿيڻ جون وارتائون اچن ٿيون. پراڻي سمي جي

...و. هو اُٿندي، وهندي، سمهندي گهمندي، ننڊ ۾
...سواءِ جاڳرت ۾ اهائي صورت پسن ٿا؛ اُن سان ئي
...ال اورين ٿا؛ اُن سان ئي ڳالهيون ڪن ٿا؛ ان کان ئي
...پ ڪجهه گهرن ٿا. اِها سندن مستي اينتري قدر ته
...ور وٺي وڃي آهي، جو اُن زبردست وشواس ۽
...رادن سبب انهن کي پنهنجي اِشٽ ديو وٽان سوالن جا
جواب وغيره حاصل ٿيندا آهن.

شاهه عبداللطيف مسلمان هو. مسلمانن جو به نراڪار الله ۾ اعتقاد آهي. هو ساڪار کي ڪونه مڃين. پر شاهه ۾ اهو الاهي عشق هو، جو هن کي جيڪو ساڪيا ڪار ٿيو هو، تنهنجو ورڻن ڪندي چوي ٿو:-

”آريا ٽيون، اوهان نا ڏٺو، جيئن ڏٺو هو مون.
سج چنڊ تارا ۽ ڪتيون، تن کان تاب ٽڪو هو.
مکڻ، ماکي ۽ مصري، تنهن کان محب مٺو هو.
اديون شاهه لطيف چوي،
مٺيءَ کي محب مليو هو.“

هيءَ ڳالهه دليلن سان سمجهائڻ جي ناهي، هيءَ ته وشواس رکي انڀو حاصل ڪرڻ جي آهي. ”دليل نال نه ليسي دلبر.“

هتي ڪيپي پريم. اُهو عشق ڪيپي، جو سسئيءَ کي پنهل لاءِ هو؛ سهڻيءَ کي ميهار لاءِ، مجنوءَ کي ليلا لاءِ ۽ ميران کي گرڌر لاءِ هو؛ جنهن ۾ هنن سر جي سٽ ڏني؛

نربندرناٿ جي ناليءَ سان پرسد هو، تنهن پهرين لن
کي فقط زباني بناڪ سمجهي هئي؛ پر پرمهنس ديو جو
اُلس اهڙو نہ جادو ٿيو، جو اُهو جوان سندس سنگ ۾
آيو، سندس شش بڻيو ۽ ساڪيات درشن جو آنند پراپت
ڪيو هئائين.

اهڙيون ڳالهيون ثابت ڪن ٿيون تہ ڀڳوان جو ساڪيات
درشن ٿي سگهي ٿو. پرماتما نرگڻ نراڪار آهي؛ اُنجو
ڪوبہ روپ رنگ ڪونہ آهي؛ پر سڪي جيان اُن جو
پيو پاسو بہ آهي. پاڻي بہ تہ نراڪار آهي، پر گرميءَ لڳڻ
سبب اهو ٻاف ٿئي ٿو ۽ آڪاس ۾ وڃي ٿو لڳڻ سان
اُهو ڪڪر جي روپ ۾ ڏسجي ٿو. وري وڌو ٿي
ڪرندي گرميءَ لڳڻ ٿي مينهن جي صورت ۾ نظر
اچي ٿو. وري ساڳيو پاڻي ٿڌ لڳڻ لي برف بڻجي ٿو.
ٿڌ سبب خود ندين ۽ سمنڊن جو پاڻي بہ ڄمي برف
ٿيو پوي. اهو آهي گرميءَ ۽ سرديءَ جو اثر، جنهن
ڪري نراڪار پاڻي ڪي آڪار (شڪليون) اختيار
ڪري ٿو. ساڳيءَ طرح ڀڳتن جي پريما ڀڳتيءَ روپي
ٿڌ اُن کي اُن سروپ ۾ ڀڳتن اڳيان پرگهٽ ڪري ٿي،
جنهن ۾ ڀڳت اُن جو ڌيان ۽ پوڄن ڪن ٿا. پريما ڀڳتيءَ
۾ اُها شڪتي آهي، جنهن جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي.

ڀڳت پنهنجي اِشٽ ديو جو ڌيان ڪندي، اُن
اهڙو تہ لين ٿي وڃن ٿا، جو هر ڪا سڌ بڌ ڀلايو ڇڏين
ٿا ۽ کين هر هنڌ هر جاءِ پنهنجو اِشٽ ديوُ ئي نظر اچي

ندي جدا جدا درشن حاصل ڪري سگهجن ٿا ۽ آخر
ماڌيءَ ۾ پرم درشن ٿئي ٿو. **راج يوگ** موجب ست
ڪا چڙهي آخر انيمءِ سماڌيءَ ۾ آلم ديدار ٿئي ٿو.
گ جي ساڌن ساڌيندي ساڌڪ کي جيڪي درشن
ن ٿا، تن جو ذڪر ڪندي **شويتاشوتر** اُپنشد ۾ آيو
ھي ته "جڏهن يوگي برهم جو ڌيان ڪريٿو، تڏهن
ن کي شروع ۾ جدا جدا روپ نظر اچن ٿا. ڪوهيڙي
بيان، دونهين وانگر، سج، وايو، اگنيءَ، ٽانڊاٽي،
ٽليءَ، چنڊ وغيره جهڙن جوتيون ڪيس نظر اچن ٿيون.
گ اڀياس ۾ برهم درشن کان اڳ اهي روپ ظاهر ٿين ٿا.
رهم جو اهڙو نه ڀاري پرڪاش آهي، جو اُن جي
پهوٽ لاءِ پهرين اُهي پرڪاش نظر اچن ٿا؛ ان لاءِ ته
هم جي پرڪاش کي يوگي سهاري سگهي." اِهو اُهو
ڪاش آهي، جنهن لاءِ شاه صاحب چيو آهي:-

"سهسين سجن اُڀري، چوراسي چنڊن؛
بالله ري پرين، سڀ اونداهي ڀانئيان."

شريمد ڀڳوت گيتا ۾ آيو آهي ته جڏهن ڀڳوان
ڪرشن ارجن کي اُپديش ڪندي پنهنجو ورات روپ
ڏيکاريو هو، تڏهن هو اُن جي پرڪاش جي ست سهي
ڪين سگهيو هو ۽ وينتي ڪئي هئائين ته "ڪرپا ڪري
ن کي پنهنجو پهريون روپ ڏيکاريو."

گيان يوگي خواه راج يوگي آخر ۾ جنهن حالت کي
اپت ٿا ڪن، سا اها آهي-

جنهن ۾ هنن سيني سکن کي لت هنئي؛ جنهن ۾ هنن
پريتم لاءِ پاڻ گهوري قٿو ڪيو هو.
اِهو پريم ڪپي جو پتنگن کي روشنيءَ لاءِ آهي،
جنهن تي موهت ٿي پاڻ جلائي جان ڏين ٿا. اها محبت
ڪپي جا مڇيءَ کي پاڻيءَ لاءِ آهي، جنهن بنا هوءَ ترڦي
ترڦي جان ڏئي ٿي. اها سڪ ڪپي جا هڪ ستيءَ نار
کي پنهنجي پتيءَ جي ملڻ لاءِ هوندي آهي. اها تمنا
ڪپي جا هڪ اُن چور کي هوندي آهي، جنهنکي جاڻ
هوندي آهي ته پر واري ڪمري ۾ ملڪيت رکي آهي،
جا هٿ ڪرڻي اٿم. شاهه صاحب چوي ٿو ته

”اکيون سيئي ڏار،
جنهن سان پسين پرينءَ کي.“

هي اکيون، هيءَ باهرين درشني اُن کي پائڻ لاءِ
ڪين آهي.

هيءَ فقط پڪتن جي مستيءَ جي حالت ۾ درشن جي
ڳالهه آهي. پر اُپنشدن ۽ بين گرنٿن ۾ به ايشور درشن
جي ڳالهه آيل آهي. **ڪٺ اُپنشد** ۾ پڻ درشن جو
ذڪر آيو آهي. ڪٺ اُپنشد چوي ٿو ته برهم جو درشن
يوگ ۽ سماڌيءَ دواران ٿئيٿو. يوگ جا ساڌن ساڌيندي
پنهنجي اِندرين ۽ من کي وس ۾ ڪرڻ بعد اُها اوستا
اچي ٿي، جڏهن باهرين سڌ بڌ وسري ٿي وڃي ۽ اِن
اوستا ۾ شانتي ۽ پرمانند حاصل ٿو ٿئي. **هٺ يوگ**
موجب **ڪنڊلي** جاڳرت ڪري، شٽ (ڇهه) چڪر

(٢٦)

ساڪار برهمءَ جي پوڄا

هندو شاسترن ۾ برهم جا روپ ساڪار ۽ نراڪار
ٻڌائي ڪيل آهن. برهم ته اصل ۾ نراڪار ۽ رنگ روپ
کان رهت آهي، تڏهن هن جو ساڪار روپ ڪهڙو آهي؟
اٿروويد ۾ اچي ٿو:-

यस्य भूमिः प्रमान्तरिक्षमुतोदरम् ।
दिवं वशचक्रे मूर्धानं तस्मैजेष्ठाय ब्रह्मणे नमः ॥
यस्य सूर्यश्चक्षुश्चन्द्रमास्व पुनर्णवः ।
अग्निंवातः प्राणापानौ चक्षुरङ्गिरसोऽभवन् ।
दिशो यस्य के प्रज्ञानीस्तस्मै ब्रह्मणे नमः ॥

”پرٿوي جنهنجو پير آهي، انترڪش (پرٿوي ۽
آڪاش جو وچون ڀاڱو) جنهنجو پيٽ آهي، آڪاش
جنهنجو مٿو آهي؛ اُنهيءَ مهان برهم لاءِ نمسڪار آهي.“
”سورج ۽ پورڻ چنڊ، جنهنجا نيتر آهن، اگنيءَ کي
جنهن پنهنجو وات بڻايو آهي؛ اُنهيءَ مهان برهم لاءِ
نمسڪار آهي.“
”وايو جنهنجو پراڻ ۽ اَپان، ۽ ڪرڻا جنهنجا نيتر
آهن؛ طرفن کي جنهن ٻانهون بڻايو آهي؛ اُن مهان برهم
کي نمسڪار آهي.“
انهن منترن ۾ ٻڌايل آهي ته اُهو شڌ برهم ئي سرو
وياپي آهي، سڀ ۾ سمايل، هر جاءِ حاضر ناظر آهي.

جنهي سج نه چنڊ ڪو، زمين ناهه ذرو؛
نڪو چارو چنڊ جو، نڪو سج سرو؛
اُتي آديسين جو لڳو دڳ درو؛
پري پيهن پرو، ذات ذائون ناهه ۾.

ان سماڌيءَ جي حالت ۾ جيڪو پرمانند تو پراپت
ٿئي، تنهنجو بيان ڪري نٿو سگهجي. گُونگو ڳڙ کائي
ڇا ٻڌائيندو؟

ايشور درشن يا سماڌيءَ جي حالت کي پراپت ڪري
سگهجي ٿو، پر اُن لاءِ ايشور ۾ پورن وشواس
ناستڪ ٻڌيءَ سان اُن کي پائي ڪونه سگهبو. جن کي
ان جي پراپتيءَ جي لگن لڳندي، من اندر محبت جل
مچ مچندا ۽ ان ڏس ۾ پنڌ ڪندا، سي ئي اُن کي
پائي سگهندا، سستن کي سوڀ ملڻي ڪانهي.

پاڻ ۾ ڪڍج پاڻ سين، ري وسيلي وڃ؛
لالن لنبين لڌ، عشق جنبين جي اڳ ۾.
(شاهه

ڻ ڪجي. اهائي چٽون، اهائي تڙڦ، اهائي سڪ
رنگ ۾ سمائڻ ڪجي. جڏهن مڇي پاڻيءَ بنا تڙڦندي
ي، ساڳيءَ طرح تڙڦ هڻڻ ڪجي پريوءَ ملڻ لاءِ.

پاڻيءَ منڍي جهوپڙا، مورک اُڃ مرن؛
پاڻ نه سڃاڻن، ڏانهون ڪن مڻن جمن.

اسان جي اها حالت آهي، جو سڀيءَ خوشيءَ جو،
ني مالڪ جو، سڀني ڌن پدارٿن جو، سڀني خوشين
و پريو پيدار اسان ۾ موجود آهي، اُن کي وساري
ر پٺڪون ۽ هٿو راڙيون ڏيون ٿا ۽ واسنائن وس ٿي
ني ٿا ٿيون.

ياد رکڻ کپيٿو ته جڏهن ڪامنائون ۽ واسنائون
نديون، تڏهن ئي جيون مڪتي ماڻيندا سين.

(٢٨)

ڇا ويدانت سست بڻائيندڙ آهي؟

منش مالڪ جو سچو ڪلياڻ ڪندڙ جيڪڏهن ڪا
بڻا آهي ته اها آهي ويدانت جي سکيا. مگر جن کي
دانت جي گيان جي سچي سوجهه نه آهي، سي چوندا
ن ته ويدانت انسان کي بيڪار ۽ سست ٿو بڻائي.
قت ته اها آهي ته جن جن ويدانت کي پوريءَ ريت
و آهي ۽ ويدانت جو گيان جيون ۾ عمل ۾ آندو آهي،
جڳت لاءِ بيڪار ۽ سست ته ڪين بڻيا آهن، مگر

اهوئي برهم جو ساڪار روپ آهي. ان ساڪار روپ
موجب ڀنتا ۽ جدائي آهي ئي ڪانه. ان حالت ۾
ڪنهن سان به دويش، ايرکا يا دشمني رکڻ آهي
برهم کان منڪر بڻجڻ، ناستڪ بڻجڻ. ان ساڪار روپ
برهم جي پوڄا ۽ اُن جو وندن ته اهو آهي ته سڀني
سان ملي جلي رهون، پراڻي ماتر کي پنهنجو سمجهون،
سڀني کي پيار ڪريون ۽ سڀني کي سهائتا ڪريون.

(٢٧)

واسنائن جي نوڙي

واسنا ئي آهي، جا جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڦيرائيندڙ
آهي. اهائي نوڙي آهي، جا منش کي بندنن ۾ ٻڌي
ٿي. جيسين واسنا آهي، تيسين سنسار جي چڪر کان
ڇوٽڪارو ملڻو ڪونهي. ان ڪري وويڪ ويراڳ روپي
ڪئنچيءَ سان اُن بندن کي ڪپڻ کپي ۽ گيان جي اگنيءَ
سان اُن کي ساڙي ڀسم ڪرڻ کپي.

ڪامنائن مان ترشنائون پيدا ٿين ٿيون. اُنهن جي
پوري نه ٿيڻ جي حالت ۾ اُهي دکن جي ڪوري
جلائينديون رهن ٿيون. دنيا جون ڪامنائون ڪٿڻ جون
ڪين آهن. هڪڙيون پوريون ٿين ته ٻيون اچيو سر
ڪڍيو ظاهر ٿين. ان ڪري آتم سمرپڻ ڪري، سڀ
ڪامنائون تياڳي، فقط پريو ملڻ جي ڪامنا ئي دل ۾

ي ڪيس ڪرم جو ڪو ليپ نٿو لڳي. انهن ويدانتي
رشن ۾ اگيانين واري مان مان، هوءَ هوءَ چنتا ڪانه
رهي؛ انهن جو جيون سوارٿ وارو ٿي نٿو رهي،
مايا ميڙيندا رهن ۽ دنيا جي گهپ ۾ گتا رهن. دنيه
اهي، جن کي ويدانت جو رنگ لڳي ٿو ۽ جي
نه ٿرن ٿا، پر ٻين کي به تارين ٿا.

(۲۹)

اَگيان دور ٿيڻ بعد اوستا

جڏهن اَگيان جو پردو هٽندو، تڏهن پريوءَ کي
ي هٿ ڳولهڻ جي ضرورت ڪانه ٿيندي. تڏهن نه
و پنهنجو رهندو، نه پرائو. نه لون رهندي، نه مان.
ڌهن سڀ ۾ پنهنجو روپ ٿي پسبو. تڏهن جنم ۽
ت کي ناٽڪ جا جدا جدا کيل سمجهنداسين ۽ گيتا
يا موجب سمجهنداسين ته موت آهي ئي ڪونه؛ اڻ
ي مان ڏنا ٿيا آهيون ۽ ڏني مان اڻ ڏنا ٿينداسين؛
ي جي سنسار ۾ سدائين ساکي ٿي، آلم روپ ٻڌجي
يءَ ئي بهاريءَ ۾ گذاريندا سين. تڏهن ست چت
سروپ سڀ ۾ پسي، نه ڪنهنکي دکي ڪنداسين،
ڪنهنجو مدو چاهينداسين، نه ڪنهن جي چوري
نداسين، نه ڪنهنجي گلا ڪنداسين. بس پوءِ ته شانتي
ڪ چوڌاري لهرون ئي لڳائيندو رهندو.

سچا ڪرم يوگي ۽ چست بڻيا آهن. اتهاس ان جو ساکي
آهي. تواريخ جا ورق ورائي ڏسبو ته ڇا ٿو نظر اچي
ڀڳوان شري رامچندر کي سندس گرو وسشٽ مهاراج ک
ويدانت جو گيان پراپت ٿيو هو. ڇا هو اها سن
حاصل ڪري سست بڻيو هو؟ ڇا يوگيراج ڪرش
چندر، جنهن کي اُپنشدن جو ويدانت جو گيان حاصل ٿ
هو، سو سست هو؟ ڇا مهرشي ياگيه ولڪيه سست هو
ڇا ماتا مدالسا سست هئي؟ ڇا راجا جنڪ سست هو
جڳت گرو شري سوامي شنڪر آچاريه کي آلسي
بيڪار ڪير ڪوٺيندو، جنهن ڀارت جي ڪنڊ ڪ
۾ وڃي، ناستڪپڻي جون پاڙون پٽيون ۽ ويدن ج
گيان جو ڦهلاءُ ڪيو هو؟

موجوده زماني ڏي ئي نظر وجهي ڏسون. ڇا شر
سوامي رامڪرشن پرمهنس بيڪار ۽ سست هو؟
سندس شش شري سوامي وويڪانند مهاراج سست
جنهن سڄي جڳت ۾ ويدانت جو جهنڊو جهلايو؟
شري سوامي رام تيرٿ مهاراج سست ۽ بيڪار بڻيو
جنهن ويدانت جي رنگ ۾ رڱجي، پورب ۽ پڇم
لوڪن کي ويدانت جي گيان ڏي مست بڻايو هو؟

ويدانت جي سکيا ڪڏهن به بيڪار ۽ سست نٿ
بڻائي، فقط جيون ۾ اُها تبديل ٿي اچي، جنهن ڪ
مدش مان ديهه ادياس، اهم ڀاءُ ۽ ممتا نڪريو و
۽ اُهو جيڪي ڪري ٿو، سو ساکي بڻجي، ج



شري پريداس برهمچاري

(٣٠)

منش جو ڪلياڻ ڪڏهن ؟

روڳي ڊاڪٽر کي پاڻ ڏيکاري دوا وٺڻ بعد د
ڪين پيئندو ته ڇا تندرست ٿي سگهندو؟ ڊاڪٽر ل
روڳ ٻڌائي ۽ دوا ڏيئي سگهي ٿو. تندرست ٿيڻ
ته روڳيءَ کي ڊاڪٽر جي صلاح تي هلڻ ۽ اُن جي ڏ
دوا جو پيئڻ ضروري آهي. ساڳيءَ ريت گرو ته را
ٻڌائي سگهي ٿو، مگر پنڌ ڪرڻ ته شش جو ڪم آهي
شش فقط ٻڌندو ئي رهندو، منَ ۾ نديڌياسن ڪو
ڪندو ته اُن جو ڪلياڻ ٿيندو ئي ڪيئن؟ شش ج
ڌرم آهي شروع ڪري، منَ ۾ نديڌياسن ڪندو رهي
تڏهن سندس ڀرم ڀولو مٽندو ۽ اصل انڀو ڪري،
کي پائي، گروءَ جي پد کي پهچندو. اهوئي اِنساني ذ
يا فرض آهي. جگياسوءَ ٻٽجي پنڌ ڪرڻو آهي ۽ آ
جگياسپڻو گم ٿي وڃڻو آهي. پاڻ پائي پاڻ ۾ لـر
رهڻو آهي. گرو ارجن ديو جن چيو آهي :-

گرو شش ڪا ٻنڌن ڪاٽي.

ٻـر وري وڏيڪ فرمايو اٿس ته اهو تڏهن ٿيند
جڏهن **"گرو ڪا شش وڪار تي هاٽي."** ان
پنڌ ڪرڻو آهي. هيءَ وهڻ جو وٽاڻ ڪين آهي. و
۾ ويسر ۾ رهڻ آهي پاڻ وڃائڻ ۽ اصليت کي پا
جنمن جي چڪر ۾ پئڪڻ.

پاڱو پهرو

پنڊر پشپ

(١)

فرض جاڻي ڪرم ڪر

ﻪ آلما،

سوامي ويڪانند صاف ٻڌايو آهي تہ اِنسان
هن سمجهي ٿو تہ آءٌ ڪجهہ ڪريان ٿو ۽ چڱا پر اُپڪار
يا ڪم ڪندي ٻہ جڏهن ڏسي ٿو تہ مون کي اُنهنجو
و ڦل نہ ملي رهيو آهي، يا چڱن ڪمن جو سٺو
جو نڪرندو نٿو ڏسي؛ تڏهن هو نراس ٿيو پوي
چڱا ڪرم ڪرڻ يا چڱيون ڳالهيون ڪرڻ ڇڏيو
ي. اِها ڳالهہ ٻهڙي آهي. اسين جيڪڏهن پڳوان
رشن جي اُپديشن تي ڌيان ڏيون تہ پوءِ جيڪر اِها
ت نہ ٿئي. پڳوان چوي ٿو تہ ڪرم تي تنهنجو اڌڪار
ي، نڪي ڦل تي. فرض پاڙ پر نتيجي ڏانهن ڪين نهار؛
منا رهت ڪرم ڪر. ائين جاڻ تہ تون ڪرم ڪرڻ
و ڪين آهين.

هي ۽ ڳالهہ جڏهن اسين ٻالجي وهون ٿا، جڏهن ٻانا

ڏارين ماسترن وٽ پائي سگھن ٿا.
بين جي سڌارڻ بدران پنهنجيءَ سچيءَ اُنتيءَ جو
ين رک. هائو، بين جي ڀلي جو خيال ڀلي رک، مگر
يءَ باري ۾ ڪوشش ڪندي ڪھڙو ڦل ٿو لڪري،
جي پرواهه نہ ڪر. اسين ڪير آهيون، جو اُنجي
نتا ڪريون؟ رڳو فرض پاليندا هلون. موه جڏهن حد
ي ٿو، تڏهن ڪيرائي ٿو. تون پنهنجو پاڻ کي سڃاڻ.
ين پرڪرتيءَ جو غلام ڪين آهين. تون تہ اُن جو ساکي
روپ آهين. پاڻ کي ساکي يعني ڏسندڙ سمجھ ۽ اُن
يان هلندو هل. "دک داروُن، سک روڳ ڀيا" جي
لهہ دل ۾ ڌار. موه ۾ ڪتان پيار ملي ٿو يا نہ، سو دل
نہ رک. سڀني کي پيار ڪر. سڀني ۾ ڀرپور پسي، سڀني
ي پنهنجو سمجھ. سڀني ۾ ساڳيو آتما انڀؤ ڪري، سڀني
ءِ همدردي ڌار. پنهنجو پاڻ سڀ ۾ ڄاڻي، سڀني کي
سدد ڪرڻ جي ڀاونا ڌار. پنهنجو آتما سڀ ۾ ڏسندو
ڪر. ائين ڪندين تہ ٽوڪي ڪو بہ دک نہ ستائيندو.
ڪو بہ وڪار ٽنهنجي ويجھو ڪونہ ايندو. ڪابہ وشيہ
ٽوڪي اوڏو اچي نہ سگھندي. تون پاڻ پورڻ آهين.
ڪي ڪنهن ڳالهہ جي گھرج يا لوڙ ڪانہ آهي. سنسار ۾
ي ٽنهنجو پسارو آهي. هي سڀ سمجھ، دل ۾ رک،
ندر ۾ رک ۽ اُن موجب جيوَن گذار تہ تو وٽ آنند
ي آنند لهرون ماريندو رهندو. آنند ٻيو ڪٿان ملڻو ڪين
ي. تون خود آنند جو ڀنڊار آهين؛ آنند سروپ آهين.

ڪي ڪرم ڪندڙ جاڳون ٿا، جڏهن ڪنهن بہ چڱائيءَ جـ
اسين پاڻ ڪي ڪندڙ سمجهون ٿا، تڏهن جي اُنجو چڱ
ڦل نڪرندو تہ ڏسون، نہ پوءِ دک ٿئيڻون ٿو؛ رئو
ٿا، رنج ٿيون ٿا، ڪروڌ اچيڻون ٿو.

دکن کـان ڇٽڻ گهرين تہ ڀڳوان ڪرشن جـو اُپديش
دل ۾ ڌار. پنهنجو فرض پاليندو هل. اهوئـي دکـن
ڪروڌ، رنـج وغيره کان ڇٽڻ جو ساڌن آهـي. اسي
ڪير آهيون، جو ڪنهن کي سڌاريون يـا سيکاريون
ست مارگـ تي يا ڪمارگ تي هرڪو پاڻ کي پاڻ تـ
وٺي هلـي. چڱن ماڻهن يا ست پـرشن کان ڪي اِشا
برابر ملن ٿا. جن جي ڀاڳ ۾ لکيل هوندو، سي ئي
جو لاڀ وٺندا. ساڳئي مينهن جي پاڻيءَ جو قـڙو سـ
جـي وات ۾ پئي موتي بڻجي ٿو ۽ ساڳيوئي نانگ جـ
وات ۾ پئجي اُن جو زهر وڌائي ٿو. اِهو هرڪنهنج
سڀاءَ ڪري آهي.

ڀڳوان ڪرشن کي يشودا پنهنجو ٻار سمجهي وقـ
مار پيندي ۽ اُکريءَ سان ٻڌندي بہ هئي. ڪنهن بہ چـ
ماڻهوءَ کي سندس مائٽن سندس جيتري خبر ڪي ـ
هو. ڏئي جي هيٺان هميشهہ اوندهہ هوندي آهـ
جيتوڻيڪ سندس روشني گهڻو پري تائين اونداهيءَ
دور ڪندڙ آهي. پنهنجائي ڪڏهن بہ اوچائي ۽ وڏ
ظاهر ٿيڻ نہ ڏيندي آهي. مون جاچي ڏٺو آهي تـ
ماءُ ۽ پيءُ وٽ اها سکيا پائي ڪين سگهندا آهن،

چڻ وغيره جي پرواهه ڪانه ٿي رهي. شرير کي هن جڳت
ـي ليلا منڊپ ۾ جيسين جهڙي نموني ۾ کيل کيلڻو
ندو، اهو سڀ ساکي ٿي ڏسڻ ۾ مزو آهي. ساکي
جي رهه ته سچي سک جي ساگر ۾ ٻيون هڻندو رهين.
جنگ جي ميدان ۾ ارجن پنهي سينائن جي وچ ۾
هي، موهه وس ٿي، جڏهن ڏنش باڻ ڦٽو ڪري
ڪرشن کي هٿ ٻڌي وينتي ڪرڻ لڳو ته "مون کي
مر نٿي پوي ته منهنجو ڀلو ڇا ۾ آهي، نيڪ ڪهڙي
الهه آهي. آءُ اوهان جو شش آهيان. اوهين مون کي
ٻڌايو ته پنهنجي ڀلي لاءِ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟"
ها جگياسا پيدا ٿيڻ تي ئي ارجن کي شري ڪرشن
گيتا ۾ ڏسيل برهم گيان نرواڻ ڪري ٻڌايو هو. هونئن
ڪرشن کي ارجن پيارو ته گهڻوئي هو، مگر جگياسا پيدا
ٿيڻ کان اڳ اُن کي ساڳيون ڳالهيون ٻڌائي ها ته انهنجو
اهو اثر ڪين ٿئي ها، جيڪو جگياسا پيدا ٿيڻ بعد ٿيو
هوس، جو ڪرشن جو اُپديش ٻڌي آخر ۾ ارجن کي
چوڻو پيو ته هاڻي منهنجا سڀ سنسا نورت ٿي ويا آهن
وغيره. راجا پريڪشت کي ڀاڳوت جو اُپديش ته تڏهن
ڪيو ويو هو، جڏهن مرڻ جي ڊپ وچان هنڪي سچو
سنسار سپني سمان ڀاسڻ لڳو هو. جڏهن موت کان ڇٽڻ ۽
موڪش جي پراپتيءَ جي ساڌن جاڻڻ جي تيز اڇا من ۾
پيدا ٿيس، تڏهن ئي کيس ڀاڳوت جو گيان ٻڌايو ويو هو.
اهڙيءَ ريت ويراڳ بعد جگياسا پيدا ٿيڻ تي ويدانت

ٻاهر ڳڻڪڻ جو ضرور ڪونه آهي. سدائين پرسن چت
رهه، ڪلمک رهه، اندر ٻاهر آنند ئي آنند جو ديدا
ڪر. دکن دردن ۾ به آنند ئي آنند ڏس. بس، اُٿڻ سا
اهو سوچ ته مون وٽ دک درد ڪونه آهي. مان خو
آنند آهيان. آنند ئي منهنجو سروپ آهي. آنند ئي
آنند جو وسڪارو ڪرڻو اٿم.

دک جي دنيا کي ضرورت ڪانه آهي. جيڪي
اگيان ڪري دکن جي درياه ۾ غوطا کائي رهيا آهن
ان لاءِ مون، وچن ۽ ڪرم سان آنند جي ورکا ڪندو رهه

ستسنگ ڪو ڏنين لڳائڻ ۽ ڪتابن پڙهڻ ۾ ڪون
آهي. پر اُهو ڪو ٻيو فهم آهي جنهن سان ٻسڻ تڻ
ٻرپڻ جو. ڪيترن ۽ پاٺ پڙهڻ چڱا، پر ضرورت آه
پاڻ پروڙڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي. ڪنهن کي پو
پڙهندي گيان ڪين تيڻو آهي. تنهنجو انتر آلما ش
جاڳي ۽ سچي سک کي پائين، اها اٿم تمنا.

(۲)

پريم نوازڻ

پيارا لعل!

سچي سروپ کي ته نه آهي دک نه سک، نه ه
نه شوڪ. اهو سدا بهار آهي. ست چت آنند رو
آهي. هيءَ ڳالهه جيئن هردي ۾ وڌيڪ ۽ وڌيڪ
ڪندي وڃي ٿي، ليئن ڪشت، هاڃي، روڳ، ا

ـني مل وڪشيپ جنهن ۾ ناهن، جنهن ۾ باقي رڳو اگيان
ـقي ۽ جنهن چار ساڌن (وويڪ، ويراڳ، ڪٽ سمپت
مممڪشتا) ڌارڻ ڪيا آهن، سوئي بـڌ يوان انسان ان
ـيدانت سکيا جو اڌڪاري آهي.

هڪ طوطو وبهي چولدو تہ مان نت شڌ ست چت
ـنند سروپ آتما آهيان تہ اُن کي اُن مان ڪهڙو لاڀ
ـاصل ٿيندو؟ برابر ڪيترن ئي ڪنهن ۾ ساڳيو پڳوان
ـهي، برابر هڪ دراچاري ۾ بہ اُنجوئي پرڪاش آهي؛
ـڪر ان جيڪڏهن رواجـيءَ ريت جالـو آهي تہ "مان
ـآتما آهيان ۽ ڪنهن بہ ڪرم جو مون کي ليپ نٿو لڳي
ـ مـان ڪجهہ بہ ڪريان ٿي ڪين ٿـو، مان تہ ساکـي
آهيان." تـہ ان حالت ۾ هو دراچار، ويڀچار، نڳـي،
ـد ولاب، خون خرابي وغيره ڪندي بہ ڪين ڏ ڪندو
ـ اُن سکيا جـي اُلٽـي اثـر سبب دنـيا ۾ خرابي ئـي
ـو ڌندي. ان ڪري شاسترن ۾ مهاتمائن پهرين هن سکيا
ـلاءِ لائقي ورنـن ڪئي آهـي. جـنهن پهريون درجـو
ـپاس نـہ ڪيو آهي، سو بـنا محنت يا بنا اڀياس جـي
ـستون درجو پاس ڪري ڪين سگهندو. جـو پهـرئين
ـڏاڪي تي پير رکي مٿين تي پير رکندو، سو ضـرور
چوٽـيءَ پر ڏکو ڪائيندو. هن باري ۾ بہ ساڳـي ڪار
آهـي. مون توکـي وري وري سمجهايو آهي تہ آتـم
ساکياتڪار ڪرڻ ۾ ٽي دوش رڪاوٽ آهن، جي آهن
(١) مل (٢) وڪشيپ ۽ (٣) آورڻ. اُنهن کي دور ڪرڻو

جي گيان ملڻ سان ئي لاڀ حاصل ٿئي ٿو.
عام لوڪن لاءِ ويدانت گيان يا آتم گيان سمنڊ جي
کاري پاڻيءَ مثل آهي. شاسترن ۾ اچي ٿو ته سمنڊ جو
کارو پاڻي ڪير به ڪين پيئندو آهي، پر سج جي تابش
ڪري جڏهن اهو ساڳيو کارو پاڻي ٻاڦ ٿي آڪاش ۾
پهچي، ڪڪر بڻجي وسندو آهي، تڏهن اهو ساڳيو
پاڻي مٺو بڻجي پوندو آهي ۽ هرڪو اهو آب حيات
سمجهي پيئندو آهي. ساڳي ڳالهه هن گيان روپي آب
حيات لاءِ آهي. اهو گيان انڀوي مها پرشن کان ٻڌڻ
تي اهو ٻڌندڙ لاءِ امرت سمان آهي؛ پر گيان ٻڌائيندڙ
جيڪڏهن انڀوي نه آهي ته پوءِ انجو گيان اکري سمجهڻ
گهرجي. انهن جگياسوءَ جو ڪلياڻ ڪين ٿي سگهندو.
جنهن اهو گيان حاصل ڪيو هجي ۽ ان ۾ پورن نشٺا ٿي
هجيس، ۽ فقط خيالي ويساهه نه هجيس، پر جيون به ان
موجب بڻايو هجيس، اهوئي ان گيان ڏيڻ جو اڌڪاري
آهي. ٻئي طرف اهوئي هي گيان گرهڻ ڪري سگهندو
جو اُن لاءِ اڌڪاري هوندو. اُبتي دلي تي ڪيترو
پاڻي نائبو ته پر بو ڪين. ان ريت جنهنکي گيان ٻڌاي
وڃي، سو اڌڪاري هئڻ کپي. جي اُن برهم گيان حاصل
ڪرڻ کان اڳ جگياسوءَ ۾ وويڪ، ويراڳ، کٽ سمپت
ممڪشتا نه آهي ته اُن ۾ هي آتم گيان گهر ڪندو ئي ڪين
شري ويچار ساگر ۾ به اچي ٿو ته
"مل وڪشيپ جانڪي نهين، کنتو ايڪ اگيان
وهه چهو ساڌن سهت نر، سو اڌ ڪرت مت مان."

پڪتيءَ سبب انهن جا مل ۽ وڪشيپ دور ٿي ويا
وندا. باقي جن جا مل ۽ وڪشيپ دور نہ ٿيا آهن؛
جيڪي سنسار جي وڪارن ۾ ڳتا پيا آهن؛ جيڪي رات
ڏينهن عيش آرام ڀوڳين ۽ نيچ ڪرم ڪن ٿا؛ سي هڪدم
انهنجي تياڳ بنا، ۽ نشڪام ڪرم سان اندر اُجارڻ ۽ اُپاسنا
سان وڪشيپ يعني من جي چنچلتا هٽائڻ بنا اُن درجي
تي پهچي ڪيئن سگهندا؟ انهن مل ۽ وڪشيپ دور
ٿيڻ سان ئي وويڪ پيدا ٿئي ٿو. تڏهن هو چڱي مٺي،
ڪوڙ ۽ سچ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري سگهي ٿو. تڏهن اُن
۾ اهو شڀ ويچار پيدا ٿئي ٿو تہ هيءُ سنسار ڪوڙو يا
ڪلپنا ماتر آهي ۽ فقط هڪ برهم ئي ست آهي، سچو
آهي؛ قائم دائم ۽ سرو وياپي آهي. انهيءَ وويڪ پيدا
ٿيڻ تي ويراڳ جاڳي ٿو. هو سنسار جي سڀني سک
ڀوڳن ۽ پدارٿن کي، خود سرڳ جي سکن کي بہ تچ ۽
ناسونت ڄاڻي، اُنهن کان ڪٿو ٿي پوي ٿو. اُنهن کي
ڪنهن بہ وستوءَ جو موه نٿو رهي. هو سنسار جي
هر ڪا وستو دک ۽ وڪار روپي ڄاڻي ٿو. ان حالت
۾ ئي ان ۾ شٽ سمپتي يا ڇهه گڻ (١) شم (٢) دم (٣)
شرڌا (۴) سماڌان (٥) اُپرام (٦) تتڪشا اچي واسو ڪن
ٿا. انهن گڻن جي اچڻ بعد ممو ڪشتا (موڪش لاءِ تيوَر
اِڇا) اُلپن ٿئي ٿي. اُن حالت ۾ ئي برهم گيان جي
گروءَ دوارا اُپديش ملڻ تي سچو اُجالو ٿئي ٿو.
وري بہ هڪ ڳالهہ دهرايان تہ جيڪڏهن ڪو ٿانءُ

آهي. آتم درشن لاءِ ٻهرين ضروري آهي مل جي نوڙتي. ميري لڙائيل يا ڪکن ڪانئن سان ڍڪيل پاڻي ۾ خواهه مٽيءَ چڙهيل درسنيءَ ۾ ماڻهو پنهنجو پاڇو ڏسي ڪين سگهندو. پاڻيءَ متان پسيل ڪک ڪانا هٽائڻا ۽ درسنيءَ تي چڙهيل مٽي اُگهڻو پوندو، تڏهن ئي اُنهن ۾ پنهنجو منهن پسي سگهبو. ساڳيءَ ريت جنم جنمانترن جي پاپ ڪرمن ۽ ڪوڙين واسنائن سبب جيو جو من ملين رهي ٿو؛ ان ۾ ڪئين وڪار ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه وغيره پنهنجو مل پيدا ڪندا رهندا. انڪري مهاتمائون ۽ ويد شاستر ست ڪرمن، نشڪام ڪرمن، ڪامنا رهت ڪرمن ڪرڻ سان اُهو مل دور ڪرڻ لاءِ چون ٿا. ان رستي من جو مل دور ٿئي ٿو. وري جنهن درياهه يا تلاءَ جي پاڻيءَ ۾ لهرون اُٿي رهيون آهن، اُن ۾ ب اسين پنهنجو پاڇو ڏسي ڪين سگهندا آهيون. ان درش نه ٿيڻ جو سبب آهي چنچلتا. ان چنچلتا کي ٿو چئجي وکشيپ. من جي چنچلتا دور ٿيڻ بنا آتم ساکياتڪا اَسمڀو آهي. ان وکشيپ جي دور ڪرڻ لاءِ اُپاسنا ي ڀڳتيءَ جو ساڌن ڏسيو ويو آهي. ان بعد آتم گيان سا آورڻ هٽي ٿو ۽ موڪش ملي ٿو.

چوندا آهن ته ڪئين مهاپرش ٿي گذريا آهن جن ڪرم ڪيو ۽ نه ڀڳتي ڪئي ۽ سڌو اُنهن گيان مارگ پير ڌريو؛ پوءِ اُنهن جو اُڌار ڪونه ٿيو ڇا؟ اهڙا مثا برابر ملندا، پر اُنهن جي اڳين جنمن جي نشڪام ڪرم

(٣)

سچو سمر سنياهه

پريه لعل،

ٽورڙو بہ زبان جو رس (سواد)، سونهن جو فخر، سوق، سينگار، ڏيک ويک، ڪسنگ، وڪاري نيوي ماڻهن جو سنگ ۽ الهيءَ ۾ مزو وٺڻ، انهن جا اڳ، گيت وغيره ڳالهيون ٻڌڻ جيتو ٽيڪ خسيس. ٿو سمجهين، پر اُهي خسيس ڳالهيون خسيس نہ سمجهہ. اهي تهنجو زهر هارينديون وڏا وڪاري سنسڪار اُڇلائينديون تهنجي اندر ۾ گڏ ڪنديون وينديون. جيڪا بہ ڳالهہ ويچارجي، ٻڌجي، ڪجي، پڙهجي يا هيڪر ڏسجي ي، اُن جو من تي اثر ٿئي ٿو ۽ ڪڏهن نہ ڪڏهن ان جو چڱو يا برو نتيجو لوڙهو پوي ٿو. اِن ڪري هر ڪنهن ڳالهہ تي پورو پورو ڌيان ڏي. جيوت جي هر ڪنهن گهڙيءَ جو قدر ڪر. پيچ پاڻ کان، وري وري پيچ تہ روز چوويهن ڪلاڪن مان گهڻا تا تنهنجا سڦل ين ۽ نام جي سمرن ۽ نيڪيءَ جي راهہ ۾ خرچ ٿين؟ ـا جيوت اجائي تہ ڪانہ ٿي وڃئي؟ سمجهہ. ويچار ڪري پنهنجي جيوت ناهہ. اهو ڪو سمر ڪنو ڪر جو وءَ همت نہ هٽنا پولي.

سمر سار سوئي، جو ساٿي ٿيئي ؛
ڏ ينڊي منجهان لوڪ، هاٿي (مدد) ڏيئي.

صاف نہ ھوندو تہ اُن ۾ ڪير وجھبو تہ اُھو ڦٽي پوندو.
ليڪن ھي گيان اڻ اڌ ڪاريءَ ۾ ايمان ۽ وڪار اُلپٽ
ڪري سگھي ٿو. اھا ڳالھ وسارڻ نہ کپي تہ مان نشڪا
ڪرم، ڀڳتي، اُپاسنا، يوگ وغيره ڪنھنجي بہ برخلاف
ڪين آھيان. گيتا ۾ ڀڳوان صاف صاف چيو آھي ت
ڪو ڪھڙي بہ رستي مون ڏانھن اچي ٿو تہ اُھو مون
کي پائي ٿو؛ جيئن سڀني ندين جو ڇوڙ آخر سمنڊ
آھي، تيئن سڀني مارگن جو اَنت آتم گيان آھي ۽ اُ
گيان بعد آتم ساڪياتڪار. اُميد تہ اھا ڳالھ سمجھي اُنھن
کي عمل ۾ آڻڻ ۾ پنتي ڪين پوندين. نشچو ڪر تہ

"بيٺي ھمن ٽيري در پر،
تو ڪجھ ڪرڪي اُٺينگي؛
يا وصل ھي ھوجائينگا،
يا مرڪي اُٺينگي."

"اگر ملي نہ رب ملي، ٻيو مليو نہ ڇا ٿيو؟
دنيا ۾ دل جو مطلب، پورو ٿيو نہ ڇا ٿيو؟"

ڪجي.

مٿس سچو سروپ وساري مايا جو داس بڻجي ليلائون ڪري، آخر هٿ هڻي، دليا مان اڏيو وڃي. جيڪڏهن روز آتم چنتن ڪندا ڪريون ته اساڻجي رهڻي ڪهڻي ئي اؤر بڻجي پوي. شل توُن ان راز کي سمجهين، انهيءَ سمنڊ جي اونهائيءَ ، وڃي، موتي ميڙين؛ نه ته ماڻهو ته سمنڊ جي ڪناري تي هٿوراڙيون ڏيندا ڪوڏيون ڪوڏ ۽ پٿر ميڙيندا رهن ٿا ۽ سچ بدران ڪچ ئي ڪٺو ڪندا رهن ٿا، جنهن مان هوند نه شڪر.

(٥)

شِوُ ۽ شيوا

پريه آتما،

آدر ڪر، مگر نقل جي اِڇا نه رک. جيترو ٻين جو ڀلو ڪري سگهين، اوترو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ڪر. ڌن سان نه ته تن سان؛ تن سان به نه ته من سان ڪنهنجي ڀلائي ڪر. مٺڙا همدرديءَ ڀريا ٻول ڪنهن سان ٻولڻ به وڏو پنج آهي.

ايشور جي پرارٿنا ڪندي چئون ٿا ته ”توُن ديالو آهين. ڪرپالو آهين.“ اُن مان لاڀ ڪهڙو؟ ايشور ديالو آهي ته اسين به ديالو ٿيون. ايشور ڪرپا ڪري ٿو ته اسين به ڪنهن تي ڪرپا ڪريون. ايشور مهربان

ياد رکہ تہ استري پرش جي سنگ - ڀوڳ ۾ ماڻهو سک سمجهن ٿا، پر اهو آخر دک سروپ ئي ثابت ٿئي ٿو. اُن مان ڪنهن کي سک مليو آهي؟ اهو سک تہ پشوُ جوُ ٽيءَ ۾ و ڌيڪ ملي ٿو. ان ڀوڳن ۾ لڳي رهڻ واريءَ جيوت رهڻ سان مرونءَ ۽ منش ۾ ڀيد ڪهڙو؟ انڪري وشيہ سک جي اڇا، اولاد پراپتيءَ جي خواهش، سينگار، ڪاڏي آرام وغيره سڀني ڀوڳڻ جا خيال ڇڏي، تياڳ جو هٿيار کڻي هل سنسار ۾، تہ ڪين ڦاسندين مايا جار ۾ ۽ لنو لڳي رهندءِ ڪرتار ۾.

---

(۴)

اوچي نظر

پريہ لعل،

ياد رکہ تہ آتمڪ نظر ٿيڻ بعد اُها اوستا اچي ٿي، جڏهن جنس (مونث مذڪر) جو ڀيد ڀاءُ بہ وسري وڃي ۽ سڀ ۾ هڪ آتما اُنيؤ ٿيڻ لڳي ٿي. منش کي آخر اهائي ڪوشش ڪرڻي آهي جڏهن مان، تون، پنهنجو، پرائو سڀ ڪجهہ ڀلجي وڃي. پاپ اُنهيءَ کي تہ ڪوٺجي، جنهن ڪم ڪرڻ ڪري لڄ، شنڪا يا ڀؤ پيدا ٿئي. اسين جيڪي ڪرم ڪريون، تنهن ۾ ڏسون تہ اسان ۾ اُنهن جي ڪندي اُنهن ٿن مان ڪنهنجي اُپٽي تہ ڪانہ ٿي ٿئي. جي نہ، تہ اهو پاپ ناهي ۽ اهو ڀلي

(٦)

گُرمُک ۽ مَن مُک

پريه لعل،

دک ۾ سمرن سڀ ڪرين،
سک ۾ ڪري نہ ڪوءِ؛
جو سک ۾ سمرن ڪرين،
تو دک ڪاهي ڪو هوءِ؟

دک ۾ گهڻيئي پريوءَ کي ياد ڪن ٿا، جو تہ سک ڪان وڌيڪ دک ۾ ئي منش کي پريوُ ياد پوندو آهي؛ دک ۾ وڌيڪ وقت بہ ملندو آهي. سندس سمرن، چنتن ۽ ڌيان ڪرڻ تہ گرمکن جو سڀاءُ آهي، پر منمک تہ اُن حالت ۾ پڳوان کي گاريون ۽ پٽ پاراتا ڏيندا آهن. گرمک تہ ائين ئي چوندا آهن:-

"جو تڌ ڀاوي، سا ئي ڀلي ڪار،
تُون سدا سلامت نرنڪار."
"تيرا ڪيتا ميٺا لاڳي،
هري نام پدارٿ نانڪ مانگي."

"راضي رهون رضا ۾، جس ۾ تيري رضا رهي،
باقي نہ مئن رهون، نہ ميري آرزو رهي."

گرمک تہ دکن کي پريتم جون منيون مهاليون ڄاڻندو آهي ۽ هر حال ۾ شڪر ڪندو آهي. سون کي پورن

آهي تہ اسين بہ مهربان بڻجون. ايشور جي سچي مهما
ڳائڻ اِها آهي تہ اُهي ايشوري گڻ اسين پاڻ ۾ آڻيون.
وات سان پڪارڻ مان ڪجھ ڪين پڙپندو. سچي پوڄا
آهي سڀ ۾ شو (پريو) پسڻ ۾. سڀ ۾ اُنجو ديدار
ڪري، انهن جي شيوا تن، من، يا ڌن سان ڪرڻ سان
هردو اوجل ٿئي ٿو ۽ اُن سان شوَ (ڪلياڻڪاري پريوءَ)
جي پراپتي ٿئي ٿي. گھنڊن گھڙيالن وڄائڻ، آرتي
ڪرڻ، ڀڄن ڳائڻ يا گرنٿن پڙهڻ سان پريو ملڻو ڪونهي.
اهي ڳالهيون ڪي خراب ڪين آهن؛ پر

روزا ۽ نمازون، اِهو پڻ چڱو ڪم؛
مگر اُهو ڪو ٻيو فهم،
جنهن سان پسڻ ٿئي پرينءَ جو.

اِها ڳالھ سمجهي اُن تي عمل ڪر. جيئن ٿورو آهي، منزل دور آهي. منزل ڏانهن لڪي وک وڌائيندو رهہ. پنتي نہ لهار.

اڃا تہ پاڻي بہ ڪانہ پيتي آهي. گھڻوئي پينهڻو آهي. اِهو ياد رکہ ۽ اڳتي وڌندو هل.

ڪانڌو ڪين ڏيندي آهي؛ ليڪن سچو گرو ته پنهنجن شش ۽ شردالن کي سنڌن لائقيءَ ۽ اوستا موجب ئي سکيا ڏيندو آهي. شري رامڪرشن به پنهنجي جيون ۾ ائين ئي ڪيو آهي. جتي گرهستين کي هڪ قسم جي سکيا ڏني اٿس، اُتي تياڳين کي ٻئي قسم جي ۽ سنياسين ۽ ڳڀرو جوانن کي پنهنجي قسم جي. هر ڪنهن جي لائقيءَ ۽ ڌرم جو خاص خيال رکيو اٿس.

سنسار ۾ سڀني پاپن ۽ اُنرٿن جو مُول ڪامني ۽ ڪنچن آهي. ها، هتي اِها ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته ڪامنيءَ جو سچو ارٿ ڪام ئي آهي؛ وشيه ڀوڳ واسنا ئي آهي. جيئن پرش لاءِ اِستري ڪيرائيندڙ آهي، ته اِستريءَ لاءِ پرش ڪيرائيندڙ آهي. پر اهو تڏهن آهي، جڏهن جنس جي نظر آهي. جڏهن اها نظر ڪم ٿي ٿئي ۽ پرش اِستريءَ کي اِستري ۽ اِستري پرش کي پرش نٿا سمجهن، تڏهن هڪ ٻئي ڏانهن ڌڪار يا ڪشش جي ڀاونا رهي ئي نٿي. آتما ۾ نه جنس آهي ئي ڪانه؛ اِستري پرش آهي ئي ڪونه. آخر انهيءَ ڀاونا تي پهچڻو آهي. هر هميشه هر هنڌ آتما جو ئي درشن ڪرڻو آهي. ويدانت جي اهائي سکيا آهي.

پر ڪام تي پورن ضابطو پراپت ڪرڻ لاءِ پرش کي اِستريءَ لاءِ ۽ اِستريءَ کي پرش لاءِ اِن ڪامني نظر کي مٽائڻ لاءِ ديهه ڀاونا کري ڌڪار ئي اُپن ڪرڻ ضروري آهي. جيستائين اها ڀاونا پڪي نٿي ٿئي،

وشواس آهي ته تون دکن کي شرير جو ڌرم ڄاڻي، اُن ۾ پنهنجي اصل سروپ کي وساري ڪين وهندين. دک ۽ سک ته اچڻ وڃڻ وارا آهن. اُهي آتما ۾ ڪين آهن. ائين ڄاڻي انتر ورتي ڌاريندين ته دک ڪين ستائيندءِ.

(۷)

شري رامڪرشن جي سِکيا

پريه آتمن،

ستگرو ته اسان سڀني جو پرماتما آهي؛ پنهنجو آتم ديوُ آهي. حقيقت ۾ نه ڪو گرو آهي، نه ڪو شش؛ نه ڪو پتا ۽ نه ڪو پتر. سڀ نام ماتر آهن. فقط هڪ آتما ئي آهي. پيد شرير، نام ۽ روپ ڪري آهي. جيئن سون جا ڪئين زيور جدا جدا نالن ۽ روپن جا ٿين ٿا، پر آهن اصل ۾ سون ئي. مٽيءَ مان ٺهيل ٿانو به جدا جدا نالن ۽ روپن وارا ٿيندا آهن، پر هوندي اُصل ۾ مٽي ئي آهي. تيئن سنسار ۾ جدا جدا روپ، ناتا ۽ نالا آهن. هي سڄو سنسار آهي ئي نام ۽ روپ جي رچنا.

تو شري رامڪرشن پرمهنس جي ڪن ڳالهين لاءِ پڇيو آهي. شري رامڪرشن جي جيوَن جا جدا جدا پهلو (پاسا) آهن. ڪٿي ڀڳت آهي ته ڪٿي گياني. اِن کانسواءِ جيئن ماءُ ٻارن کي پنهنجي پنهنجي سڀاءَ ۽ پسنديءَ موجب کاڌو ڏيندي آهي؛ بيمار ۽ تندرست کي ساڳيو

ني سنڌس سرير ڪومائجي ۽ ڏڪي ويندو هو. اهو هن جو سڀاءُ ٿي ويو هو.

گيان کان ڀڳتيءَ تي برابر شري رامڪرشن وڌيڪ زور ڏنو آهي، ڇاڪاڻ ته هن يگ ۾ ڪورو گيان ڪيرائيندڙ آهي. گيتا جي سکيا موجب نشڪام ڪرم، ڀڳتي ۽ گيان ٽنهي جي ميلاپ وارو رستو ئي چاڙهيندڙ ۽ اُنتي ڪرائيندڙ ۽ ترت مقصد تي پهچائيندڙ آهي.

آخر ۾ سوال آهي ته گيان وڌيڪ آهي يا ڀڳتي؟ ان سوال جو جواب اِهوئي آهي ته اهي ٻئي هڪ ٻئي بنا منڊا ٽُنڊا آهن. مڪتي ته آتم ۾ گيان سان ٿيڻي آهي، پر ڇڙي ڪوري ڪتابي گرنٿي گيان سان نه، مگر اُهو گيان جنهن ۾ پاڻپڻو رهي ئي ڪونه ٿو. زباني ڪٿ ٿيندڙ گيان ته آتم گيان ڪين آهي. ڇڙو ڪورو ڪتابي آتم گيان اڀماني بڻائي ۽ آخر ۾ ڪيرائي ٿو، پر اُن سان گڏ جي ڀڳتي آهي ته ڪِرڻ نٿو ٿئي. ڀڳتيءَ جو آخرين مقصد آتم گيان آهي ۽ آتم گيان وري پڻ ڀڳتيءَ ڏي وٺي وڃي ٿو. ٻئي اصل ۾ جدا ڪين آهن. پر رواجي ڀڳتي نه، پر پرا ڀڳتي، جا شري رامڪرشن ۽ ميران ٻائي جي هئي. اُن ۾ دويت نٿو رهي.

ليسنائين اُنهي ڪشش ڏٺي ٿي ۽ منش ڪري ٿو. شري رامڪرشن اِن ڀاونا کي مٽائڻ لاءِ زبردست سادنا ڪئي هئي؛ ايتري قدر جو هن ۾ ڪڏهن به ڪنهن به اِستريءَ لاءِ وڪاري ڪشش پيدا ڪانه ٿي. هن کي اِستريءَ لاءِ ڌڪار ڪانه هئي. جڏهن پاڻ وقت هڪ لوهارڻ ڀڪتياڻيءَ کي پنهنجو گرو چونڊيو هئائين. آلمڪ راهه ۾ هلندي به سندس ڀيرين گرو هڪ سنياسڻ استري ڀيرويءَ نالي بڻي هئي. پاڻ مان پرش ڀاونا صفا ميٽي ڇڏڻ لاءِ ڪيترا مهينا استريءَ جو ويس ڌارڻ ڪري زالن وانگر گهر ۾ رهندو هو ۽ ڳالهائيندو ٻولهائيندو به استري جي نموني هو ۽ سندس سڄي هلت چلت استريءَ جي هوندي هئي. جڏهن سنياسي هو، تڏهن به پنهنجي استريءَ کي رهائڻ ۾ آناڪاني ڪانه ڪئي هئائين. سڀني استرين ۾ جڳت ماتا جي روپ جو درشن ڪندو هو. خود ويشيائن کي به ڌڪاريندو ڪين هو. اُنهنکي به ماتا ماتا ڪوٺي نمسڪار ڪندو هو. پنهنجي استريءَ ۾ نج ديويءَ جو روپ پسڻ لاءِ خود اُن کي هڪ ڀيري پوڄا جي آسڻ تي وهاري سندس ديويءَ جيان ويهي پوڄا ڪئي هئائين. انڪري ڪن لاءِ به اهو ويچار ۾ آڻڻ ته شري رامڪرشن کي استرين لاءِ ڌڪار هئي، سو اجايو آهي.

وري پرمهنس ديو جي ڪنچن (ڌن) جي تياڳ جي ايڏي ته زبردست سادنا ڪيل هئي، جو اُنجي ڇهندي

(٩)

گيان جو سار

مٺڙا لعل!

سنسار جا سنبنڌ ۽ نالي ۽ روپ سڀ آهن. نالو ۽ روپ تہ مٿيا آهن؛ ڪوڙا آهن؛ بدلجندا رهن ٿا ۽ جيڪو بدلجندو رهي ٿو ۽ ڦرندڙ گهرندڙ آهي، اهو چنچل آهي. اهو قائم نہ آهي. اهو مٿيا آهي. ڏسڻ ۾ تہ سچا اچن ٿا پر اهي سدا قائم رهڻ وارا نہ آهن. استي، ڀاتي ۽ پريہ تہ سڀ ۾ آهي. اهو آتما ۾ بہ آهي. آتما ۾ استي، ڀاتي ۽ پريہ آهن. اهو پهرين هو، هينئر آهي ۽ سدائين رهندو. استي ارٿات سچ، اجر، امر، نتيہ. اهو آتما آهي. اهو سدائين گيان سروپ آهي. اهو پيارو بہ آهي؛ اهو پريہ آهي. آتما ارٿات پنهنجو پاڻ. اسان جو حقيقي سروپ اهو استي، ڀاتي ۽ پريہ آهي.

ها اسان جو آتما جڙ ديھ، اندريون، من، بڌي وغيره کان ڀن آهي. پر انهنکي جيڪو پرڪاشت ڪري ٿو، جو انهن کي جيوَن پردان ڪري ٿو؛ جو انهن کي ڪرياوان بڻائي ٿو، اُنهن کي جو چيتنا ڏئي ٿو، اهو ئي اسان جو اصلي سروپ آهي. تون ۽ پيا آتم نہ آهيو، تہ پيو ڇا؟ اهو شڌ آهي، پورڻ آهي. اُن ۾ اَشڌتا، اَپورڻتا، وشيہ واسنا ڪڏهن بہ اچي نہ ٿي

(۸)

ونڊڻيِ وک ڪرڻ

پريه آتمن،

”پنهنجي آتم سروپ ۾ اڏول رهه“. انهن لفظن کي گهڻيون ڀڏيِ اُن موجب هلين ته جيڪر رڃيِ لعل تي وڃين ۽ کهڙيِ بہ دک ۾ ڏلائمان ڪين ٿين. اسين پنهنجي اصليت کي وساري ئي دک ڀوڳيون ٿا. دک بہ تہ اسان جي خيال جي پيدائش آهي. جي بہ خيالي ڀڄون تہ دک ڇا جو؟ پريو سک ساگر آهي. اُن سک ساگر ۾ غوطا لڳائيندي، دک ڇا جو؟ پر اهڙيِ نشنا کپي. بنا نشنا ڪجهه نيٺو ڪوله آهي.

مقصد مراد کي ڪين پلاءِ، قدم وڌاءِ، خيالي ٽورڙي آهي. پند اٽانگوءِ وامن تي ويريِ اکيچار آهن. وقت جو قدر ڪر. جيڪي ڪجهه هن جيوت مان ڪم وٺي سگهين، سو ڪر. آلس ۽ موهه ڇڏ. اُٿ، سستي نہ ڪر. چڙهڻ ۽ وڌڻ لاءِ وسيلا اکيچار آهن؛ مگر همت ۽ ٻي نہ پائيءِ، اورچائيءِ ۽ ساوڌانيءَ جي ضرورت آهي. ڪانئرن، نہ جندڙن، اڳيانين، موهين ۽ آلسين لاءِ هي رستو ڪين آهي. اُٿ، وک وڌاءِ. بيهہ نہ. هيڏي هوڏي نہ نهار تہ لوڪ ڇا ٿو چوي.

نہ جيڪو آنند ملندءِ، اُن جو ڪٿن ٿِي نٿو سگهجي. ڏکہ نہ ملي نٿو سگهجي.

ها، ڪرمن موجب سرير جي سنبنڌ ۾ ڏکہ سک نہ سنساريءَ توڙي گيانيءَ ٻنهي کي سهڻ ڪرڻا پون ٿا، پر گياني نہ اُن کي سپنو ئي سمجهي ٿو.

مٿيون ڳالهيون اڌيانمڪ يا پرمارٿڪ نظر کان لکيل آهن؛ پر رواجي ۽ وهنواري ڌرم جدا آهي، جنهن جو پالن ڪرڻ بہ ضروري آهي. ڪيترو بہ اوچ ڪوٽيءَ جو گياني هجي تہ بہ اُن کي وهنواري نيتي ڌرم يا سداچار ڌرم جو پالڻ ڪرڻ تمام ضروري آهي.

جيڪڏهن ڪوئي سداچار ڌرم جو اُلنگهن ڪندو تہ سنسار ۾ گڙٻڙ مچي ويندي. هن ڌرم موجب پٽ، ڌيءَ، ماءُ، پيءُ، پتي، پتني وغيره کي پنهنجو پنهنجو فرض نباهڻ گهرجي. ورِي بہ فرض نباهيندي پنهنجي سروپ کي نہ ڀلائڻ گهرجي. ماءُ پيءُ ۽ سڀني سنبنڌين سان نيڪ طرح سان وهنوار ڪندي سڀني کي اندر ۾ پنهنجو آتما ئي مڃڻ گهرجي. مڃڻو نہ آهي پر آهي ئي اُهو. ڪوئي تفاوت آهي ئي ڪونہ.

پريہ آتمن! گهر ۾ ڪيترائي بجليءَ جا بلب ٻرندا آهن. اُهي گهڻن ئي قسمن جا ٻرندا آهن. جڏهن بٽڻ دٻايو ويندو آهي، تڏهن پرڪاش ٿيندو آهي؛ تڏهن جدا جدا بلب جدا جدا رنگ روپ ۽ پرڪاش سان ڏسڻ ۾ ايندا آهن؛ پر پرڪاش تہ سڀني بلبن ۾ هڪ بجلي گهر مان آيو

سگهي. سڀني ۾ به اُن کي ڇهي نه ٿي سگهي. اهو نرليپ
آهي. نراڪار آهي. اُن ۾ دويت ته آهي ئي ڪونه. اهو
هڪ آهي، هڪ آهي. اُن هڪ ئي گهڻا روپ ڌاريا
آهن.

تون پوتر سروپ آهين. پاڻ کي ڀلائي چنتا ڪرين
ٿو. سڀ ڳالهيون ڀلجي وڃ. پنهنجي اندر ۾ ٽٻي لڳاءِ.
پنهنجي اندر ڏس. پنهنجي سروپ جو انڀؤ ڪر؛
سدائين آنند جي موج اُڏائيندو رهه. سنسار ۾ ڪوئي ڏک
نه آهي؛ ڪوئي ڪشٽ نه آهي. اهو اسان جي من جي
وچار جي پيدائش آهي. اُنهن سڀني کان مٿي چڙهه.
پنهنجي پاڻ ۾ لين رهه؛ پرم شانتيءَ جي راڄ جو اُپڀوڳ
ڪر.

هينئر جنهن ڪم ۾ لڳل آهين، اهو به پرڀوءَ جو ئي ڪيل
آهي. ان کي هڪ پرڀوءَ جو ناچ سمجهي ان ۾ مگن
ٿي وڃ. سڦلتا ملندي يا نه، اها چنتا ڪرڻ تنهنجو
ڪم نه آهي. هن جيون ۾ پرشارٿ ڪرڻ تنهنجو فرض
آهي. پرشارٿ کان پوءِ ڪاميابي پير چمڻ لاءِ خود ئي
ايندي. جيڪڏهن ڪاميابي نه به ملي، ته به اها پراربڌ
سمجهي، آنند ۾ ئي رهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته اهو به
ڪنهن اڳين جنم جي ڪرم جو ڦل هوندو. جيڪڏهن
تون پاڻ کي پرڀوءَ جي هٿ ۾ هڪ پتلي سمجهي
آتما ۾ مگن رهندين، اِئين جاڳي سڀاويڪ فرض جو پالن
ڪندو رهندين، سڀ ڪرم آتم سمرپڻ ڪندو رهندين

پتارٿ (سچو) گيان ئي ڪٿي ٿيل آهي، جهڙوڪ ويدن اپنشدن، گيتا وغيره جو گيان. انهن ۾ اڪثر آتم گيان جو ئي ورڻن ٿيل آهي. شريمد ڀاڳوت وغيره پراڻن ۾ ٻنهي پرڪارن جا وچن آهن. انهن ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ اِتهاس بہ آهي؛ ڪن ڪن هنڌ ڪيتريون ڳالهيون آکاڻين جي صورت ۾ آيون آهن، جي بلڪل اَلنڪارڪ ڍنگ سان ورڻن ڪيل آهن. اهي ڳالهيون وڏن رهسين يا ڳجهن سان ڀريل آهن. انهنجو رواجي ارٿ هڪڙو، تہ اندريون ٻيو آهي. اهي گرنٿ اڪثر آهن سنسڪرت ۾ ۽ سنسڪرت جي هرهڪ لفظ جا ڪيترائي ارٿ آهن. انهنجي شنڪا دور ڪرڻ لاءِ پراڻن جي ٻن ڳالهين جو هن پتر ۾ ذڪر ڪندس.

اها ڪٿا مشهور آهي تہ برهما پنهنجيءَ پتريءَ سرسوتيءَ جي سونهن تي موهت ٿي پيو ۽ اُن کي هٿ ڪرڻ لاءِ اُن جي پٺيان ڊوڙون پائڻ لڳو ۽ آخر اُنکي پراپت ڪري اُن سان ڀوڳ ڀوڳي آنند پائائين.

رواجي نظر کان هيءَ ڪٿا ڪيڏي نہ بري ڇونہ دو؟ مگر اُن جي اصل معنيٰ ٻي آهي. برهما جي هتي معنيٰ آهي وديارٿي ۽ سرسوتيءَ جو ارٿ آهي وديا. وديا وديارٿيءَ جي پتري ئي آهي، ڇاڪاڻ تہ جئن پتري پتا جي پيدائش آهي، تيئن وديا بہ وديارٿيءَ جي اندر مان پيدا ٿيندڙ آهي. وديا کا ٻاهران پراپت ڪانہ ٿيندي آهي. جيڪي اسان جي اندر آهي، انجو اظهار

آهي. اهڙيءَ طرح جدا جدا منش، جدا جدا رنگن روپن، نالن، سنبندن وغيره جا پليل هجن، پر سڀ پرڪاش لاءِ هڪ ئي آهي. اهو مثال پلجين. پنهنجو فرض چڱيءَ طرح پالن ڪجي. سڀني سان پيار ڪجي ۽ ڏسڻ چاهيان ٿو ته ڪيئن نه پنهنجو فرض نباهي ڏيکارين ٿو.

(١٠)

رهسيه پريون ڳالهيون

پريه آلمن،

شاسترن ۾ هڪڙي قسم جا وچن ڪين آهن، ڇو ته سنسار ۾ هڪ قسم جا منش به ڪين آهن. هڪڙا مند بڌيءَ وارا مورک آدمي آهن، ٻيا وچوليءَ سمجھ وارا ۽ ٽيان گياني. ان ڪري شاسترن جا وچن به ٽن پرڪارن جا آهن- ڀيانڪ، روچڪ ۽ يٿارٿ.

مند بڌيءَ وارن مورکن کي سنئين رستي ڏيکارڻ ۽ پاپ ڪرمن کان بچائڻ لاءِ ڀيانڪ يعني ڀ ڏيکاريندڙ وچن چيل آهن. اُنهن لاءِ ڏيکاريل آهي ته فلاڻا فلاڻا برا ڪرم يا پاپ ڪرڻ سان فلاڻا فلاڻا نرڪ ڀوڳڻا پوندا آهن. ڪيترا سنساري ڀرم به ان بنياد تي ٻڌل آهن. ساڌارڻ سمجھ وارن لاءِ روچڪ يعني مزيدار نمونـي ۾ ڪٿائـون ۽ ڪهاڻيون آدرشي جيون ٺاهڻ لاءِ ٻڌايل آهن. جيئن راماين، مهاڀارت وغيره شاسترن ۾. ور تي گيانين لاءِ نج

سيني ۾ وسي ٿو ۽ گيانين کي انهن سيني ۾ ئي ان جو ديدار ٿئي ٿو.

اهڙيون ڪئين روچڪ نموني ۾ رهسيه ڀريل ڳالهيون آهن، جي ودوانن ۽ گيانين جي چرڻن ۾ ويهي ئي سمجهي سگهجن ٿيون، نه نه رواجيءَ ريت انهنجو پڙهڻ ماڻهوءَ ۾ اُبتا خيال پيدا ڪندڙ آهن.

رواجيءَ ريت ماڻهو ڀاڳوت وغيره پراڻ پڙهي چوندا آهن ته جڏهن برهما ۽ ڪرشن ڀڳوان پارا به ڀوڳ ڀوڳي ويا، ته اسان ڀوڳيا ته ڇا ٿيو؟

اِن خيال کان ئي اڄ گروءَ دوارا شاستر ڌارڻ ڪيا ويندا هئا، جن اهڙين ڳالهين جي پشارت جاڻ پوي.

(١١)

ڌرم کيتر ڪر کيتر

پريه آتمن،

تو شريمد ڀڳوت گيتا جي باري ۾ جيڪي لکيو آهي، تنهنجو گهڻو ذڪر ته هن پتر ۾ ڪين ڪري سگهندس، پر هڪ ڳالهه جي باري ۾ ئي هن پتر ۾ لکندس.

اهو ته ڪو به مڃي ڪين سگهندو ته گيتا جا ارڙهن اَڌياءَ، جن ۾ ٧٠٠ شلوڪ آهن ۽ سي به جدا جدا وشين تي، سي جنگ جي ميدان ۾ ٻن سينائن جي وچ، جڏهن جنگ جي نڪانڪي شروع ٿيڻي هئي، تڏهن ويهي ڪرشن

ٿيڻ ئي وديا آهي. سچو وديارٿي هميشه وديا ديويءَ
جي سونهن تي يعني اُن جي گڻن روپي سندرتا تي
موهت ٿي، ان کي هٿ ڪرڻ لاءِ اُن جي پٺيان پوندو
آهي، سچو وديارٿي اُن کي پائڻ لاءِ جٽڪ ان جي
پٺيان ڊوڙون پائيندو آهي ۽ آخر اُن کي پراپت ڪري
اُن مان آنند حاصل ڪندو آهي.

ڀاڳوت ۾ ڪرشن ليلا جون وارتائون آيون آهن. اُهي
ڪرشن ۽ گوپين جي سنبنڌ ۾ آهن. ڪرشن ته ننڍو ٻار
هو ۽ گوپيون ته وڏيون پرڻيل ٻارن ٻچن واريون هيون.
هو ڏانهن مهاڀارت ۾ ڪرشن چندر کي يوگيراج ڏيکاريو
ويو آهي. ڇا اُهو ڌرم مورتي يوگيراج ڪرشن اهڙو
يوڳي هو، جو سيني گوپين سان ڀوڳ ڀوڳيندو هو؟ اِهو
رهسيه ڪو ڀيو ئي آهي. سوامي وويڪانند مهاراج جن
ٻڌايو آهي ته اُپنشد ۾ ڪٿي ڪين ڪرشن، مهاڀارت
وارو ڪرشن ۽ ڀاڳوت وارو ڪرشن ساڳيو نه سمجهڻ
گهرجي. ڀاڳوت ۾ ڪرشن جون ڪي اِلهامي ڪهاڻيون
آهن ته ڪي النڪارڪ رهسيه پريون ڳالهيون. هيءَ
ڪهاڻي ٻه اهڙي ئي النڪارڪ آهي. ڪرشن جو ارٿ
آهي آڪرشڻ (ڪشش) ڪندڙ. راڌا جو ارٿ آهي جيوَ
آتما ۽ گوپين جو ارٿ آهي نسُون ناڙيون. منش ۾
نسن ناڙين جي راڻي آهي راڌا (جيوَ آتما) ۽ اُنهن سيني
کي آڪرشڻ ڪندڙ آهي پرماتما يا برهم. اُنهن سيني
۾ اُن جي ئي جوت ۽ شڪتي سمايل آهي. اُهو انهن

۽ جيون سنگرام (جنگ) آهي، جدوجهد جو استان آهي.
Life is strife - انسان کي اُن ڌرم کيتر، ڪرتويه جي
کيتر ۾ جيون يڌ لڙڻي آهي.

گيتا جي پانڊون ۽ ڪوروون جي يڌ جي بيان سان
شروعات ٿيل آهي. اُپنشدن ۾ ان کي ديون ۽ دئتن جي
يڌ جي نالي سان ٻڌايو ويو آهي. اسان ۾ دئوي گڻ
(Divine qualities) روپي ديوتائون به موجود آهن ته
آسري (دئتي) گڻ روپي دئت پڻ. سنسار ۾ اسانکي
بهادر ٿي پنهنجو ڌرم پالڻو آهي. پر دئتي گڻ روپي
ويري اسان سان وڙهي اسان تي جيت پائڻ گهرن ٿا.
اهڙي جيون جنگ جي ميدان ۾ اسين ڪام، ڪرودڌ،
لوڀ لالچ، موه، ڏپ وغيره ويرين جي وس ٿي
ڪاتر بڻجي، انهن کي ناس ڪرڻ نيڪ ڪين ٿا ڄاڻون.
اسانکي نراسائي ويڙهي ٿي وڃي. اُن دک ڀريل حالت
۾ جيڪڏهن ڀاڳن سان يا پورب جنم جي ڪمائي سبب
اسان کي ڪو رهبر يا سچو مهاتما ملي وڃي ٿو ۽ اسين
جگياسو بڻجي اُن کان رهبري وٺون ٿا، تڏهن جيئن
ڪرشن ارجن کي وري چوي ٿو ته اُٿي پنهنجو
ڌرم پال. اُٿي جنگ ڪر. ليڪن سچو رهبر به اسان کي
سڌي راهه ڏيکاري اسان کي جيون يڌ جي ميدان ۾
وير بڻجي وڪارن روپي دشمن سان لڙي جيت حاصل
ڪرڻ لاءِ سکيا ڏئي ٿو ۽ اسان جو اُڌار ڪري ٿو.
ياد رکو ته گيتا جي گيان سمجهڻ لاءِ ارجن واري دل،

ڀڳوان ارجن کي ٻڌايا هئا. اُنهن ارڙهن اڌيائن ۾ انهن جدا جدا وشين جو ورڻن آهي، جن جو ارجن جي ڪانئرتا دور ڪرڻ سان ڪو به سنٻنڌ ڪونه هو ۽ نه ٿي سگهي ٿو. اِئين آهي ته شريمد ڀڳوت گيتا اُتاهه گيان سان ڀرپور آهي ۽ اُپنشدن جي گيان جو نچوڙ آهي، جا منش ماتر کي جيوَن روپي يڌ جي ميدان ۾ رهنمائي ڪرڻ لاءِ آهي؛ پر نه رواجي يڌ واسطي.

شريمد ڀڳوت گيتا ويد وياس جي رچيل آهي ۽ مهاڀارت جي شانتي پروَ ۾ آيل آهي ۽ ڪو جدا رچيل گرنٿ ڪين آهي.

برابر ڪرڪيتر ڌرمي تيرٿ استان مڃيو ويو آهي. اُتي مهاڀارت جي جنگ لڳي هئي؛ پر شريمد ڀڳوت گيتا جي پهرئين شلوڪ کي چڱيءَ طرح پڙهي ڏسبو ته اُن جو سچو ارٿ سمجهه ۾ اچي ويندو. برابر پهرئين اڌياءَ ۾ مهاڀارت جي يوڌن ۽ اُنهن سان لاڳاپو رکندڙ ڳالهين جو ذڪر آهي، پر گيتا واري جنگ حقيقت ۾ ٻي ئي آهي.

پهرئين شلوڪ ۾ ائين ڪين چيل آهي ته ڪرڪيتر ڌرم ڀومي آهي، جتي جنگ لڳي؛ پر اُن ۾ آيو آهي ته ڌرم کيتر ڪرڪيتر آهي. اهو ڌرم ڪيتر ڇا آهي؟ ڌرم لفظ جي هڪ معنيٰ آهي فرض يا ڪرتويه (Duty). هي سنسار روپي ڌرم ڪيتر آهي جو ڪرڪيتر يعني ڪرم ڪرڻ جو ميدان آهي . The world is battle field

سچ ايشور جو ٻيو نالو آهي. "ايشور ستيہ سروپ آهي." اهو هرڪو چوي ٿو، پر سچ تي هلڻ ڪن ورلن کي ٿو اچي. سچ سو، جو سندر ۽ ڪلياڻڪاري هجي. ڪڙو سچ، ڪروڌ ڀريو سچ، ٻين جو نقصان ڪندڙ سچ، اَشڀ سچ، گندو ڏسڻ ۾ ايندڙ سچ، تنهن کان ڏهہ ڪوہ ڏور رهڻ کپي.

جنهن سچ ۾ نمرتا نہ آهي، جنهن تي نهنو بڻجي نٿو هلي سگهجي، نہ اُهو سچ بہ ڪهوريو. ستياگرهي، سچ کي گرهڻ ڪندڙ، ايشور جي شرن وٺندڙ بلڪل نهنو ٿو ٿئي. اُهو ٻئي ڪنهن کي ڪوڙو نٿو سمجهي، ٻئي جي ڳالهہ کي بہ سڪي جي ٻئي پاسي مثل سمجهي ٿو. فقط پنهنجي سچ کي نيڪ سمجهي هٺ نہ ڌارڻ کپي. هن ڳالهہ ۾ جڏهن اونهو وڃبو، جڏهن هڪ هڪ لفظ کي لڪبو توربو، تڏهن اُنجي ڳجهہ کي سمجهي سگهبو.

مايا جو چڪر پربل آهي. رشي مني بہ ڦاسجي پيا. اِهو سوچي، ڪو اُدم کي ڇڏڻ نہ کپي. ٻار ڏڪي پر ڀڄندو، تہ پنڌ ڪرڻ ڪين سکندو. پنڌ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ڏڪا کائيندي ئي هلڻ سکي سگهندو. آتم مارگ ۾ بہ ڏڪا کائي ئي منش اُٿندو ۽ وڌندو هلندو ۽ نيٺ ڪڏهن نہ ڪڏهن وڃي پار پوندو.

سڀ پانڌيٽڙا آهيون ڀوءِ جي پار جا. شل اُن مارگ ۾ سچا پانڌيٽڙا ٿي هلون ۽ اُن منزل مقصد تي پهچون، جتي پهچڻ ئي اسانجي جيوت جو اُديش آهي، جتي

ارجن واري جگياسا گهرجي. اُن بنا گيتا جي گيان جو مرم سمجهڻ اڇٽو ڪونه آهي.

---

(١٢)

دئوي گڻ

دويہ آتما،

شريمد ڀڳوت گيتا جي سورهين اَڌياءَ ۾ شري ڪرشن ارجن کي جيڪي دويہ گڻ ٻڌايا آهن، تن ۾ پهريون درجو نرڀيتا کي ڏنو اٿس. ڇو؟ ان لاءِ ته جنهن ۾ نرڀيتا آهي، اُتي ٻيا سمورا گڻ ٽڪي (قائم رهي) سگهن ٿا. جي ڀي دپائي نہ آهي، تہ ٻيا گڻ رهي ڪين سگهندا. اُنهن گڻن جي آخر ۾ نهنائيءَ کي جاءِ ڏني ويئي آهي. ڇو؟ اِن لاءِ تہ جيڪڏهن سڀني گڻن هوندي ٻہ نراهنڪار پڻو ۽ نهنائي نہ هوندي تہ ايمان سبب سڀئي گڻ ڏوهي ويندا. سچائي آدڪ گڻن هوندي، جيڪڏهن ڪو اهنڪاري بڻجي ٿو ۽ چوي ٿو تہ مان سچو آهيان ۽ سڀ کي سچ ٿو چوان تہ اِهو ٻين لاءِ دکدائي ٿيندو ۽ اهنسا جي پالنا نہ ٿيندي. انڪري پهرين ڀي دپائي گهرجي ۽ پڇي نهنائي.

ماڻهوءَ ۾ جيڪڏهن سچائي آهي تہ ڀڳوان اُن کي مدد ڪري ٿو، پر جڏهن سندس من ۾ مدائي پيدا ٿئي ٿي، تڏهن سندس ٻيڙو غرق ٿئي ٿو.

ٽنگي ٿي. نڪو ڇائو آهي، نڪو مري ٿو. اهڙيءَ طرح ڪيس عجيب رهسيه سمجهائي، آلما جو نشچو ڪرايو هئائين، پر جڏهن سندس پٽ پرلوڪ پڌاريو، تڏهن اُن جي وڇوڙي ۾ رُئڻ رڙڻ لڳو ۽ برهه وچان ماندو ٿي سرجوُ نديءَ ۾ پاڻ کي ٻوڙي مارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. اِهو ڏسي لڇمڻ ڀاءُ رامچندر کان پڇڻ لڳو ته ”پوجنيه ڀراتا! هي ڇا؟ مهان تتوگياني گرديو هي ڇا پيو ڪري؟“ تڏهن رامچندر ڪيس چيو ته ”لڇمڻ! اِهائي ته مايا آهي؛ اِهائي جڳ جو چرخو پيئي هلائي.“

جڏهن سيتا کي راوڻ کڻي ٿو وڃي يا جڏهن ميگهنات جي تير سان لڇمڻ گهايل ٿي ٿو وڃي، تڏهن رامچندر ڪٿي نه روئي رڙي ٿو ۽ لڙڪي ٿو! اِهو سڀ مايا جو کيل آهي. ڏک ۾ ڏکي، سک ۾ سکي، جنم تي خوشي ۽ مرڻ تي شوڪ ڪرڻ، اِهو سڀ مايا جو چڪر پيو هلائي. اُنهيءَ چڪر کان ڪو ورلو مهان گياني، جو سدائين آلما ۾ مگن رهي ٿو، سو ئي ڇٽي سگهي ٿو، سو ئي اُنهي چڪر ۾ نٿو اچي.

اگيان سبب ئي اسين سنسار جي وستن ۽ پراڻين کي دائم قائم (ست) ۽ سگهدائي ڄاڻي اُنهن سان دل اٽڪائي ڏو کا کائون ٿا، ڏک پايون ٿا ۽ آخر هٿ هڻون ٿا. دنيا جو ڪو به پيار سدائين ڪونه رهندو. سڀ ڪوڙا ناتا آهن. ڪن جنمن جي سنبنڌ سبب اِهي ناتا جڙن ٿا ۽ آخر موت اسانکي سڀني کان جدا ڪري سمورا سنبنڌ سماپت

ڇهڻ لاءِ، جنهنکي پائڻ لاءِ هي مانگا جنم ورلو اٿئون. جنهنجي سدائين قائم دائم، نه ناس ٿيندڙ سک ئي سک آهي. هيءُ جيون نه ڪن ڀنگر آهي؛ هن سنسار جا سک نه ناسونت ۽ ڪن پل جو آنند ڏيندڙ آهن؛ هن سنسار جو سوجهرو ته بي بقا آهي؛ هن سنسار جا ناتا به نه بي بقا آهن؛ اُنهن مان ڇا هٿ حاصل ٿيندو؟ اهو ڪجهه ڪريون، جنهن مان سدائين سک، شانتي ۽ سوجهرو حاصل ٿئي. جيوت جي مقصد کي سمجهون. جيوت کي امانت ڄاڻي اُنجو قدر ڪريون. جنهن جيون ڏنو آهي، اُنجي ئي چرنن ۾ ارپي، خلق ۾ خالق پسي، اُن جي شيوا ۾ ئي لڳا رهون ۽ جنهن ڪٿي سندس ديدار ڪري، آنند ۾ جهومندا رهون. وشو ۾ وشمبر کي پسندا رهون، جيڪي به ڪاريه ڪريون، سي سندس هٿڻ ٿي.

(١٣)

مايا جو چڪر

پريه ديه آتما،

وسنت مهاراج جن شري رامچند مهاراج کي مهان آتم گيان ڏنو هو. هن کي سمجهايو هوائين ته سنسار پيدا ٿيو ئي ڪونهي، سپني يا کيل جي ناٽڪ سمان آهي. هن کي اُنڀو ڪرايو هئائين ته جيڪي ڏسين ٿو، سو سڀ آهي ئي ڪونه. سرشٽيءَ جي درشٽيءَ مان ئي رچنا

يا ڪو تان ۾ پڄندو ڏسون ٿا يا ڪيڙو پراڻو ٿي ڇاندو ڏسون ٿا ته ڇا اُنهن لاءِ رئون رڙون ٿا؟ اها سياڻپ ڪالھ آهي. جيڪو نئون آهي، جيڪو ڦٽيو آهي، سو ڊھندو ۽ ناس اوس ٿيندو. هرڪو پيو وڃي. ڪير آهي جو دنيا ۾ قائم رهندو؟ هرڪو، جو ڄائو آهي، جنهن دنيا ڏاري آهي، سو ضرور مرندو، ضرور دنيا ڇڏيندو. صبح جو مکڙي مان گل ٿي ۽ شام جو ڪومائجي وڃي پٽ پوي ٿو. اُن جي سونهن ۽ سڳند تي اسين موهت ٿيون ٿا، پر اُن جي ڪومائجي ڪرڻ تي اسين ڪو ڏک ڪونه ٿا ڪريون. پر جن کي پنهنجو پاڻ ويڄهو ٿا سمجهون، جن لاءِ نينهن لائون، تنهن جي مرڻ تي ڏک ٿئي ٿو. اهو مايا جو لئي ڪي خوشي ۽ مرڻ تي ڏک ٿئي ٿو. اهو مايا جو کيل آهي. دنيا ته مسافرخانو آهي.

”رام ڳئيو راوڻ ڳئيو، جا ڪو بهو پروار؛
نانڪ ٿر ڪڇ نهين، سپني جڳ سنسار.“

هن جڳ روپي مسافرخاني ۾ ته ٿوري وقت جو سنبند آهي. مسافرن سان نينهن لڳائڻ مان لاڀ ئي ڪهڙو؟ هيءَ ته اڄ وڃ جي بازي آهي.

—•—

ڪيو ڇڏي.

جئن سپني ۾ ڪئين ڳالهيون ڏسبيون آهن، پر جاڳڻ
تي ڪجهه ڪين هوندو آهي، تئن سنسار ۾ ڪئين پنهنجا
مٽ مائٽ، سڪا ساٿي ۽ سڄڻ پيا ڏسون، مگر اگيان
جي ننڊ مان جاڳڻ تي اهو سڀ هڪ وڏو سپنو ئي
پرليت ٿئي ٿو. ناٽڪ جي اسٽيج تي اهوئي کيل ڏاري
ڪڏهن راجا ته ڪڏهن فقير پيو بڻجي، پر نه راجا
جي ويس ۾ اُن کي خوشي ٿئي ٿي ۽ نڪي فقير
جي ويس ۾ اُن کي ڏک ٿو ٿئي. سنيما گهر ۾ به ڇا ٿو ٿئي؟
ڪيئي ماڻهو کيل کيلندا ڏسندا آهيون پر حقيقت ۾
اُهي پردي تي ڇانئي ڪيلمدا، ڪڏندا، نچندا ٽپندا ۽
ڳالهائيندا پيا ڏسون. بجلي ئي پردي تي کيل ڏيکاري
رهي آهي. ان ريت ئي سڀ پريوءَ جي مايا آهي ۽
اُهائي نت نوان پردا پيئي لاهي ۽ چاڙهي.

(١٤)

اَڄ وَڄ جي بازي

پريه دويه آتما،

پنهنجن پيارن ۽ ويجهن جي ديهه تياڳ تي دل کي
صدمو رسي ٿو يا دل کي ڇيهت رسي ٿي. ان ڪري
ماڻهو ڳوڙها ڳاڙين ٿا، رت روئن ٿا، پاڻ ڪنين پٽين ٿا،
پر سوچي ڏسبو ته انهن ڳالهين مان وري به ڇا ٿو؟ دلو

ڄگياسا ڪٿان پيدا ٿئي ها ۽ گيتا جو آتم گيان ڪٿان
حاصل ڪري ها؟ راجا پريکشت جي اگيان موت جو
ڌارو نہ هجي ها تہ مکتي داتا ڀاڳوت جو گيان ڪيئن
پراپت ڪري ها؟

جيڪي ٿئي ٿو يا ٿيندو، سو سڀ پرڀوءَ جي پريرڻا
سان. سندس آگيا بنا وڻ جو هڪ پن بہ لڏي نٿو سگهي.
اها ڳالهہ نہ مڃجي تہ بہ اها ڳالهہ تہ مڃڻي پوندي تہ ڪرم
تي اهو چڪر هلائي رهيو آهي. ياد رکون تہ جيڪي جنهن
ڪان، جنهن مهل ۽ جتي ٿيڻو آهي، سو اوس ٿيندو. اسين
تہ هٿرڻ آهيون مالڪ جي هٿ ۾. جيئن هلائي ٿو، ائين
هلون ٿا؛ جيئن نچائي ٿو، تيئن نچون ٿا؛ ائين نشچو
ڌاري هلنداسين تہ اسان کي ڪو بہ دک، درد دکي
ڪري يا ستائي نہ سگهندو. پر اهڙو پورو نشچو ڪبي.
دڙهہ وچار ڪبي. پنهنجو پاڻ ڀلائي، پنهنجو پاڻ پرڀوءَ
کي ارپي ڏيون تہ هر حال ۾ آنند ئي آنند رهندو.

روئڻ ڪبي تہ پريو پريم ۾. روئڻ سان، ان لاءِ اکين
جي آب وهائڻ سان ئي دل جي ڪدورت ڌوپجي پوتر ٿئي
ٿي؛ من جو مئل دور ٿئي ٿو ۽ دک جون اهڙيون ڳالهيون
ئي من ۾ وئراڳ ۽ تياڳ پيدا ڪرڻ، دنيا جي خوشين کان
منهن موڙائي سنئين رستي تي هلائڻ، آتم مارگ ۾
وڪ وڌائڻ واسطي آهن. پر اهڙيون ڳالهيون ڪن ورلن
ڀاڳن وارن جون اکيون کولين ٿيون. ان ڪري آهي

(۱۵)

دک دارون

پريه دويه آتمن،

سنسار ۾ پرماتما پنهنجن پيارن جون آزمائشون وٺندو آهي. جيئن سونارو سون کي باهه ۾ وجهي پرکيندو آهي، تيئن ئي آتمڪ مارگ ۾ هلندڙ جون جدا جدا نمونن ۾ پريکيائون ٿينديون آهن. پر

عاشق زهر پياڪ، وهه ڏسي وڃن گهٽو؛
ڪڙي ۾ قاتل جا، هميشه هيرا ڪ؛
لڳن لنئون لطيف چوي، فنا ڪيا فراق؛
ٽوڙي ڇڪن چاڪ، ته به آهه نه سلن عام کي.

اِنهن لاءِ دک دارون آهن، پريوءَ جو وڌيڪ پريم پيدا ڪندڙ آهن؛ وڌيڪ سندس ياد ڏياريندڙ آهن؛ دل کي وڌيڪ روشن ڪندڙ آهن. انڪري چيل آهي

سکن کان شاباس، ڏهه ڏهه ڀيرا ڏکن کي،
منجهي هوند مياس، جي دکن سوُنهپ نه ڪئي.

ان ڪري دکن ۾ مشڪلاتن کان ڪڏهن به ڪنبڻ نه گهرجي. سدائين واهه واهه ڪندي اڳتي وڌندو رهڻ گهرجي. ڪنجهندڙ ۾ ڪرڪندڙ، منجهندڙ ۾ ڏرندڙ ڪڏهن واڌارو ڪري ڪين سگهندا.

ارجن کي دکدائي نظارو سامهون نه هجي ها ته منجهس

(۱٦)

تياڳ جي ضرورت

پريه لعل،

سچو برهمچاري، سچو گرهستي، سچو وانپرستي ۽ سنياسي پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي اُتم آهن. ڪو به ٻئي کان گهٽ ڪين آهي؛ پر جڏهن اهو پنهنجو پنهنجو ڌرم يعني فرض پوريءَ طرح پالي تو. پر جيڪو نٿو پالي، سو مٿس ئي ڪين آهي. سماج ۾ سڀني جي ضرورت آهي.

لون پڇين ٿو ته گهر ڇڏي، مائٽن کي تياڳي، اُنهنکي رنج ڪرڻ ڪيتري قدر واجب آهي؟ ان لاءِ ڇا لکان؟ تياڳ بنا ڪمهنجو ڀاڳ ڪين وريو آهي. جيوَن ۾ ٻنهي آڻڻ ۽ سچيءَ اُنتيءَ ڪرڻ لاءِ ته اِهو ضروري آهي. ان ۾ ڪو رنج ٿيو ته ڇا ٿيو؟

ٻي ڳالهه ته جي **سوامي شنڪر آچاريه** ماءُ جي اِڇا خلاف سنياس نه ورتي ها ته ڀارت کي ڏوڏي ڪين سگهي ها ۽ نه هيڏو سارو فيلسوفيءَ جو ڀنڊار دنيا کي ڏئي سگهي ها. **سوامي دياننڊ** مائٽن جي اِڇا خلاف گهر مان ڀڄي وڃي سنياسي نه ٿئي ها ته هندو ڌرم جي هاڻوڪي حالت نه هجي ها ۽ هندو جاتي ڀنني پٺتي وڃي ها. **سوامي وويڪانند** گهر جي حالت وبهاري سنياسي نه ٿئي ها ته هندو ڌرم جو نه نعرو لڳائي سگهي ها ۽ نه اُن اوچ اُوستا کي پائي ها. خود **گرو نانڪ** صاحب ۽

سمجهن ٿا ته اسان کي به هتان هلڻو آهي ۽ هيءَ مانجهالدي جو ماڳ آهي. ان ڪري ڪجهه ڪري وٺون. ٻين کي گهڙِي پل لاءِ وڏائي پيدا ٿيندو، هو رُئن رڙن ٿا ۽ ورِي به سڀ ڪجهه وساري ٿا وهن. پر اسين جيڪڏهن سچو واڌارو ڪرڻ چاهيون ٿا ته اسان کي ياد رکڻ کپي ته موت سدائين سر تي سوار آهي. اهو ياد رهندو ته پاپ ڪرمن کان بچندا رهنداسين ۽ پريو ياد پوندو.

دک دارون آهن. ”سکن کان شاباس ڏهه ڏهه پيرا ڏکن کي.“ ڏک نه اچن ته ماڻهو جيڪر چيتين ئي ڪين ۽ ڀڳوان ياد ئي ڪين پوين، پر فقط دک جي نام سمرن مان فائدو ڪهڙو؟

پريوءَ جي پريم جو رکڻ کپي. سندس وڇوڙي جو، سندس برهه جو، سندس ملڻ لاءِ پلي اکين جو آب اوتڻ کپي؛ پر دنيا جي ڪنهن به دک جو ڪنهن به ڳالهه جو رُئڻ مورکتا آهي، نور نچوئڻو ۽ گنوائڻو آهي. پريو پريم جو روئڻ سان اکين جي جوت، اکين جو نُور ۽ نجلو وڌي ئي ٿو. اُن روئڻ سان راحت ئي راحت حاصل ٿيندي آهي.

سنسار جا ڪاريہ ڪندي بہ هڪ ڪي نہ ڀلائڻو آهي. ان ريت ئي ڀريو ڀائڻو آهي ۽ نہ ڪنهن ٻيءَ ريت. اهو لشچو رکڻو آهي تہ مقصد ڪي هٿ هن جنم ۾ ڀائبو. مقصد نہ بہ ڀرايت ٿيو تہ بہ اهو وشواس رکو هئڻ گهرجي تہ ٻئي جنم ۾ اُن کي ڀائڻ لاءِ وڌيڪ سندر وجهہ ميسر ٿي ملندا. ڪڏهن بہ نراس نہ ٿيڻو آهي. ڪڏهن بہ دل نہ لوڙهڻي آهي. وڌندي ۽ وڌندي وڪ کڻڻي آهي.

ڀريوءَ جي ڪرپا جي ورکا هر ڪنہ، هر ويل ٿيندي رهي ٿي، پر ذرا اسين اُن ڏانهن ڌيان ڏيون. ڀريوءَ جي ديا سمان ٻي ڪا بہ ديا ڪانہ آهي. اُن جهڙو ٻاجهارو ٻيو ڪونہ آهي. هو اوکيءَ ۾ سدائين همراه ٿئي ٿو. هو اسانجو سڌ سدائين اونائي ٿو. وقتي اونائڻ ۾ ذرا دير ٿئي ٿي، پر اُن ۾ اسانجي ڀاڏائڻ ۾ ڪا اوڻائي هوندي يا اسان ۾ ڪي دوش هوندا، جنکي دور ڪرڻ کپي.

---

(١٨)

سچي آزادي

ڀريہ آتمن،

ماڻهوءَ جي جيوَن جي واڌاري لاءِ آزاديءَ جي ضرورت آهي، پر آزاديءَ جي معنيٰ ماڻهن اڄڪلهہ ڪانہ سمجهي آهي. اڄڪلهہ ڇڙواڳيءَ کي ئي آزادي سمجهيو وڃي ٿو. آزادي چاڙهيندڙ آهي، پر ڇڙواڳي

پڻ پڳوان به گرهست ڇڏي جڳت جي اون نه رکن ها ته ڪهڙي حالت هجي ها؟ جڳت جي ڪلياڻ لاءِ تياڳ ضروري آهي. ميران به تياڳ ڪيو هو، تڏهن ته ڀاڳ ورپو هوس. تياڳ سان ئي ڀاڳ وري ٿو. مهاتما گانڌيءَ به جڏهن گرهستي جيون کي تياڳ ڪيو ۽ سنجمي جيون گذارڻ لڳو، تڏهن ڪان سندس ستارو چمڪڻ لڳو. سڄي جڳت جو اتهاس انجو شاهد آهي.

(۱۷)

عمل ڪبو

پريه لعل،

ماڻهو رڳو اُمنگن جي دنيا ۾ هلندو رهندو ته اُن سان مقصد کي پهچي ڪين سگهندو. اُمنگن کي عمل جي صورت ۾ آڻجي، نه ته اُمنگ اُمنگ ئي رهندا. رڳو اَنب اَنب چوڻ سان اَنب جو سواد ڪونه ايندو.

اُن ٻاڙيءَ جي ناتو سان، اُج بک ڪين لهي؛
نگر پهچي ڪونه ڪو، بنا پند ڪئي؛
گرگم رهت رهي، ته سڪي تڏي سامي چوي.

رهت رهڻي آهي. سپيئي سنڪلپ و ڪلپ مٽائي، من کي هڪ جاءِ آڻڻو آهي. پنهنجي اُکيان هڪ ئي مراد رکڻي آهي. ڀاڻ ۾ هڪ لاءِ ئي لڙڪ ڏارڻي آهي.

(١٩)

يوگ نِدرا

پريه آتمن،

تو پڇيو آهي ته ”ڪڏهن ڪڏهن نام جپ ۾ ننڊ اچي ويندي آهي.“ اها سياڀاوڪ ڳالهه آهي. سنت چون ٿا ته دنيا جون ڳالهيون ته ڪنڊن جي سيجا مثل آهن، جنهن تي ليٽڻ سان يعني انهن جي ٻڌڻ ۽ ويچارڻ سان سڄيون راتيون به ننڊ نه ايندي آهي؛ پر نام سمرڻ، ڀڄن، ڪيرتن ۽ ڌيان ته آهي گلن جي سيجا. اها ڏرءِ سيجا مثل آهي، جا جلد ئي ننڊ ۾ آڻائي ڇڏي. پر اُن ننڊ ۾ ڪو هرج ڪونه آهي. ساوڌان ته ٿيڻ گهرجي، پر ننڊ اچي وڃي ته اهڙيءَ ننڊ ۾ شڀ خيال پيا ايندا، سپنا پيا ايندا ۽ نام جپ هلندو رهندو. آخر اهو به سمو ايندو آهي، جڏهن اها ندرا سماڌيءَ جو روپ وٺندي آهي، جنهن ۾ شانتي ئي شانتي هوندي آهي؛ آنند ئي آنند هوندو آهي.

ڪيرائيندڙ ۽ لباهي آڻيندڙ آهي.

مَن جي ناهڻ لاءِ گهر ڇڏڻ يا بن وسائڻ يا مندر ڙهيءَ ۾ وڃڻ جي ضرورت ڪانه آهي، اندر جي مڪڙي ٽيڙڻي اُهي. مکڙي جڏهن ٽڙي گل بڻبو آهي، تڏهن اُهو گل ماکيءَ جي مکين ۽ ڀؤنرن کي سڏ ڪرڻ ڪين ويندو آهي ته اچي منهنجو ميناج ۽ سڳند وٺو، پر اُهي خود بخود وٽس ايندا آهن. ڏيو ٻرندو آهي ته پتنگ خود بخود ڇڪجي اُڏري وٽس وڃي پاڻ جلائيندا آهن، ليڪن اسين به پاڻ کي گل جيان ٽيڙيون، ڏيئي جيان جيون ۾ جوت جڳايون.

ماڻهو ڇو ديواريءَ اندر رهندي به گهڻو ڪجهه ڪري سگهي ٿو، فقط دل جي گهرج آهي.

Where there is the will, there is the way.

"جتي چاهه آهي، اُتي راهه به آهي." اسانجي جيون جو مقصد هئڻ گهرجي - "Be god and then help others to be gods." "ديوتا بڻجو ۽ پوءِ ٻين کي ديوتا بڻجڻ لاءِ مدد ڪريو." اسين پاڻ کي بڻائڻ جو خيال رکنداسين ٿي ڪين ته اسانجو ڀلو ڪيئن ٿيندو؟

ڏنو آڌيپوءِ ته پوءِ اوھانکي نکو لھڻ، نکو لوڏو ۽ اوھين سيڪھي پاپن کان ڇٽي ويندا؛ اوھين پلي ته کھڙا به کرم ڪريو، پر اوھين نرليپ بڻجي ويندا. اھي جي خود پاڻ وشين ۾ ڦاسنا پيا آھن، سي شش جو کھڙو اڌار کندا؟ گرو جن کي انڌلي، چيلي انڌ به انڌ.

اھڙن گرن جي ششن کي ھکدم مھاپرشن ۽ جيوَن مڪتن جي پدوي حاصل ٿي وڃي ٿي. ھوڏانھن رشي مني ۽ ويد شاستر ته وڏي تپسيا ڪرڻ، وشين کي تياڳڻ ۽ وڏن وڏن سادنن ساڌڻ، يڪٽي ڪرڻ وغيره لاءِ زور ڏيندا رھيا آھن.

اھڙن گرن جا پوئلڳ چيلا ۽ چيليون ھر ڪنھن کي پيا چون ته تو نام ورتو آھي؟ تو گرو ڪيو آھي؟ جي ڪو ناڪاري جواب ڏئي ته چونس ته تنھنجو بيڙو ئي ٻڏو. اھي وسوڙلن کي پرمائي ۽ ڊيڄاري وچيو پنھن جي ڦند ۾ ڦاسائين.

اھڙن کان بچڻ ۽ ٻين کي بچائڻ ضروري آھي. حقيقت ۾ اِھا آھي ته پلي ته ڪنھنجو کھڙو به ڪامل گرو چو نه ھجي، پر ھت ته ھت ڇڏائيندا ھوت ڪي. شش ستگروءَ جي اُپديش تي عمل ڪندو، تڏھن ئي اھو اُنتي ڪري، مقصد کي پائيندو.

ڀاڳوت ۾ آيو آھي ته دتاتريه چوويھ گرو ڪيا ھئا، يعني ھن جنھن ۾ به ڪا چڱائي ڏٺي، سا چونڊي، اُنتي ھلڻ جو نشچو ڪري، اُنھيءَ کي گرو ڪري ٿي

(٢٠)

گرن جي بوڌ

پيارا لعل،

تو لکيو آهي ته شاسترن ۾ آيو آهي -

"گرو برهما، گرو وشنو گرو ديوو مهيشور ه؛
گرو ساڪشات پربرهم، تسمئي گروي نمه."

۽ ايتري قدر به چيل آهي ته

"گرو گوبند دونون کڙي، ڪسکي لاگون پايہ؟
بلهاري گرو آپني، جسني پريو ديا دکايہ."

هن باري ۾ تو منهنجو رايو پڇيو آهي. منهنجا لعل، ان جو جيڪو اصل مطلب آهي، تنهنجي ته مان خلاف ڪين آهيان، پر اڄ ڪلهه جيڪا گرن ۽ نون نون پنٿن جي اچي بوڌ پيئي آهي، تنهن ڪري مان هر ڪنهن کي آگاه ڪندو رهندو آهيان ته اڄ ايڏي پدويءَ تي پهتل گرو ورلو هوندو، جنهن کي ان عزت سان ڏسجي، باقي اڄوڪا گرو ته گروءَ جي نالي کي لڄائيندڙ آهن. اهي اهڙا آهن، جي ششن کي چاڙهڻ بدران اُنهنکي اوڙاه ۾ ليندڙ آهن، مسلمانن ۽ عيسائين جو مت آهي ته سندن نبين تي ويساه آڻيو ته اوهان جا بيڙا ئي پار ۽ اوهان کي آخرت ۾ بهشت ضرور ملندو. ساڳيءَ طرح اڄ جيڪي نوان نوان پنٿ نڪرندا وڃن ٿا، تن جو مت به اهڙوئي آهي ته سندن گرن جي شرن ۾ اچو؛ اُنهن کي تن، من ۽

ڪوتا ڪنج

[ڀاڱو ٽيون]

١. ڇو تُو غافل گذارين ؟

آهي گذر جو مقام، ڇو تُو غافل گذارين ؟
غافل گذارين، جيئن گهارين !
١. ڪُوڙي ڪايا، ڪُوڙي مايا،
جو نه جڳ آرام، ڇو تُو غافل گذارين ؟
٢. چار ڏهاڙا ڪهنجي چٽڪو،
ڇڏڻو تو هيءُ دام، ڇو تُو غافل گذارين ؟
٣. ڪال ڪند لئي هڪيو بيٺو آ،
ڪين ڇڏيندو قيام، ڇو تُو غافل گذارين ؟
٤. سنگي نڪو ٻيو ساٿي تيندءِ،
رکو پيار و شيام، ڇو تُو غافل گذارين ؟
٥. "پياسي" رک تون پريم اُنهيءَ سان،
جنهن مان پائين وسرام، ڇو تُو غافل گذارين ؟

٢. من ڪي موڙ

من پنهنجي ڪي موڙ- متڙا! من پنهنجي ڪي موڙ.
١. ڪن پنگر جاڻ سڪ سنساري ؛
دک سان ڀريل آهن وڪاري ؛
باهر ڪجهہ ڪين ورڙ- متڙا! من پنهنجي ڪي موڙ.

ليکيائين. انهن کي آپ گرو ٿو چئجي. جنهن کان جيڪي ٻه سکجي، اُن کي اُن ڳالهه لاءِ گرو يا اُستاد ڪري ڀلي ليکجي. ان ريت گهڻن کان سکندو رهجي، پر اهو گرو، جنهنکي ساکيات ڀڳوان جي پدوي ڏيئي سگهجي، سو ته ساڌن سادي، يوگيتا حاصل ڪرڻ بعد ئي ملندو. ۽ جن کي سچي لڳن آهي، تنکي گروءَ ڳولڻ جي ضرورت ئي ڪانه ٿي پوي. خود بخود اهڙن يوگيه ساڌڪن کي پرماتما اهڙو گرو ملائي ٿو. اگر ڪي منهن جو ته ٻدرڻ وشواس آهي ته اسين اندوشواسي ٿي گرو ڪرڻ بدران پاڻ کي لائق بنائڻ جي هر طرح ڪوشش ڪندا رهون ۽ شاسترن ۾ ٻڌايل ساڌن سادي پاڻ کي سچو جگياسو بڻايون. مان پينٿرن ۽ ماتائن کي ته اها صلاح ڏيندو آهيان ته ڀلجي ٻه گرو ڪرڻ جي ڦندي ۾ نه ڦاسجو، ڪن جي ٻه ستسنگ مان جيڪي پرائي سگهو، سو پرايو، ڪو اوچ ڪوٽيءَ جو مهاتما هجي ته اُن لاءِ ڀلي گر ڀاونا ٻه ڌاريو، پر اُن کي مکتي داتا ڄاڻي اُن کي سيڪجهه ارپڻ ڪرڻ جو ڪڏهن ٻه قدم نه کڻجو.

سچي ڀاونا، شرڌا ۽ اُدم ئي منش کي منزل مقصود لي پهچائيندا ۽ نکي گروءَ کان ڪن ۾ ڪو منتر وٺڻ.

۴. مت مائٽ نه هلندا توسان، مٽي پڄاڻا ڀڄندا توکان؛
ڌڪي ڪيندءِ ٻاهر گهر مان، آخر هنڌ تو شمشانو آ.

۵. پريم وند ۽ پريم ورهاءِ، نيڪيءَ راهه ۾ نام لڳاءِ؛
”پياسي“ سڀ ڪي پنهنجو بڻاءِ، اڻ جهڙو نه خزانو آ.

۴. سياڻن ٿي نه پاڙ

سياڻي ٿي نه رکُ ڪجهه پڙي، سياڻي مان نه ڪجهه سرندو؛
اٿئي ڪرڻو ڪر هاڻي، هينئر مان ٿي سڀ ورندو.

۱. سياڻن جي سڌ نا ڪنهنکي، سياڻن مان تو سياڻو ٿئي؛
سياڻن ٽولي سو يمُ ٻڌجي، مٿان آخر اچي ڪرندو.

۲. پلن مان پهر ٿي ڏينهڙا، ڏينهن مان سال ٿا ٻڌجن؛
ائين هر ڪو اجل پاسي، سمجهه سياڻا وڃي سرندو.

۳. اڪيئين پنهنجي ڏسين وينو، ڪئين ڪوُنڌ ر وڃن هلندا؛
ٽنبو ڪڻ تون ”پياسي“ سو، هلين آڌ ر جنهن ترندو.

۵. مست هاٿي

سدا رهـ ساوڌان - من ٿئي مست هي هاٿي.

۱. رشي مني اڻ ڪئين ڪيرايا،
وڏا جُنگ جوان - من ٿئي مست هي هاٿي.

۲. سارڻ ڪنيو ڪڻ و ويڪ ويراڳ جو،
ڪيڏ لون موهه اگيان - من ٿئي مست هي هاٿي.

۳. من جيتيو جنهن، جڳ تنهن جيتيو،
ويدن اهو فرمان - من ٿئي مست هي هاٿي.

۴. ناهين ديهي تون، من چت ٻڌ اي،
ٿي رهه نر ايمان - من ٿئي مست هي هاٿي

٢. سنڪلپ وڪلپ سڀ مٽائي ؛
وشين ڪي ڇڏ بنڌ ھٽائي ؛
آنند ۾ ورلي جوڙ - منڙا ! من پنھنجي ڪي موڙ .
٣. پنھنجي روپ ڪي پاڻ سڃاڻ ؛
دُور ٿيئي ساري چِڪتاڻ ؛
بعدن ٻيائيءَ ٽوڙ - منڙا ! من پنھنجي ڪي موڙ .
٤. سيڪجھ تنھنجي آنند ۾ آھي ؛
وشين ۾ وينين پاڻ پلائي ؛
خيما آلي لون ڪوڙ - منڙا ! من پنھنجي ڪي موڙ .
٥. ھي ھوُ جو ڇڏ ڀيد ڀلائي ؛
جوٽي سڀ ۾ ساڳي آھي ؛
آواگمن ڪر لوڙ - منڙا ! من پنھنجي ڪي موڙ .

٣. جيوَن ھڪ بھانو

جيون ھڪڙو بھانو آ، تيڏو ھتان تو روانو آ .
١. ڀليو آھين ڇو مايا تي، ڪوڙيءَ ڇاٽيءَ ڇايا تي ؟
ڪڏين ڇو لن ڪايا تي ؟ ھتي نہ ڪنھنجو ٺڪاڻو آ.
٢. ڪُل جوين تي نہ ڪر ايمان ،
وديا وسنوُ سڀ ڪوڙو گمان ؛
مورک من ۾ ذرڙ ذيان ، ڇڏڻو تو ھي جھانو آ .
٣. ڪنديِن جيڪي ، سوئي ڪٽنديِن ،
پوکينديِن جو ، سوئي لڻنديِن ؛
ھت نہ تہ پو ذاپا ھڻنديِن ، ھت نياءَ وارو نظرانو آ.

٣. ڪنڊ مستان ڪال بيٺو آهي -
پر ڏيهه ۾ ويٺين ديرو دمائي ؛
"پياسي" هاڻي تو اُٿڻ جڳائي -
سمر هلڻ جو لون سار ٻڌا !

٨. نام ڳايو

اُٿي اَمرت ويلي - اَمر نام ڳايو ؛
اَمر نام ڳائي - اَمر پد پايو .
١. اَمر اوم نالو - ڪري تون اُجالو ؛
ٿوڙي اَلدر ٽالو - پرم سپ پڇايو .
٢. پاڻ ڪي پڇاڻيو - سچو سون سڃاڻو ؛
جڳت تو مساڻو - تنهن موهه مٽايو .
٣. ٻٽي ٻريو "پياسي" - ڪپيو ڪرم ڦاسي ؛
ٿوڙيو اُئين چوراسي - لعل لنو لڳايو .

٩. ويسر ۾ ڇو ؟

وينا ڇو وساري وطن سو آباڻو ؛
ڪوڙيءَ اوهين ڪايا ڪريو ڇو ٽا ماڻو ؟
١. جڳ مسافرخانو، ٽيڻو تو روانو ؛
ڪڏهن ڪين ٽهڪي، گهر پنهنجو ڄاڻو .
٢. سنگي جڳ ساٿي، ڏيندا ڪين هاٿي (مدد) ؛
نڪي باغ بنگلا، نڪي ويس ٽاڻو .
٣. ٽڏهن توهين "پياسي"، ڄاڻي جڳ ٽاسي ؛
وڃو ٽنهن وطن ڏي، سمجهي جڳ مساڻو .

٥. ست چت آنند روُپ تون آهين،
اُن ۾ رهه مستان - من تنهنجي مست هي هاڻي.

٦. تنهنجو فرض

جڳ آهي سُپنُ جهڙو - نه ڪوئي آهي هت تنهنجو،
سدا تون ٿي رهه ساکي - پڇين ٿو ڀاسي تون تنهن ۾ ڇو؟
١. جڏهن آيو هئين جڳ ۾ - رنو ٿي تو، کليا ٿي لوڪ،
ڪري وڃ تون ڪم اهڙا - کلي جڳ ۾ نه ڪوئي تو.
٢. هن بازار جڳ جي ۾ - وڪامن چيزون لک هزار،
سچو سوُدو تون ڪر سوئي - هلي سنگ ساڻ تو سان جو.
٣. ڀلو ڪر ڀيو سدا سڀ جو - ڀلي تو سان رکي ڪو وير،
اُهو ئي "پياسي" لطف ڏين تون -
جيڪي پوکيو تو هت هوندو.

٧. غفلت ننڊ ۾

غفلت ۾ نه گذار بندا - اُٿي جيوَن پنهنجو سڌار بندا!
١. ٻچن ٻنا جو وقت گذارين -
ڪوڏيءَ بدلي سو جنم هارين؛
ڪن ڪن چو نه سائين سنڀارين -
ڏهاڻ ڏٺيءَ جو تون ڏار بندا!
٢. وڪار ٽڙي ڪر اندر اُجارو -
شيوا ۾ گهار جيوَن سارو؛
ڪوُڙ ڪپت ڪاره ڪري ڪنارو -
اَلک جو نانءُ اُچار بندا!

١١. چيت

لون ست چت آنند راشي ؛
پئين مايا ۾ ڇو ڦاسي ؟ لون ست چت ......

١. پنهنجو پاڻ پيارا پلائي، وينين دل دنيا ۾ لڳائي ؛
پنهنجو پاڻ پاڻيهي ڦاسائي،
ڇوتو پاڻ تي ڪرائين هاسي ؟

٢. توکي ڪام ڪروڌ جڪيڙيو،
توکي لوڀ موه آ وکوڙيو ؛
توسان اهنڪار ناتو جوڙيو،
تئين پوڳن جو تون واسي ·

٣. ڇڏ ڀرم پنو جي ياري، ڇڏ خيال سارا سنساري ؛
ڪر دور اگيان انڌاري، بڻ مايا جو نه "پياسي".

١٢. لولي

لعل منهنجا تون دل ۾ ڌار، الک نرنجن ڪين وسار ؛
جوني لنگهائيندء دکن مان پار،
الک نرنجن ڪين وسار

١. ناهين اهو تون هڏ چم ماس،
ديهيء دک ڪري مٿان ڪرين تراس
هنٽرو پيارا مُور ڪين هار، الک نرنجن ... .

٢. لعل اندر لو لالي وسي ٿي،
لوچ ڪج تون تنهن سچيء جي
ٿي پنيان ڪين جيوت ڳار، الک نرنجن ....

١٠. مايا جار

(١)

هر جا وَسي تو آتما، سياڻا سدا ڌيان ڌر؛
پيڇ جنهن ۾ ناهه ڪوئي، سياڻا سدا خيال ڪر؛
مايا پلائي موهه ۾، ٿي ڪيرائي وَر وَرِ؛
دک ڪارڻ نا پيو، سوچي ڏس تون سراسر؛
مايا ويري آهه تنهنجي، جنهن ڪيرايا وير هنِ؛
وڏي دشمن آهه تنهنجي، جنهن ليٽايا ڌير هنِ.

(٢)

رج پنيان ٿي ڊوڙائي، مايا اها موهڻي؛
يوڳين ۾ ٿي ڪيرائي، مايا اها ڊوهڻي؛
اڳي جنهنجي شڪتي پنهنجي، ساري آهي کوهڻي؛
نشي اُن ۾ ٿي وڃي، اُمل آرجا جي مٺي؛
مايا رچيو سنسار آ، مايا جو هي کيل آ؛
زال پٽ ۽ گهر جو، مايا بڻايو جيل آ.

(٣)

ڪوريئڙي جيئن جار ۾، ڦاٿهي اچي ڦاٿهي ڦٿين؛
جئن لڇين لنُ وَٽ ڦسين، ڦاٽکي ڀڙين پنهنجي هٿين؛
آتم مان بندو بڻي، عرشان تون فرش تي لٿين؛
ڦرندين وَرِ چوراسيءَ چڪر، موقعو اعليٰ جي گُٿين؛
اکيون کولي پرک ڪر، تي پيارا ساوڌان؛
کين ڪرين نرڪ کنڊ ۾، رک ”پياسي“ سو ڌيان.

٣. گهر لون داتا ڪان سندس رڳي ڀڪتي؛
گيان ڌيان پريم ۽ آتم شڪتي؛
ڀلا ئين مايا ڪي، اهڙي گهر ڀڪتي؛
بدد تنهنجا ٽٽن ۽ ملي لوڪي مڪتي؛
ڀائي وسنتو ناسي، ڇو لون نرين تو؟
بنا گهرئي ڏئي پيو تہ بہ تون گهرين تو!

١٤. پريميءَ جي پڪار

پياسي اکيون تڙڦي رهيون هريءَ!
ڪڏهن درشن ڏيندين؟
١. اکيان جي اوندهہ ۾ رهي مان،
پراو لوڙي ڀُولي رهيو آن؛
سچ جي راهہ ڏيکاري پريُو، ڪڏهن پرس ٿيندين؟
٢. وشيہ واسنا گهيري رهي مون،
چت چنچل پيو ڏکي ڪري مون؛
هن مندر هردي اندر، ڪڏهن پير پائيندين؟
٣. ايڪو اگوچر سڀ هنڌ حاضر،
ويد چون ٿا آهين واحد؛
سڀ ۾ تنهنجي جوتي جرڪي، اهو راز سمجهائيندين؟
٤. ڀڪتي چون ٿا سچي ڀلائي،
سيوا ڪرڻ تنهنجي خلق جي جائي؛
ڪولي ڪيامت ڪِڏ موڙهل جا،
مهر جو هٿڙو ڏيندين؟

٣. پيارا تنهنجو ناهي هي ڏيهه،
ڪومت آڏائي ڪين تون ويهه؛
هتي رهڻو ڏينهن ٻه چار، الک نرنجن ....
٤. مايا ماڻ جوين جواني، سونهن شڪتي ساري لاثاني؛
فاني سڀئي مثياچار، الک نرنجن ....
٥. اندران ملمدء رڌ سڌ نوَ ندَ،
ٻاهر آئتي نه سک ان ڪان وڌ؛
”پياسي“ تڌهن تي پريوءَ جو گهار، الک نرنجن....

١٣. ڇا گهر جي؟

بنا گهرئي ڏئي پيو، نه ٻه تون گهرين پيو؛
داتا جي در تي، تي سوالي ڦرين تو!
١. گهرين تو اهو ڪي جو تو ڪين آهي؛
گهرين تو اهو ڪي جو مست من چاهي؛
اصل وستو تون وينيس پلائي؛
ڳالهه اِنهيءَ ڪي ڏس تون ويائي؛
مليئي تو سڀ ڪجهه، نه ٻه تون ڳرين تو؛
بنا گهرئي ڏئي پيو نه ٻه تون گهرين تو!
٢. گهر تون، گهر تون اها وستو جائي؛
سري وچي جنهن سان تو چاهنا سپائي؛
واسنا جي تومان وچي تي صفائي؛
اِنهيءَ م ئي آهي تنهنجي پلائي؛
ڪامنائون ٻئي ڪي ڇو تون ڪرين تو؟
بنا گهرئي ڏئي پيو نه ٻه تون گهرين تو!

٢. تو بنا ڪونه آهي سهائي، هلندو سنگهه نه پيڻ سڳو پائي؛
ٻئي ڪي ٻو ڪيئن چاهيان؟ هر هر ڏيايان. جيستائين....
٣. "پياسي" ٻڌي شل تو لئه ديوانو؛
چيتن ميران جهڙو مستانو؛
نير وهه ۾ وهايان، هر هر ڏيايان. جيستائين ....

١٧. دان ڏيئم

رام رمئيا رام رمئيا، موهن منا ڀڳوان، منهنجا رام رمئيا!
١. توکي ڏيايان، توکي رجهايان،
تنهنجي چرنين سيس نمايان؛
تنهنجا ڪريان ڳڻ ڳان، منهنجا رام رمئيا! ....
٢. رڌسڌ سڀ جو تون ئي خزانو؛
مايا ڪايا، ڪوڙو ڀهانو؛
تنهنجي نا ڪو سمان، منهنجا رام رمئيا! ....
٤. "پياسي" شرن ۾ تنهنجي آهي؛
درشن لئه دانا تنهنجي ٻاڏائي؛
تنهنکي ڏي اهو دان، منهنجا رام رمئيا! ....

١٨. تنهنجي شرن ۾

شرن تنهنجي ۾ آهيان مان، الک نرنجن نارائڻ؛
سر سدا نمايان مان، ٻو دکه ڀنجن نارائڻ.
١. نراڪار روپ انوپ تو، سڀ ۾ پڻ آ رمڻ تو؛
ڪٽ تون پردو اگيان جو، گيان تون انجن نارائڻ.
٢. ڪشت ۾ جن پڪاريو تو، تن کي ڪڏا نا وساريو تو،
مشڪل ۾ آهين سهين اجهو، سک تون ڪندن نارائڻ.

٥. اِڇا اِها آهي ”پياسيءَ“ من ۾،
جيون منهنجو سڦل بڻي؛
ڪڏهن ديوداس کي پريو! شيوا ڏ۾ سيڪاريندين؟

١٥. تمنا

راز تنهنجو مان جاڻان ڪهڙو،
انت تنهنجو لکو پار ئي!
ٻي انت سيئي توکي ڇون ٿا،
تنهنجو لکو ڪو آڌار ئي آ!
١. توکي جاڻان مان نـار دل،
توکي جاڻان مان سهنگار دل؛
ڪر اچي مون اجار دل، رستو نه پيو ڪو اڌار ئي آ.
٢. پيار درخت پوڪ آلد ۾، اچي وس مون من مندر ۾؛
تجلو ٿئي جيئن بنديءَ چندر ۾،
سک بنا جنهن بار ئي آ.
٣. ”پياسي“ گهري وردان تو،
تنهنکي گڻ ڏي دان سو؛
رڳو ڪري جيئن گان تو، جڳ بنا تو خار ئـي آ.

١٦. دل جي چاهه

جيستائين مان جيئرو آهيان،
تنهنجو ئي نالو ڳايان، هر هر ڌيايان.
١. ويري پنجئي ڇڏيان پڄائي،
وڪار سيئي ڇڏيان اڏائي؛
توسان لنوڙي لايان؛ هر هر ڌيايان. جيستائين......

اوڙ اوڙ مکسان مان ڇونڊو وچان؛
منهن ڏٺڙهن "پياسيءَ" نه پيلو ٿئي؛
سهيلو ٿئي؛ سهيلو ٿئي!

٢١. هڪ تمنا

پڙ يوُ توسان ئي رڳي وفائي رهي؛
سدا من منهنجي ۾ سچائي رهي.

١. جو تُنهن ڀاوي، سا ئي ڀلي ڪار[1]؛
لائين هر ڪا لنوَ لنوَ ڪهي؛
[2]Let Thy will be done ليٽ ڌاءِ وِل بي ڊن
اِهو سدا منتر رهي؛
۽ توسان ئي رڳي [3]سڳائي رهي.

٢. راضي رهون رضا ۾، جس ۾ تيري رضا رهي؛
باقي نه مَٿَن رهون، نه ميري آرزو رهي[4]؛
شل اهنڪار رتي نه ڪائي رهي.

٣. [5]تيري اِڇا هو پورڻ، هر ويل رهي اِهائي [6]صدا؛
تنهنجي ملڪ جي واسطي، دل ترقي [7]سروَدا؛
۽ "پياسي" ۾ نه پيائي رهي.

---

١. جيڪي توکي وڻي ٿو، سوئي نيڪ آهي. ٢. تنهنجي اِڇا پوري ٿئي. ٣. پنهنجائپ. ٤. تنهنجي ڪرڻيءَ تي راضي رهان ۽ باقي نه مان رهان ۽ نه مون کي ڪا اِڇا رهي. ٥. تنهنجي اِڇا پوري ٿئي. ٦. صدا=آواز، پڪار. ٧. سدائين.

٣. "پياسيءَ" اڄ پڪار ٿئو، وٺيو نراسائيءَ ور ٿئو؛
ميگهه وسائي مهر جو، توڙ ٿئون ٻنڌن نارائڻ.

١٩. منهنجو آڌار

منهنجو آڌار آهين، هنئين جو هار ٿئون؛
گوبند غمخوار آهين، دکين دلدار ٿئون.

١. سينو سيج ناهيان، توسان ٿئي پيچ پايان؛
تنهنجي ٿئي داسي آهيان، آهين ڀتار ٿئون.

٢. مطلبي جڳ سارو، ٿئو ڪ ٻ نيڻ وارو؛
ڪريان نہ تنهن پيارو، منهنجو سينگار ٿئون.

٣. تنهنجو ٿئي نام گهران، پريم جو جام گهران؛
ٿئو ٻ آرام گهران، جو "پياسيءَ" ٺار ٿئون.

٢٠. انت سهيلو ٿئي

سهيلو ٿئي، سهيلو ٿئي؛
پريو انت منهنجو، سهيلو ٿئي!

١. انت مهل پريو جپيان تنهنجو نالو؛
پيئان پريم تنهنجي جو، ڀرِ مان پيالو؛
وٺان آنند اُن مان، نرمل نرالو؛
مرڻ مهل منهنجي، اڳيان ٿئي اُجالو؛
ائين توسان منهنجو ميلو ٿئي؛
سهيلو ٿئي، سهيلو ٿئي!

٢. هلندي هتان مان نہ هڄندو وڃان؛
موهه جا ڏکڙا، نہ سهندو وڃان؛
خوشيءَ مان خاوند، مان کلندو وڃان؛

٢٢. اوم تت ست ٻول

اوم تت ست ٻول، پيارا! اوم تت ست ٻول

١. اندر تنهنجي ۾ رت سڌ خزانو؛
جوڻيءَ مايا جو ٻڌئين دي
ٻاهر ڪجهه ڪين ڳول، پيارا! اوم تت ست

٢. ست چت آنند روپ تون آهين؛
دکن پندار جو پاڻ کي پائ
اکيون اندر جون کول، پيارا! اوم تت ....

٣. مانجهاندي ماڳ وطن تو جاتو؛
تنهن سان اڙايئہ نينهن جو
دکہ ورتا تو مول، پيارا! اوم تت ....

٤. هرڻ جان تون رڃ ڏي ڊوڙين؛
ڪستوري اندر ۾ ٻاهر ووڙ
مورکہ پاڻ نہ رول، پيارا اوم تت ....

٥. پاڻي تو وهت، ٻڌئين ”پياسي“
جڳت ڪري جو نہ توکي هاس
تنهنجي شڪتي امول، پيارا! اوم تت ....



ڪتاب ملڻ جا هنڌ

١. نوجوان ساهتيه منڊل- نواب ڪا بيڙا، اجمير.
٢. سرسوتي ساهتيه گهر- نواب ڪا بيڙا، اجمير.
٣. هندستان ڪتاب گهر- ١٩-٢١، حمام اسٽريٽ، فورٽ بمبئي.
٤. شري ڪيمچند اي. ايس- معرفت چارمس- ٥٠ ڪاز وي، بمبئي.
٥. شري ايل. ڪشنچند ائنڊ سنس- بوڪسيلرس- ڪلياڻ ڪئمپ ٢.
٦. شري جگديش بوڪ ڊيپو- ڪلياڻ ڪئمپ ٢.
٧. شري گنگارام سي. پاڳيا- DBZ ايس ٣٠، گانڌيڌام.
٨. شري ٽلومل درهياڻي ماستر- باغ مظفر، چترا ٽاڪيز پرسان، آگره.
٩. شري هرشچندر ٽانورداس، وڏيه معرفت شري ڪشنچند واڇميڪر، گول ٻزار، بلاسپور.
١٠. گوبند بوڪ اسٽور- بيراگڙه (ڀوپال).

هين شهرن ۾ سڀني سنڌي بوڪسيلرس وٽان پڻ هي ڪتاب ملي سگهندو.

Printed by Shri Radhakrishin Pribhdas at the
Amar Bharat Printing Press, Ajmer.
&
Published by Shri Deepchandra *M. A.*
Sindhi Colony, Ajmer.